غلط ۽ ڪوڙو دوهو نه ڇڏجي ان کي اڻ ٻاپ سمجھيو وڃي ٿو. جيئن ته :—

”ڪوڙي دوهي ڇوڙ ڪر - پاڪ سٽتا جو نيم ؛
ڪبج هيٺت دوها ٻري ڪڻو هتيا لس هونيم.“

هاڻي هيٺ چت کي ڇرڪ ڪرڻ جو دوهو پيش آهي :—

دوهو چت چڪت ڪري - دوهو چت ر وچين ؛
دوهو درد اُپاءُ هئه - دوهو دارو آهن.

دوهو چت کي ڇرڪ ڪري ڇڏي، دوهو چت کي آرام ڏيندڙ آهي. دوهو درد جو اُپاءُ آهي دوهو درد نه پيدا ڪري ٿو. دوهو دوا ۽ دارون جو ڪم ڏئي ٿو.

Add :— 900, Mir Bakhshi Mohala, Dariba Pan Street, JAIPUR (Raj)

شاعر سان ڪڏهن ٻارڪ پيسان آهيان مان ؛
جڳ نديءَ مثل ۽ انسان سمان آهيان مان ؛
هر بدن کي ٿي جڏهين ڇوهه منجهان ڇنڪالان ؛
زندگيءَ جي ڪڏهن تصوير عيان آهيان مان.

(دلگير)

ڏ ٻار ٻڌڻ دوھا ٻ وچيا ويندا آھن. جيئن تہ:—

”ڪال دڪال نہ مري - ٻامڻ، ڪري، اولست؛
وو مانگي، ھرڻ ڦري ڦري چري وو. آئو ٻاوي ھؤلت.“

ڪال ٻوي ٿا ديش ۾ ڏڪار ٻوي ٿو ٻانڀڻ، ڪري ۽ اٺ ٿي ڪو فرق نہ پوندو آھي. ٻانڀڻ کي ٻئو ڪو ڪاج ملگل جو ڪٿ ٿاھي تہ ڪو ھرج ٿاھي سٽڻيؤ ڪٽي لکرندو ٻاھر. ڪري ۽ ڪتان تہ ڪتان چري ايندي. اٺ جو قد ۽ ٻنڊو ڏکھو آھي جو ڪيڏو ۽ ڪٽي وڻ وڏو ھجي ٻر ڪاٽي ايندو. ڪري چري اٿيھ طعام تہ اٺ چري جلتھ طعام. ھاٺي ھيٺ ڪي دوھا ڙھو:—

(١) ”ڪيو تہ جوان ٻاڙي - مؤوا نہ جھري ڪرھ؛
اڪ ھوٺي، ھوٺي ٿھن، ھوٺي ھرھ سو ھوھ.“

(٢) ”ڪاڳر ڳورو ھت ڳھٽر - ڪيسي الڪون ڦاٽا؛
ساڳر ۾ جل ڀوُس ھٿ ڪاڳر ۾ نہ سمار.“

(٣) مرگ تہ واڇيو واٻرو - ادوا نہ وؤليو ميٺھ؛
جوان چاڙ ٻڙو ليڏون ھاري ڏيھ.“

(۴) ”آڳ لڳي ول ڪنڌ ۾ داھيا چندڻ ولس؛
ھم تو داجھيا پنکون - اڙ ڪنون داجھي ھس.“

واٻرس جا دوھا سنڌو واڳ ۾ ڳايا ويندا آھن. جيئن تہ:—

”اُملان ڪووا ٻاجيان مڇي - ٻندان مئو آر؛
جالڪڙا دوھا ديئي سنڌو واڳہ مجھار.“

راجستان جو ٻرسڌ راڳ مانڊ ۽ دوھن ۾ چئو ويندو آھي. ٻھران ھو دوھو چولندو ۽ ٻوءِ الجي ڏن ۾ ٻدولڪ ۽ ٻيا ٻ ساز وڄندا آھن. دوھو اُلي چيو ويندو آھي جيڪو دوھي کي جاٺي. اُڏ کي جيڪي ٻورو ڪن اُھي سجاڻ ڪھن. ڪري جوي تو:—

”دوھو تھان ڪھجئي - جھان ٻيٺا ھوھ سؤجاڻ؛
اُڏورو ٻاورو ڪري - ٻاورو ڪري بسڪاڻ.“

دوهي ۾ ڪلا جو روپ اچي وڃي. ٻه چار هجن، ٻه ٽي ٻيا وانگر ڪنهن سان وانگر جيئن جيئن مک مان نڪري لهجي گتي ۽ آواز جي مٺڙي لڳي. بس! ٻوءِ دوهي لاءِ رهيو مان ڇا چوان.

هڪڙي ڪويءَ ته دوهي کي درگاهه جو روپ ڏنو آهي. چوي ٿو:—

”دوهو ٻه ٻو ڪتي ٻيال - نرتا، رانسي، اوڙي،
ڏوهو تار ٽپال - دوهو دوس درگاهه نو.“

دوهي ۾ پڇهو بيان هجي، ٻيال وانگر. دوهو تار وانگر ٽپال هاطي ۾ ڪم ڪندو آهي. دوهو چڱ درگاهه جو دوت آهي.

دوهي ۾ اکرن جو جڙاءُ ۽ تمام گهٽ ڪم آڻيا آهن. انڪري وڏو ته وڏو ٻر نيدو ٻار ٻه سولائيءَ سان ياد ڪري سگهندو آهي.

(١) ”ڪامڻ ڪيا ڪمال - ڪانڌي، ڪرڙي، ڪڙ ٻسڙي،
ٻاڻ ڪو ٻرتال دوهو اُمارا، دس او.“

(٢) دوهاءِ لا - ٻي . کيل گهال . گهاءَ ني جيرو ي،
ماٿا نسا هوءِ ڪيل نٿي، وابجان ٻسو ٻسڙا.“

راجستاني ٻاءِ ته ليڪ ٻر ٻورو ٻارس دوهو چولدو آهي، ٻر راجستاني جنتا ۾ دوهو اٿرو ته رمل ۽ رچيل آهي جو هر ڪنهن جي گهر جي ٻنين تي هن دوهي کي رماسو ۽ رچارو ويندو آهي. وهانءَ جي شب ڏينهن تي ۽ سيٺن کي ٻرچڻ ڪرائڻ وقت سيٺن کي هڪ دوهو ڏيندا ون آهن. ڪنهن ٻار جي جنم ڏينهن تي ڙالون گڏجي گيس اٿ ۾ ڳائي دوهي ۾ ٻار جو سواگت ڪيو ويندو آهي. ٻه ۾ ورا رس جا دوها ٻڌي اسرڻ جي رڳن ۾ بجلي ٻوڙڻ لڳندي آهي. جيئن ته:—

”ٻيٺي هٿي ٻٽ تي - ٻيرو - ڏا ن - تلوار،
ڪڇ ۾ ڪنهنجي ٻار - لکتي کي لطيف چئي.“

ڪڇ ملڪ تي آيدا آئي آهي. حاڪم چڙهائي ڪئي آهي. ڪڇ ملڪ جي تلوار ٻيرهن ڏينهن کان وني ٻٽ تي ٻيٺي آهي. ٻر ڪڇ جو ڪنهنجي ڪڇ ۾ ٻار ٿو ماي سر لکتي کي لطيف چوي. ڪڇ جو ٻار لاکي جام ڪيهو.

دوهي کي ڪلا ٽيندڙ روپ ۾ ٻڌ رو ڪري سگهجو آهي. ڪلا ٽيندڙ دوها ٻه ٿهڪ

منهنجو رنگيلو، رسيلو راجستان:
دوهي ۾ دوهي جو بيان.

□ ويرو بسنتاڻي ”رتن“

دوهو شبد، ان سٽن ۾ سڀ کان ننڍي ڇند ۾ جوڙي، وڏي ڳوڙهي ڳالهه چوڻ کي ئي دوهو چيو ويندو آهي ۽ ان ۾ ئي دوهي جو شان آهي. دوهي کي ڳاگر ۾ ساگر ئي چوندا آهن. يعني ننڍڙي ڳاگر ۾ سمنڊ جهڙو اونهو سمايل هجي. ننڍي ۾ ننڍي لکن کي جوڙي دوهو ٺاهيو ويندو آهي. جيئن ته:-

”چوٽي لک رو دوهيرو، گهٽ، کرت، کر ڀوپ؛
جيسي هرنل، چنل کرن رهير، ڪؤ وامن روپ.“

ننڍي لک جو دوهو. گهٽ، کوتا کي ئي رچنا ڀوپ والکر آهي. جهڙيءَ طرح وامن اوتار جو قد ننڍو تمام ننڍو هو. اهڙيءَ طرح دوهي جو ئي ڇند ۾ ننڍو قد آهي.

پرسڌ رحيم ئي دوهي جي واکاڻ ڪندي چون ٿا:-

”دوگهه، دوها ارٿ کي، ئي اکر ٿورا آهه؛
جيون رحيم نٽ ڪنڊلي سمٽ ڪوُد ڪڍ ڄاهه.“

جيئن نٽ جو ڪارنامو تمام ڏکيو آهي ۽ ڪٺن آهي تيئن دوهو ٺاهڻ به ڪا سولي ڳالهه ناهي. دوهي ۾ اکرن جو هڙاءُ ڪجي.

رحيم چوي ٿو:—

”روپ ڪٿا، پد چارُو، پٽ ڪنچن دوهالال؛
جيون جيون نرکت سوُکشم گتي مول رحيم بسال.“

پنهنجي سڀيتا ۽ رتين رسمن کان واقف ٿي سگهندا. سنڌي ساهت ۽ اخبارن جو ڪاٿو به وڌندو.

سنڌين ۾ ايڪتا جي اوڻايو آهي اهو آهي اڻ سهپ ۽ ڦوٽ. جيڪڏهن اسين سنڌي اهو اوڻايو ٻارن مان ڪڍي ڇڏيون ۽ هڪ ٻئي سان همدردي ڪريون، ڪاهو ڪاهي سان ملائي اڳتي قدم وڌائيندا هلون ته جيڪر اسان جي قوم اڃان به وڌيڪ ترقي ڪري ۽ اسين هر ڪنهن ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

سنڌين وٽ پنهنجو دماغ آهي، پنهنجو عقل آهي، لکن آهي ۽ دان ڏيڻ جو ڳڻ آهي. ان ڪري ئي هيءَ قوم پنهنجي هستي قائم رکي ويئي آهي نه ته جيئن هن قوم ڪشت ڪشالا سٺا آهن، سنڌ مان برباد ٿي هتي آيا هئا ليڪن جيڪڏهن اسين سڀ قوم هڪ جي ها ته هن کان اڳ پنهنجي هستي وڃائي ويهي ها، بيڪاري بکجي پيٽي درد جون لوڪرون کائي ها.

Add :— Hindu Daily, Khari Kui, AJMER

ناز مان اڄ اڃان - گيت ٿي ڳائيندي وڃان ؟
ته ۾ سمنڊ ڏي قدم پنهنجو وڌائيندي وڃان.
"اڳتي اڳتي وڌو! سڀ مرڪندا منزل ڏي وڌو"
اهڙو سنديش سرشٽيءَ کي سڻائيندي وڃان.
(دلگير)

۽ ترقيءَ ۾ هر وقت اُپاءُ ڪندا رهيا. آخر سنڌين همت هٿي هند کي ۽ هن قوم جا لاڙا سڃاتا ويا.

واپار جي هر مرڪز ۾ هن قوم جو قبضو آهي ۽ اُن ڪري خوش نه. مهاجرن عام جنتا ۽ خوش چاڪاڻ جو واپار ۾ هن قوم جي قبضي بعد هر شيءِ سستي ملڻ لڳي. جيڪي شيون جن هندن لاءِ مددگار ٿيون هيون سي ۽ هن اٿي عام جي پهچ ۾ ڪيون. اڄ غريب جنتا جيترو سنڌي واپارين مان خوش آهي اوترو اُنهن جي لوڪل واپارين مان ڪين آهي.

سنڌي جڏهن پاڪستان کان لڏي آيا ته ڪن پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ سڀيتا کي زنده رکڻ جو ڏاڍو اهم جيڪڏهن سست ٿي وڃن ها ته اهو وڏن کان ماٺ ويهي ها ۽ اهو به وڃائي ويهن ها. مگر اُن وقت نوجوان اديبن ۾ جاڳرتا پيدا ٿي ۽ هو لڪري لوڙ لڳا، ڳليءَ ڳليءَ نگر اڳر ۾ سنڌي ٻولي ۽ سڀيتا جي سڪ هلندا هلندا هليا. پنهنجون ٽوليون ٺاهي ڪيمپ ڪاليجن ۾ پيش ڪندي ٿيٽرن ڪندي پنهنجي منزل مقصود کان واقف ڪندي سنڌيءَ جو ناد وڄائيندي ديش جو رُخ ڪندي پنهنجيءَ ٻوليءَ سنسڪرتيءَ کي بچائي ورتائون. البت اُن ڏينهن جي معاملي سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو ضرور رسائو آهي.

اڄ هيءَ قوم ميلا ورسيون وغيره لڳائي نوجوان پيڙهيءَ کي پنهنجيءَ سڀيتا ۽ ديش ڀڳتيءَ جي چاهه ڏيئي رهي آهي. اڄ جتي بزرگ ليکڪ سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ پنهنجو قلم هلائي رهيا آهن اُتي نوجوان ليکڪ به ڪلاڪار ٿي رهيا آهن ۽ هو هن ڏس ۾ خوب قلم آزمائي ڪري رهيا آهن. ڪيترا سنڌي اديب سنڌيءَ سان گڏ ٻين ٻولين ۾ به لکي سنڌي قوم جو نالو اوچو ڪري رهيا آهن. سنڌي اخبارن ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي زنده رکڻ، پنهنجيءَ قوم جي مسئلن کي سرڪار تائين پهچائڻ، سنڌي سرگرمين جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ خوب ڀاڱو ورتو آهي. البت عوام جي طرفان جيترو ساٿ اخبارن ۽ ليکڪن کي ملڻ گهرجي اوترو نه ملي رهيو آهي. سنڌي ادب ۽ سنڌي اخبارون پڙهندڙ وڃن ٿا گهٽبا.

اڄ ڪله ٻارن جا مائٽ پنهنجا فرض وساري ويٺا آهن. هنن جو فرض آهي ته پنهنجن ٻارن کي پنهنجي مادري ٻولي سنڌي ضرور سيکارين. پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجن ٻارن کي وانجهي ته پنهنجيءَ قوم ۽ پنهنجي اولاد سان دوکو ڪري رهيا آهن. سنڌي ٻولي سکڻ بعد ئي ته هو پنهنجيءَ قوم جو ساهت پڙهي سگهندا

❁ دلير سنڌي ❁

■ اشوڪ وزياڻي

سنڌي هڪ دلير ۽ محنتي قوم آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ اچڻ بعد هيءَ قوم ختم ٿي وڃي ها ۽ سنڌس نالو نشان به نظر ڪين اچي ها. ديش جي آزاديءَ لاءِ ٻين سڀني قومن کان وڌيڪ هن قوم ساٿ ڏنو جو سڀني کي پنهن جا پرانت مليا مگر سنڌين جو پنهنجو پرانت سنڌ سڄو پاڪستان کي مليو ۽ انهن تعصبي مسلمانن جن پاڪستان گهريو هو سي ڪٿي ٿا سنڌي هندن کي سنڌ ۾ رهڻ ڏين. جان مال ۽ عزت خطري ۾ ڏسي سنڌي هندو سڀ ڪجهه اتي سنڌ ۾ ڇڏي ڀارت ڏانهن اسهيا. ان وقت ڪنهن کي چئو ته اسين پنهنجي ٻولي ۽ سڀيتا قائم رکي سگهنداسين. سنڌ مان لڏڻ وقت ڪن ائين پئي چيو ته حالتن ۾ ڦير ايندي ۽ اسين واپس پنهنجي وطن ويندا سين ۽ ڪن وري ائين پئي سمجهيو ته ڀارت هڪ وڏو ملڪ آهي، جنهن ۾ ايڪ پرانت آهن، خبر نه آهي ته ڪهڙو شخص ڪٿي وڃي رهي، پوءِ اسين ڀاڻ ۾ عزت ڪيئن گڏ جي سگهنداسين؟ شايد انهن خبر به نه پوي ته ڪير ڪٿي ٿو رهي. اهو پڻ هر انسان جي من ۾ هو. ان وقت جي هراس ۽ ڊپ جي نظارن جي ياد اڄ به تن ڏڪي ٿي وڃي. جڏهن اهي ڳالهيون وڏن کان ٻڌنديون آهيون ته هن انهن نظارن جي ڪلپنا ڪندي سوچيندا آهيون ته ڪيڏيون نه تڪليفون سٺيون آهن اسان جي سنڌي قوم.

آزاديءَ جي لاءِ گهڻي ۾ گهڻي قرباني ڪئي آهي هن دلير سنڌي قوم. ڀارت ۾ اچڻ بعد ڪين اٿي لٿي ۽ اڄ جي ڏي چنتا هئي ان ڪري معصوم ٻار جن جي اسڪولن ۾ پڙهڻ جي وهي هئي سي ريل ڏاڏن ۾ گوليون بسڪوٽ وڪڻڻ لڳا. نه صرف ايترو ليل مالش جو ڪم به انهن سنڌي معصومن ڪيو. ڪيترا هلندڙ ٽرين مان ڪري اجل جو شڪار به ٿيا مگر هن دلير قوم ڪنهن جي اڳيان پنهنجو هٿ نه ڦهلايو هن سوابيماني قوم پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ خوب ڀاڄ پٽو ڙايو. رات هجي ڏينهن، سردي گرمي

اچ ڪالهه ڪاڏي. جي سستولن وڪڻ لاءِ ڪئارن جو ڏيان رکي ۽ ٿامن وارا جلد هضم ٿيندڙ ٿاڌا ۽ رسان ڪاڌا کائڻ گهرجن. بهتر کي آرام ڏيڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ورت ۽ اپواس به رکڻ ضروري آهي.

ڌارڻا، ڌيان ۽ سماڌي راح ٻوگ جي اندر اچن ٿا. ڏسو ته سنسار ۾ وڏا وڏا ڪل ڪارخانا به ڪنهن پڌمان ۽ چيتن انسان جي سهاري هلن ٿا. آڪاش، واءُ، تيج، جل پرٿوي، سج، چنڊ، گره، تارا وغيره سڀ ايشور جي حاضر ناضر هئڻ جو ثبوت ظاهر ڪري رهيا آهن. اهي سڀئي جنهن مان پيدا ٿيا آهن، جنهن ڌوارن هلايا ٿا وڃن اهو آهي هڪ ايشور، سڀني جو اثرت اپادان ڪارڻ هڪ ئي پرماتما آهي. مانش چولو سڦل ڪرڻ لاءِ رفتہ رفتہ ڌارڻا، ڌيان ۽ سماڌيءَ طرف وڌجي ته ته سمجهيو ويندو ته آتما سان ڏوکو ڪري رهيا آهيون. ساڌڪ کي گرو جي ته شرڌا، پريم لشنا ۽ شڌ ڀاونا سان ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش کي اکيو رهي. اهي چار پدارٿ به ڪڏهن ٿا ملن، جڏهن شرڌ لذوسعه آهي. انسان جي لشڪرڻ لئين، ٿاڙان ۽ اکيچار ستل شڪتين، سمتنا ٿاڙي، ڪنڊلني ۽ چڪرن جاڳائڻ ۾ ٻوگ وڌو ڪم ٿو ڪري. ڀاونا جا پرماڻو تمام سوکيم ٿا ٿين. اهي طاهر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن، ڪنهن گيان ڌارڻ جو ڌيان ۽ آزمودو ڪنهن کي ٻيا ڪنهن رڪاوٽ جي پدارٿ جي ارت سان وهڪرو (سمبند) هلندو رهي، اهي سد ڀاونا جهڙو پرسار ڪن ٿا. "आनन्दो ब्रह्मोणोहपम्" يعني جتي لهر من ۽ لهر مالاءِ ته گرو جي نمر ئي پري هڪ ارهم سروپ ئي هوندو آهي جو انل ۽ موڪش پد پراپت ٿئي ٿو. ٻوگ ساڌن ڪرڻ وارو منش وڌ ڪري ڪوشش ڪرڻ سان سماڌيءَ طرف جلدي پهچي ٿو. چڪرن کي جاڳائي ٿو، منزلون طئه ڪري ٿو. آڌ ڄڳاد ڪان دليا ٻي رستن طرف هلي پهچي، هڪ آهي پرڪراد، ناستڪ يا راڪشسي پرورتي، جنهن ۾ وام مارگي (چارواڪن) جو آدرش آهي. اولهه جا ملڪ گهڻو ٿو Eat, drink and be merry ڪائو پيئو ۽ عيش ڪريو رستي تي هلي رهيا آهن. انهن ملڪن ۾ گريب ارونڪ گرڙن جو واهپو وڌندو پيو وڃي فيشن ۽ آڪهاڙيب، ارام پنڊ، طلاق نياما ۽ گهر گرهستي ٻاهرا ڏولي آهي. سماج جو ٻنڌن ۽ انتظام ٻارو ئي چڪر آهي. ڪام واسنا جو ساهتيه - ڪلبون - سنيمائون - شراب خانا - گناهه گهر - پاپ - ايراڌ - مالڪ تماشون وڌندون پيون وڃن. اهو رستو آهي لباڪس سداچار ۽ سرشٽاچار جو. ان رستي تي ڀارت جي وشمن مندن هلي جڳت گرو جي پدوي پاتي. ٻوگ جي مڻين الن ارگن تي هلي سماج کي پرم آنند جو انڀو ڪرائي، سنسار کي ته آتشبازيءَ جي ٻاهرا جنگين ۽ اشانتيءَ مان ڪڍي پرواتيو آنند ۽ سک جو انڀو ڪرائڻو آهي.

Add :- Hathi Bhatta, AJMER

۽ طريقا پراڻاايام جا آهن.

روزي جي اڳ ۾ پراڻي آهار يعني ٻڙ - ٻير - آسڻ - پراڻاايام وغيره ڪرڻ سان ڳڙ ۽ ڳڙ هر ڪنهن کي سالوڪ کاڌي کائڻ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. شرير کي هلائڻ ۽ ان جي گرميءَ کي قائم رکڻ لاءِ کاڌو ضروري آهي. ڪي ماڻهو آسڻ ڪرڻ سان بک گهڻي لڳڻ جي ڪري اهڙو ته گهڻو کائيندا آهن جو بدهاضمي جي ڪري بيمار ٿي پوندا آهن. گهڻي کائڻ سان ضرور بدهاضمو ٿيندو. ڪي وري اهڙو ته چوندا آهن جو بک لڳڻ تي به اصل گهٽ کائيندا آهن. اهڙا ماڻهو اڌ ۾ سڪندا ويندا آهن. ڪي وري غير واجبي پدارٿ بي وقتائتو کائيندا آهن. اڄ ڪلهه حلوائن - هوٽلن - ڪوفتن - گانڌن وارن وٽان سڙيل کاڌي اڪثر گرم پڪوڙا - آمليٽ - ڪچوريون - سمبوسا - سگريٽ - پڪوان - پوريون - ڪوفتا وغيره جو شوق ماڻهن ۾ وڌندو ٿو وڃي. جنهن ڪري پيٽ جون ۽ ٻيون نون نون قسمن جون ڪيتريون بيماريون پيدا ٿينديون ٿيون وڃن. اڄ ڪلهه ٢٤ ئي ڪلاڪ ڪيترا ماڻهو چپ جي چسڪي لاءِ الائي ڇا ڇا پيا ٻهرائن ۽ کائن. ان پيٽ جي چنتا لاءِ ڪن ۾ ڪٿ ۾ ڪرڻ کان نٿا گسن. ان کان ته پکي پکڻ ۽ جانور سٺا آهن جو ضرورت کي ڏسي کاڌي صبر ڪن ٿا ۽ کٽي ڪرڻ جي هاءِ هاءِ ۾ ڪوشش ڪن. پيٽ ڀرڻ بعد هو اڳيان ڪهڙو به طعام رکو ته نه چکيندا، پر انسان ڏسو! پيٽ ڀريل هوندس ۽ بيمار هوندو ته به اوڙ ڍوڙ ڀيو هر هر کائيندو رهندو. دنيا ۾ موت جا اڪثر اڪر ٻڌائن ٿا ته بک جي وڳهي فقط هڪ سيڪڙو ماڻهو مرن ٿا پر گهڻي کاڌي کائڻ ڪري نوي سيڪڙو ماڻهو مرن ٿا. چوڻي آهي ته کاڌي کائڻ وقت پيٽ کي چئن حصن ۾ ورهائجي. چڱي طرح چٻاڙي اڌ پيٽ کاڌي سان ڀرجي هڪ حصو پاڻي وغيره سان ڀرجي ۽ چوٿون حصو سولائيءَ سان ساهه کڻڻ وغيره لاءِ خالي ڇڏڻ گهرجي. چوڻي آهي ته "گهڙو ان لهڙو ٿئي من." ڀڳوت گيتا ۾ چيل سالوڪ کاڌي ۽ انهن جي گڻن جو ذڪر ائين ڪجي. هٿ پير مٿين صاف ڪري پرسن چت ٿي ڀڳوان جو پرساد سمجهي ڀوڄن ڪرڻ واجبي. کٽو، ڪوڙو، کارو، اهنڪار، مانس، مدرا، گرم مصالح، چٽ پٽا کاڌا نه کائڻ گهرجن. موسم سارو ساويون ڀاڄيون - ڳوگڙو - گجرون - پالڪ - لوڪي - توريون - ٽماٽا - ساوا مرچ - ڊاڪا - ڦودنو - موريون - ادرڪ - پتي گوبي - ڪچو سلاد - ليمي - سهانجڙي - ڪيرون - ڪريلا - ٻهن - ٻيون - توريون - پيرو - کير - لسي - مٺي مکڻ وغيره جو استعمال ڪجي. موسم سارو ميوا

رکڻ (ابري ڳرڻ) پڇ ۾ ان جو پالڻ ۽ هموار ۾ آڻڻ گهرجي.
پورڪا، ستنڀ، ڪپاليا، ابهياس ۽ ابهر آرامڪا اهي پنج نيم آهن، جن جي پالڻ ڪرڻ سان اندر ۾ آتمڪ شانتي وڌي ٿي.

يوڳين جو چوڻ آهي ته برهمڻ جون جيترا ارن جونيون آهن اهي ٨٣ (چوراسي) لک آسڻ هر ڪنهن لڏا آهن. پر انهن جا ڪجهه حصا ۽ طريقا آهن، جن جي معرفت شرير، من ۽ آتما کي راحت ملي ٿي. جدا جدا بيمارين کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ جدا جدا آسڻ آهن، جن کي قديم زماني کان سدا گرانت پاتنجلي وغيره لکيل آهن. اڄ ڪلهه ته ان لاءِ ڊاڪٽري ڪرڻا ٿي رهي آهي. پيٽ جون بيماريون، دل جون بيماريون، من ۽ دماغ جون بيماريون جن کي دوائن ۽ اڄڪلهه جي علاج جا طريقا ڪامياب نه ٿي رهيا آهن، سي اوڪ آسڻ سان ٺيڪ ڪري ٿو من ۽ آتما کي سنتولت رکيو ٿو وڃي. شو آسڻ ۽ شٿليڪرڻ ڪرڻا ڪرائي من کي آرام ڏئي ۽ ٿڪ ڪرائي ٿي وڃي. آسڻ ورزش، اهي ۽ ستن سمهڻ يا اولڊو سمهڻ ڪيا ويندا آهن. انهن سان شرير ۽ چال ۾ ڪٿي ابندي آهي، نس ناڙين ۾ گرمي اچي ٿي. ڦڦڙن کي به جلدي ڪم ڪرڻو ٿو پوي، ان ڪري خون شڌ ٿو ٿئي. شرير ۾ چمڪ، ڏمڪ، ليڪ، لعلائي ٿي اچي. هن آسڻن جي سڌيءَ سان گرمي سرديءَ جي چوٽ اچي لڳي ٿي. آسڻن ڪرڻ وارو نروڳي رهي ٿو. "اڪ تندرستي هزارها نعمت" جنهن ڪري سڀ ڳالهه ۾ جيون جو سک ۽ آنند محسوس ٿئي ٿو ۽ پرم پد ۽ سمادي تاءِ پهچڻ ۾ مدد ملي ٿي.

پراڻايام سان ڦڦڙن جي ڪسرت ٿئي ٿي. رت جي دوري ٺيڪ ٿيڻ ڪري آڪسيجن وائو (آڪسيجن) وڌيڪ کڻڻ سان شرير کي شڌ (صاف) رت وڌيڪ وڌيڪ ملي ٿو. ڪاربان ڊائي آڪسائيڊ (گندي هوا) ٻاهر نڪرڻ سان شرير ۾ لعلائي، رونق، چمڪ، ڏمڪ اچي ٿي. چالي وڪري ۾ مضبوط ٿئي ٿي. دم، کنگهه، زڪام، اولهه ساهه (ٽي.بي) وغيره ٺيڪ ٿين ٿيون. پراڻايام کي "وائو يد" به ڪري چوندا آهن. وائو يد (آڪسيجن) جتي پهچندو آهي اتان دشمن روڳ ڀڄي ٻاهر نڪري ويندو آهي. جهڙيءَ طرح شرير جي صفائي پاڻيءَ سان ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح زندگيءَ جي اندرين رت جي شڌ ۽ پراڻ وائو سان ٿئي ٿي. لمبا ساهه کڻڻ سان ساهه جي رفتار ۾ گهٽ سوکيم ۽ عدد ۾ گهٽ ٿي ڪجهه جو سواسن جو عدد گهٽ خرچ ٿو ٿئي. جنهن ڪري پراڻايام ابهياسي پنهنجيءَ مرضيءَ سارو عمر وڌائي سگهي ٿو. پراڻايام جا ڪيترن پرڪار آهن. جن ۾ سرديءَ کان بچڻ - جي جهڙپ کان اپڻ - زڪام ۽ ڦڦڙن جي بيمارين کان اپڻ جا ڪجهه قسم

يوگ جي مهما

□ وڏيرا آچاريه ٽولراءِ ٻچاڻي

گرو پراڻ پڻ چيل آهي ته ”دنيا جي دکن کان دکي ٿيل ماڻهن لاءِ يوگ هڪ وڏي دوا آهي. هڪ جهڙائيءَ جو نالو يوگ آهي. يوگ جو مول سدانت آهي سمتا يا هڪ جهڙائي (وحدت) حاصل ڪرڻ. من، بدي ۽ چت جي ورتي جڏهن سمان ٿي وڃي ته ان کي يوگ يا ميلاپ (جوڙ) چوندا آهن.

يوگ جو رستو سڀني ورڻن، آشرمن، جاتين ۽ ذاتين لاءِ پڻ کليل آهي. استري جاتيءَ لاءِ ويد گيان جي منع آهي ۽ اها وهم ڪن هنڌ پڌرا ٿيندا آهن پر ڪن سنياسين ۽ سماج سڌارڪن جهڙوڪ مهاتما گانڌي، مهرشي اروند گهوش، سوامي وويڪانند، مهرشي ديانند، مدن موهن مالويه، سڀاش چندر بوس، لوڪمانيه تلڪ ۽ رويندر ناٿ ٽئگور ۽ ساڌو ٽولراءِ ساڌو هيرانند ۽ هرڪنهن پنهنجي جي ودوان ماڻهوءَ کي زماني پڻ گانڌيءَ جا پڻ ڇڏيا سمجهي ۽ استري جاتيءَ کي هر ڪنهن ڪم پڻ پاڻ سان برابر سمجهي پنهنجي فرض ۽ جوابداريءَ لاءِ قدم وڌائڻ لاءِ چيو آهي. جيستائين استري پاڻ کي اهلا سمجهندي مدد ۽ سهائتا لاءِ تاڪيندي رهندي ۽ تيستائين ڪم نه ٿي سگهندو. هاڻي ان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي. ”من کي هاري هار هئي- من کي جيتي جيت“ نراس نه ٿي ڊريو نا سان اڳتي وڌڻو آهي. اڌ ڪارن جي پنيان نه پئي ۽ پنهنجن فرض ۽ جوابدارين کي سوچي سمجهي ڪارڻ پڻ جنبي وڃڻو آهي. ڪاميابي ضرور ملندي. اڄ ڪلهه اپراڌ- آتم هتياڻون- وڏي ڏيتي ليتي- فيشن- حرص هوس وڌي ويا آهن. گهر گهر اشانتي اوشواس وڌي ويو آهي. پيڻ ماتا- استري جاتيءَ کي قدرت طرفان ليڄ ۽ لحاظ ۽ سهن شيلتا، ڀڳوان وڌيڪ ڏني آهي. اڄ ڪلهه مڙد سان ڪلهي پڻ ڪلهو ملائي ڪرتيون ڪري گرهستي جيون ۽ سماج جو اڌار ڪرڻو آهي.

يوگ جا اٺ انگ آهن. يم، نيم، آسڻ، پراڻايام، پرتيا آهار، ڌارڻا، ڌيان ۽ سمادي يوگ ساڌڪ رستي رفته رفته ڏاڪا چڙهي منزل تي پهچي ٿو.

اهنسا، ستيه ۽ چوري نه ڪرڻ برهمچريه پالڻ ۽ ضرورت کان وڌيڪ ڪجهه به نه

آمريڪن پادري ڊاڪٽر ونسينٽ پيل جو چوڻ آهي "وڌڻ چوندڙ سان غصي، ڊپ ۽
رنج، اڻلي ڪي هاڃي رسائڻ ڌوران، پنهنجي صحت کي ڪمزور ڪندو."

نيويارڪ جي هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي "مون وٽ جيڪي بيمار ايندا آهن، تن
مان ڪافي تعداد جي بيماريءَ جو ڪارڻ غصو ڪرڻ هوندو آهي. غصو نا وار باڦ رکڻ
ڪري پاڻکي بيمار سمجهندا آهن. سندن شفاياب ٿيڻ لاءِ ڳوڙهن ۽ دوائن بدران ڪميا هڪ
اڪثير علاج آهي.

هڪ استريءَ کي سندس پيءُ ڏڪوار هو. انڪري مٿس ڪاوڙ ڀريل هئي. هڪ دفعي
ڊاڪٽر وٽ وئي. چيائينس پاڻکي بيحد بيمار پيئي پايان." ڊاڪٽر سندس مڪمل
تپاس ڪئي. ڪابه بيماري نظر ڪانه آيس. چيائينس "ڪوبه جسماني مرض ڏسڻ ۾
ڪونه ٿو اچي. ٿي سگهي ٿو ته من ۾ ڪجهه بار هجيئي. انڪري شايد تنهنجو سڄو
ليڪ وانگر ڪڙ ڪٿي رڪندو هجي." ڊاڪٽر کي معلوم ٿيو ته ان استريءَ کي پنهنجي
پيءُ تي ڏاڍو غصو هو. کيس صلاح ڏنائين "پنهنجي پيءُ کي ڪميا ڪر، جيڪي ڪجهه
هن ڪيو هجي سو وساري ڇڏ." "ڪداچت ڪين" استريءَ وراڻيو. ڊاڪٽر چيس
"پوءِ پڪ پيئي بيماري پوندي. ان بيماريءَ جو ٻيو ڪو علاج مونکي ڪونه ٿو سجهي."

ٿورن ڏينهن بعد اها استري ڊاڪٽر وٽ آئي. ٺيڪ ٿي لڳي. خوش هئي.
ڊاڪٽر کي ٻڌايائين "توهانجي صلاح مڃيم. پنهن جي پيءُ کي ڪميا ڪيم. هاڻ ٻئي ۾
ڏير ڪند ٿي ويون آهيون. بيماري الوداع ڪري وئي آهي. سڀ ڏک دور
ٿي ويا آهن"

پيغمبر محمد جي ڳالهه ۾ اڪثر اڪرڻ هوندا هئا "جو توکي ڏڪوئي، تنهن کي
معاف ڪر. جو توسان برائي ڪري تنهن سان ڀلائي ڪر."

جيزز ڪرسٽ چيو آهي "جيڪي توکي پٽ پاراتو ڏين، تن کي آسيس ڪر.
جيڪي توکي ڌڪارين تن سان پريم ڪر، جيڪي توسان انياءُ ڪن، تن لاءِ
پرارٿنا ڪر."

هڪ ڀيري ٻڌ ڀڳوان کي ڪنهن شخص ڏاڍو سدڙ ڳالهايو. مٿس بيحد ڇوهه
ڇنڊ ڪيائين. گوتم ٻڌ صبر ۾ رهيو. مرڪ ۾ کيس ڪجهه به نه ڪو ڪونه ٻڌايائين.

ڪنهن شش پڇيس "سائين! هن شخص هيڏو گار گند ڪيو، اوهان معاف ڪري
ونئي ڇڏو ۽ کيس ڪجهه به ڪين وراڻيو؟"

ٻڌ ڀڳوان سمجهايس "مترا جيڪڏهن ڪنهن ڀڪاريءَ کي ڪير اچي ڪاڌو ڏئي ۽
وٺڻ کان انڪار ڪري ته ڪاڌو ڪنهنجو ٿيو؟" شش وراڻيو "جنهن ڏنو." "ته پوءِ ان
شخص مونکي گاريون ڏنيون. مون اهي وٺڻ کان انڪار ڪيون. پوءِ اهي وٽس ٿي رهيون."

صبر وارا ئي کٽن ٿا ۽ هوڏي بازي هارائين ٿا. سخن چوندڙ، صبر جو سواد وٺي ڪڻن ٿا سگهن.

باقي!

ڪمندڙن گهر ڪين - چوندڙ چڱا نه ٿيا،
واڄٽن واڻ پئي - همت نه اچي ڪين.

صبر وارن وٽ خير ۽ سک آهي ۽ سخن پچيندڙن کي ڪاڻه چڱائي حاصل نه ٿي ٿئي. اجايو سخن مان ڇڙو ڏک رسي ۽ ڪي ڪين ٿو همت اچي.

انکري:

ٿمي ڪمي نهار اوڻ - ڏمر ڏولائو،
ٿيءِ ساڃاڻو - جي اُٿين الهيءَ ٻير لي.

ٿمرتا ۽ ڪميا سان اُتاري عادت ئي لاپڊائڪ آهي ۽ ڏمر ۽ ڪاوڙ هڪ پرڪار جو ڏولائو آهي. جي اوڻ الهيءَ ٻير لي ٻڌتو رهين ته سچي ساڃهه حاصل ٿيئي.

ڏمر ٻاسو ڏڪ سين - ڪانڌ ڪٿوري هوءِ

ڏمر ڏک ئي آئي تو ۽ صبر ڪٿوري يعني مشڪ سمان آهي.

انکري:

سٽي واڻ ڪين سين - وراڻيم ورِي،
هاديءَ جي هدايت جي - آهي ايءَ ڳري.
تن سچي ساه سري، جن مارڻو نفس ماٺ سين.

شاه صاحب فرمائي ٿو ته ڪنهن جا واڻ ڪين سان ٻڌي، پاڻ ڪجهه به نه وراڻ. هاديءَ جي اها هدايت ڳجهيءَ جو ڳٺڙو آهي. جيڪي ماٺ ٿا ڪن تن جڻ ساري سراسر جا مٺيا حاصل ڪيا.

چوندن ڪير چئيج واڻ وراڻي سامهون،
ڪامت قيمت جهڙي - روز ڏمر کي ڏاج،
واڻ مر وراڻيج - ته سڀ در سهاڳي ٿئين.

چوندن جو چيو وساري ڇڏڻ گهرجي. هو چون ٿا، چا ٿا چون، ڀل ڀيا چون. ڪو واڻ چئي وڃي ته واڻ وراڻجن نه. سڀ در سهاڳي يعني سهاڳي ٿيڻ لاءِ اهو ئي بهتران ملڪ آهي. ڪير ڪجهه به اي واڄي چوي، جو دل دکائي ته به درگذر ڪري، وساري ڇڏڻ صلاح ڀلو آهي باقي جيڪڏهن مرمت به پاڻ به ڪجهه اگرو چئبو ته ويڙهه وڌي ويندو ۽ من ۾ اشانتي اچي ويندي.

❁ نمي ڪمي نهار نون ❁

□ ٽيرٿ سڀاڻي

نمي ڪمي نهار اون - ڏمر وڏو ڏک ۾
مڃڻان صبر سک - جي سدورا سمجهن.

سڀني شاه لطيف جي هن بيت ۾ آڳوڻي معنيٰ ۽ مطلب سمايل آهي ۽ سڪي ۽ سعدش پڙي جهڙن گهارڻ لاءِ ادبي ۽ اخلاقي سبق آهي.

نمرتا نياز نوڙت ۽ ڪميا سان نهاري هل جهان ڪاڻ ته ڏمر يا ڪاوڙ مان وڏو ڏک ۽ مرلجهار و ار ٻڌي پوي. صبر مڃڻان ئي سک ڪو پراپت ٿئي ۽ سچي ساڃهه اچي حاصل ٿئي. سچو الله ڪو پڙ پوي.

ڪمر ڏڪرائي، ڏنگائي، اٽڪل آهي ڏاڍائي، اي واهپي ۽ ريا ڪري ته سڀاوڪ ڪمزور ٿيندو، جڏهن ته اهي ماڻهو ويلدو ڪي ڪن.

شاه صاحب چيو آهي:

ڀالو ۾ ڀالي، وڏو ڪميڻي واڙو ڪين ڪي.

جيئن يا ساڙ واري انسان کي ٻالاند ۾ هڪڙو ته ڀلو ته ڪو اوڻ ۽ شاه صاحب صلاح ڏني آهي:

هڙ ڇوڙئي، نون ۾ ٽڪ، واٽان ور لمي ورڻ؛
سڀني سين سڄڻ ٿئي - من ماري ڪر مڙا؛
ڪالهه وڏائي ڪرڻ - ڪمي مڃڻان ڪين ٿئي.

جي انهن اوکي ڪڪڙ ته ته. واڄهي يا انهي سهاڻيندو ڇوري ته نون مونجهه ۾ ڪين وانان ڪي ڪين جوء. سائنس مڙو وانگر من ماري هل. صبر اي ڪڪ ٻرڪار جو لذيذ طعام آهي ياني ڪمي مڃڻان ڪي ڪين ٿيندو.

شاه صاحب وڏڪ فرمايو آهي:

ڪر! ڪمڙن ڪنهن ڏاڍائي هرڙين ۾
ڇڪيو ته ڇوڙين - هو جو ساڳ صبر جو.

صبر ۽ شڪر جو سائين هو. برد باري ۽ ميٺاج سندس سڀاءُ جو بنياد هئا. هو ناموس جي پرواهه ڪين ڪندو هو. پنهنجي شعر جي تعريف ٻڌي، هو ٻوڙ ۾ ٻڙجي ڪين ويندو هو. هيڪاري هو چوندو هو:—

بس پوريءَ سنگينءَ ۾ ڦورڪ ڦورڪي پاڻ لسو،
ور نه بيوس جي سخن ۾ آهه ڇا سمجهي ڇڏيو.

وڌيڪ ايشور جو سهارو وٺندي چوي ٿو:—

پنڌ ڪرڻ مون کان پڇي - واٽ ولي هل اون،
ٻاجهه پراڻا ٻل اون - هن بيوس ۾ ڪي زور جو.

"بيوس" هڪ مهان آشاوادي شاعر هو. هن نراسائيءَ پراو شعر لکڻ کان هميشه ڪنارو ڪيو. هو سماج سڌارڪ هو. عام سنڌين اڃا بيوس جهڙي مهانتا پوريءَ طرح محسوس نه ڪئي آهي پر مونکي وشواس آهي ته جيئن سنڌي ساهتيه جي اُنتي ٿيندي تيئن سنڌي "بيوس" جو وڌيڪ قدر ڪرڻ لڳندا. ايندڙ سال ١٩٨٤ سندس جنم شتابدي ورهيه ڪري ملهائو ويندو. "بيوس" سنڌي ساهتيه ۾ ائين چمڪندو رهندو، جيئن هندي شعر جي دنيا ۾ سور ۽ تلسي چمڪي رهيا آهن.

Add :— 76A/22 Nawab ka Bera, AJMER

ڪُوڙو سچ

ڪيترو نه ڏنوان عجيب ته پر سنڌي ڪتاب
خريد ڪري نه پڙهندا آهن! ڪو سنڌي جو
پروانو ڪوشش ڪري سنڌي فلم ڪيڏاڙو
ته اون اها ڏسڻ جي ڪاڻ نه ڪندا!

— پوپٽي هيراننداڻي

ڏيئي سگهجن. انگريزيءَ ڪي ٻوٽا ئي مثال ڏيئي پورو پائبو. جئن ته

ٿي سگهي، گر ڪو حواسن جي حڪومت کان ٻري؛
هوند هر شيء ۾ دلدار جو ديدار ڪري.

موت تي لکندي ڪري امرتا جو سنڌيش ڪهڙن نه سندر لفظن ۾ ڏئي ٿو:—

جي ڇڏي ها لمحتيءَ ۽ نـاه ۾ انجام موت؛
هوند دنيا ۾ نه ٿئي ها هن طرح سان عام موت؛
زندگيءَ جي شام لئه ٿيو واسطو آرام موت؛
ٿو امرتا جو سناتن صبح سان پيغام موت.

قربانيءَ جي مهما ڳائيندي ’بيوس‘ چوي ٿو:—

پلاڻي پوره اندر آيو - هڪڙن پڇ خاڪ ۾ هستي؛
سار ٻڌجي سگهبو ’بيوس‘ ڏني ديدار قرباني.

وحدانيت جو راز سليندي شاعر چوي ٿو:—

ناهن ۾ آهن پران - ماڻهن اندر ناهن مٺا؛
پاڻ ٿا پاڻ کان پڇجي - ٿيون پري پاڻ ڪري.

وڌيڪ فرمائي ٿو:—

اڄ وحدت ۾ وڃي - جي وار و ارن ور چڙهيا
سي ڪڏهن سعيو وري ڪهڙو ڪفر جي واسطي.

بيوس ايندڙ ذات کي انهيءَ فلسفي لموليءَ پيش ڪندي لکي ٿو:—

ڏاڍو جهرڻ ڏاڍ سان - ٿئي ڪم جي وهائي؛
ستار ۾ ستر کان پهراسن سمر اچي ٿو.

ٻوڙن سٺن ۾ شاعر انسان کي ڪيڏي نه سهڻي سکيا ڏئي ٿو:—

مکڙي ٻهار ايندو - گل پوش مٺون پهچندو؛
ڪرپو خالص ٿيندو - آزاد حسن ٿيندو؛
ائڏي لڪڙ اچائي - مکڙيءَ ڪٿي لڳائي؛
اندرانهن اچل جي ڏيهاڙو - ناهرنون نه ست هليندو.

شخصيت:— شري ’بيوس‘ مهاڄ هوندي به سدائين ٺهلر ۽ نماڻو رهيو
ڪي ريڪر قلم هلائي ڪا ٿي ٿو جرلر ڪسان خالي ڪهن. ”بيوس

جهي ٻلبل هئا، تنهن کي بيوس دڳ لڳائيندو وڃي،
منزل مقصود کـــي آسان بڻائيندو وڃـــي،
دل جي تارن تي وطن جا گيت ڳائيندو وڃـــي،
نعرهء حب الوطن هر هنڌ کي ٻڌائيندو وڃي،
شعر ماکيءَ کان مٺو پيدا ڪري ويندو رهيو،
اي 'ضيا' هرهڪ سخن ۾ رس ڀري ويندو رهيو.

ٻولي :— بيوس جي شعر جي ٻولي عوام جي ٻولـي آهي. هـن پنهنجي علميت ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي شعر ۾ پارسي ۽ عربي لفظ ڪونه وڌا، ثقيا آهن ۽ نه وري هندي ۽ سنسڪرت ڏکين لفظن جو استعمال ڪيو اٿس. سندس ٻولي سليس، سپڪ ۽ مينـاج واري آهي. سندس ٻوليءَ ٻارن جو روپ اختيار ڪيو آهي. جي ٻارن لاءِ ڪوتائـون لکيون اٿس ته ٻولي به ٻارن جي ذاتو جي ڪم آندي اٿس. روحاني اشارن واري ڪوتا ۾ سندس ٻوليءَ ۾ گنڀيرتا بکي رهي آهي. جيڪڏهن ڪسان جي غريبيءَ جو ذڪر ڪيو اٿس ته ٻولي به اهڙي ئي ڪم آندي اٿس.

انهي به ڪين چئبو ته هن پنهنجي شعر ۾ فارسي، عربي، هندي ۽ سنسڪرت لفظن جو ڪو بائڪاٽ ڪيو آهي. هن انهن ٻولين جا ڪيترائي لفظ ڪم آندا آهن پر اهڙيءَ ريت سان جيئن سنڌي ٻوليءَ جو اصلي روپ بدلجي نه وڃي. بيوس ٺيٺ سنڌي لفظ اصطلاح ۽ پهاڪا به ڪم آندا آهن پر اهي به سنڌي ٻوليءَ جا انگ ئي آهن. بيوس سنڌي ٻوليءَ ۽ لفظن جو جيڪو استعمال ڪيو آهي، سو موزون آهي ۽ سندس اُچار به صحيح آهن. سندس ٻولي سادي هوندي به سينگار واري آهي.

شري هري دلگير ٺوڪ لفظن ۾ "بيوس" جي شعر جي مهانتا، ٻولي ۽ خيالـن جـي اُڏام جـو چٽر چٽيو آهي. هو لکي ٿو تـه "عام ۽ خاص جو محبوب ٿيا ڪري بيـوس نئين زماني جو پهريون 'نئون' ترقي پسند ۽ بهترين شاعر آهي. سندس شعر ۽ خيالات جي بلندي، رس ۽ رواني، مينـاج ۽ موسيقي، بيان ۾ چٽر ڪاريءَ جو انداز، نيون تشبيهـون، اهي سڀ اُن بابت شاهد آهن."

خيالن جي اُڏام :— شاعر اُهو جنهن ۾ ڪلپنا جي ڪمي نه هجي، خيالـن جي اُڏام هجي. ڪوي بيوس نه صرف ساڌارڻ وشين تي بلڪ ڳوڙهين وشين تـي بـه شعر لکيو آهي، اُنهن مان بيوس جي ٻارڪ بينـي، نازڪ خيالي ۽ روحاني رمزن جو پتو پوي ٿو. هن مضمون ۾ اهتري گنجائش ڪانهي، جو جدا جدا وشين تي رچيل شعر مان حوالا

مهان شاعر:- لائق ۽ مضمون ته اهڙن ڪيترن لکڻن ۾ لکيا آهن ته شعر ۾ 'بيوس' پاڻکي مهان شاعر ثابت ڪيو آهي. هن جي اعليٰ شعر سبب ئي هو سنڌي ساهتيه ۾ امر آهي ۽ امر رهندو.

'بيوس' نه رڳو پاڻ شاعر هو. مگر هن ڪيترن نوجوانن جي رهنمائي به ڪئي ۽ جنهن ڪري دلگير، دکايل، پرڀو وفا ۽ رام پنجواڻيءَ جهڙا شاعر اسان کي مليا. بيوس نوجوان شاعرن کي هڪ نئين روشني ڏني. ڪي سندس سنگ ۾ شعر گوئي سکيا ته ڪي سندس شعر پڙهي نين نين وشين تي شعر لکڻ لڳا آهن.

بيوس جي شعر سندو باغ رنگا رنگ پيدا آهي، جنهن ۾ الڳ وشين روپي گل سڳند ڏيئي رهيا آهن. هن صاحب استري پرش، ٻار، پرڪرتي، مذهب، سماج، ديش ڀڳتي، آتمڪ، ذاتڪ وشين، ڏڻ وارن ۽ ٻين الڳ وشين تي پنهنجو شعر رچيو آهي. جنهن مان هرڪو رچيءَ موجب لطف پرائپت ڪري سگهي ٿو. مطلب ته هو عام ۽ خاص جو محبوب ۽ مهان شاعر آهي.

نئون موڙ:- 'بيوس' سنڌي شعر کي نئون موڙ ڏنو، هو سپت هو، جو وڏن جي واٽ تي ليڪي نه لڪي ڪونه هليو. هن همت ڌاري نئين واٽ ورتي. هن اڳين شاعرن وانگر پراڻين صوفيانين ۽ ويدانتي ڳالهين کم ڪونه آندو. هن ليليٰ مجنون ۽ شيرين فرهاد جهڙن عشقي وارتائن ڪونه دهرايو. انهي ورتي هن ٻرڏائي چشمن مان پريرڻا حاصل ڪري شيراز جي بلبل ۽ شراب بابت ڳايو. هن پنهنجيءَ ڪوتا ۾ انسان روپ ڪم آندا. هنجي چترڪاري پنهنجي هئي، جنهن لاءِ هن قدرت ۽ انهي سوڀيا مان پريرڻا پرائپت ڪئي. سندس شعر جون وشيون زماني جي تقاضائن مان اُٿنديون هيون. هن قلم هلايو قدرت تي، حب الوطنيءَ تي، ٻارن تي، ڪرمين ڪسانن تي، دکي جنتا جي دردن تي. تاريخ تي سندس شعر پڙهڻ وٽان آهي.

مطلب ته بيوس جي شعر ۾ هڪ نئي وشيه جي رت ڪانهي. هنجو شعر هڪ گلستان مثل آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين جا گل پنهنجي سواهن ۽ سڳند ڏيئي رهيا آهن. بيوس کان اڳ هي سنڌي شاعرن کي ڏسڻي ٿو ته منجهن اها ڪمزوري پسجي ٿي ته هو پارسي شاعرن جا انتري قدر ته غلام ٿيڻجي ويا جو پارسي شاعرن وانگر ڏسڻ لاءِ سنڌي لفظن کي نه موڙي توڙي، انهن جو روپ بگاڙي ڇڏيندا هئا. "شري بيوس سنڌي شعر ۾ انقلاب آندو." انهيءَ جوڻ ۾ ڪم وڏاءِ ڪرڻ جهي.

شري پرسرام 'ضيا' 'بيوس' جي مهما ڳائيندي سچ ساچو آهي:—

❁ شري ڪشنچند 'بيوس' ❁

□ ديپچند ر بيلاڻي ايم·اي

سنڌي ساهتيہ ۾ شري ڪشنچند "بيوس" جهڙو ورلي ڪو نظر ايندو. هن ڪمزور قلم ۾ انهي ڪٿ ڪرڻ جي طاقت ڪانهي. هن صاحب نثر خواه نظم ۾ قلم آزمائي ڪئي ۽ سنڌس سنڌي ساهتيہ سنڌي باغ کي سرسبز ڪرڻ جي ڪوشش نهايت ساراهڻ جوڳي آهي شري هري دلگير "بيوس" لاءِ هيٺين سٽن ۾ جيڪا عزت ۽ عقيدت ڏيکاري آهي، تنهن سان هر ڪو شامل راءِ ٿيندو :—

آفتاب آهين ادب جو - شاعريءَ جو شاهه تون؛
سنڌڙيءَ جي شعر جي محفل جو آهين ساهه تون؛
سنڌ جو شاعر لڱون جو- تنهنجو نت اُلساهه تون؛
خاڪ جي ذرن کي تو بخشين جلال ۽ جاهه تون؛
تنهنجي هستي نور آهي- تون سو آهين آفتاب؛
جنهنجي چوڌاري ڦرن پيا ڪيترائي ماهتاب.

واقفيت :— هن اعليٰ شخص جو جنم سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٢٥ فيبروري ١٨٨٥ع ۾ ٿيو هو. هو پرائيمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو ۽ شاهوڪار گهر ۾ پيدا ڪونہ ٿيو هو. سنڌس جيون آخر تائين غريبيءَ ۾ گذريو، مگر هو نيڪ خصلتن سبب بيشڪ ڌنوان هو ۽ سنڌ ان جي دلين تي اهڙي ڇاپ هڻي ويو، جا ڪڏهن ميٽجي ڪانہ سگهندي. سنڌس ديهانت ٢٣ سيپٽمبر ١٩٤٧ع ۾ سنڌ ۾ ئي ٿيو.

رچنائون :- "بيوس" جون پرڪاش ۾ آيل رچنائون هيٺينءَ طرح آهن پر سنڌس ڪي رچنائون اڻڇپيل بہ آهن، جي اڃا عوام اڳيان نہ آيون آهن.

شعر :- گرو نانڪ جيون ڪوتا، موجي گيت، شعر بيوس، بيوس گيتانجلي، ساموندي سپون، شيرين شعر، ڦولداني، بهارستان.

ناٽڪ ۽ مضمون :- پرت پرچار ڻ، انڌ امت، منوهر ناٽڪ، سورداس، پرهلاد ڀڳت پورڻ پرام ڀاڳيا اسڪيم وغيره.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڌس چاڙهو،
منجهي ڪاڪ ڪڪوڙي، منجهس لڏاڙهو،
ڏاڙهو ۽ ڏاڙهو، ان ڏاڙهي ٻه ڏاهه ڪي!

سنڌي، سهڻي ۽ موهل ڏيڻي اڃل جي گود ۾ ته وڃن لڳون مگر لڪي ڪين، لڪي
اسان کي انهن کي پاسي ته ڪر سائن ظلم يا ناحق ٿيو آهي يا سنڌ ن مجمت وارث وڃي
رهي آهي. جن کي سنتوش ڪو نه ملي، ڏو ڌنو اڇي ته ههن آهر پهڻ جي ٻراتم
کي پالو.

اها ولداسه جي ملاساڻي، اها تصوف جي سکيا، اهم ترهما سمي يا الالحق جو نعرو
شاه جي سورمن ڪهاڻين ۾ ملي ٿو ۽ ان درشٽيءَ کان آءَ شاه کي دنيا جو اعليٰ ترين
شاعر ڪري شمار ٿو ڪريان ۽ سنڌ آڏو پنهنجو سر ٿو جهڪايان!

Add .— 44, Agiary Lane Fort, BOMBAY-1

عنايت شاه، روحل ۽ سچل، سامي ۽ بيڪس، بيدل،
تصوف جي لطف سان - سڀني هن سنڌ سينگاري.
فداهي شان پارس جو - ڏسي موهن ڏڌو سنڌ جو،
ڦريو ڦارا جسو طنبور - ڪليا اسرار اسراري.
(بيوس)

فيلسوفيءَ پيش ڪرڻ سان. انسان جنهن چيز کي ڳولهي ٿو، جا چيز ڳولهڻ لائق آهي سا هن کان دور نه آهي؛ منجهس ئي سمايل آهي، نه فقط منجهس ئي سمايل آهي پر هو پاڻ خود اها چيز آهي. اردو جو هڪ بند آهي:

دل کي آئيني ۾ هي تصوير يار
جب ذرا گردن جهڪالي ديکه لي.

مگر مونکي لڳندو آهي ته هيءَ ويچار منزل ۾ هڪ ڏاڪو هيٺ آهي. يار جي تصوير ۽ تون ٻئي الڳ چيزون آهن. اجا دوئيءَ جي ڪجهه بوءِ ان ۾ ملي ٿي. شاه جي ڪهاڻين جي منزل ان کان اوچي آهي: اها اناالحق ۽ اهم برهماسميءَ جهڙي سکيا تي بدل آهي، ان سکيا جو پرليڪ ۽ مجسم آهي.

ساهڙ سا سهڻي، ساڻر پڻ سوئي
آهي هڪوئي، ٻجهه ٻجهاندڙ ڳالهڙي.

ساهڙ ميهر ۽ سهڻي ۽ خود ساڻر يعني درياهه سڀ هڪ ئي چيز آهن.
شاه صاحب سسئيءَ کي چوي ٿو:

وڃين ڇو وڻڪار هت نه ڳولهين هوت کي.
اکو ڪونه لطيف چئي يار وڃو ٻئي پار؛
اُت سڄي پڌ سمنڊ پرت پراڻ سي پار،
ناٿين نيڻ نهار ته تو ۾ دليرو دوست جو.

۽ سسئي اهو وحدت جو جام پيئي ٿي ان ڌڻي ته چوي ٿي:

پيئي جان پاڻ ڪيم روح رهاڻ؛
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ؛
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

طالب جيسين پاڻکي مطلوب کان الڳ سمجهندو تيسين کيس سور سهڻا پوندا، جڏهن اها حقيقت محسوس ڪيائين ته هو خود ئي مطلوب آهي ته پوءِ نه فراق رهندو ۽ نه فراق جو درد.

سانئين ڳالهه مومل ٿي چوي:

ليئر بادشاهه هڪ بلڪل نيڪ دل بادشاهه هو جنهن اوڏ اوستا ۾ اچي پنهنجو راڄ پاڳ پنهنجن ڌيئرن کي ڏئي ڇڏيو. سندس ڪمزوري اها هئي جو ان وڏن ڌيئرن جي خوشامد ۾ اچي هن ڪارڊيليا کي ملڪ کان واندو ڇڏيو؛ هئمليٽ جو قصور اهو جو هن پنهنجي دل کي ڌيئن ڏاڍ تي چاهيو ته سچ پچ سندس چاچو سندس پيءُ جو قاتل هو؛ سندس ماءُ ان گناهه ۾ شريڪ هئي؛ مئڪبيٿ هڪ بهادر سپهه سالار هو؛ جنهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي پنهنجي بادشاهه لاءِ ڪيتريون جنگيون کٽيون هيون مگر ڏائڻين جي چنبي ۾ اچي ۽ پنهنجي زال جي ارغلائڻ ڪارڻ هن پنهنجي بادشاهه جو خون ڪيو؛ آٿيلو هڪ بلڪل ئي نيڪ شوهر هو؛ جنهن جو پنهنجي زال ڊسڊيمونا سان بي حد پيار هو مگر شڪ جو شڪار ٿي هن پنهنجي پريتما کي ختم ڪيو.

اهڙي گراهيءَ جي مطلق ني جنهن تي شايد ڪو به اعتبار ڪري وڃي؛ انهن ننڍين ڪمزورين ڪارڻ انهن نائڪن جي نائڪن کي ڪيڏو نه ڏک ۽ ايذا سهڻي پئي هوي. ليئر پاڳل ٿي ٿو پوي ۽ پٽڪي؛ هئمليٽ پاڻ به مري ٿو ۽ سندس پريتما اوفيليا به؛ مئڪبيٿ ۽ سندس ڌرم پتني تمام ڏکدائي موت هميشه اچن ٿا ۽ آٿيلو خودڪشي ڪري پنهنجي گناهه جو پراشچت ٿو ڪري.

شيڪسپيئر جا ڏکانت هڪ شاهي سوال ٿا کڙو ڪن. ڇو ننڍي گناهه لاءِ ايتري ڳري سزا ڇو؟ گدوڙي جي چور کي ڦاسي ڇو؟ ان سوال جو جواب انهن ڏکانتن ۾ نه ٿو ملي. من ۾ هڪ وڏو بغاوت ٿو مچي. ڇا ايشور ومت اهو انصاف آهي ۽ شيڪسپيئر جي ڏکانتن ڏسڻ بعد من ۾ اها شنڪا رهجي ٿي وڃي. اهو مسئلو دل کي بي چين ٿو ڪري.

ٻئي طرف شاهه جي ڪهاڻين تي نظر ڦيرايون. شاهه جون ڪهاڻيون به ويوهاري درشٽيءَ کان ڏکانت آهن جو انهن ۾ به نائڪ ۽ نائڪائون موت جو شڪار ٿا ٿين. مگر دل تي ٻئي قسم جو اثر ٿو رهي. من ۾ ايذا نه ٿي پيدا ٿئي؛ ائين نه ٿو لڳي ته نائڪ ۽ نائڪائن جي جيون اڪارٿي وئي يا ساڻن ڪو ناحق ٿيو آهي. ائين پيو لڳي ته هنن پنهنجي جيون جو مقصد حاصل ڪيو؛ هنن جنهن وصل لاءِ جاکوڙ پئي ڪئي اهو ڪين آخر ماڻيو. هنن جي جيون جو جڏهن انت ٿو اچي تڏهن ائين نه ٿو لڳي ته ڪين ڪا ايذا يا نراسائي ڀري آهي. ائين پيو لڳي ته هو پنهنجي محبوب يا محبوبا سان وڃي مليا آهن. شاهه جون ڪهاڻيون بيشڪ ويوهار طور ڏکانت آهن مگر صحيح معنيٰ ۾ سکانت آهن. اهو تاثر شاهه ڪيئن پيدا ڪيو آهي؟ هن اهو تاثر پيدا ڪيو آهي هڪ اعليٰ جيون

شاھ عبداللطيف

□ ٻلديو گاجرا

مان ڀاڳڪي آھيان جو مون کي سنڌ جي عظيم شاعر، شاھ عبداللطيف جي 300 سالگرہ جي سلسلي ۾، مون کي ان جي شردانجلي پيش ڪرڻ جو موقعو مليو آھي. شاھ صاحب سنڌ جو نہ، اعليٰ ترين شاعر ھئو ئي ليڪن سچ تہ ھن جو شمار دنيا جي مھان ۾ مھان شاعرن ۾ آھي. ھومر، ورجل، دانتي، ملٽن، شيڪسپيئر، ڪاليداس وغيرہ ۽ ھڪڙي نقط نظر کان ڏٺو ته سڀني کان اعليٰ ھئو. شاھ مھان ھئو شعر جي عميقيءَ ڪارڻ، سانيع جي سڪ ڪارڻ، سنڌ جي ڪمين ۽ ڪاسبين جي دلڪش تصويرن چٽڻ ڪارڻ. مگر ھڪڙي ويچار دشٽيءَ کان ڪيس دنيا جو اعليٰ ترين شاعر سڏي سگھجي ٿو، جو سندس شعر ۾ جيون جي اعليٰ ۾ اعليٰ فيلسوفي ملي ٿي - ويدانت فيلسوفي، تصوف جي فيلسوفي ۽ ان فيلسوفيءَ کي ھن پنھنجين بي جوڙ ڪھاڻين ذريعي پيش ڪيو آھي.

شاھ جي ان فيلسوفيءَ کي سمجھڻ لاءِ ۽ ان جي مھانتا کي پروڙڻ لاءِ آءٌ ھوند انگلنڊ جي جڳ پرسد شاعر ۽ ناٽڪ نويس، شيڪسپيئر جي رچنائن جو ذڪر ڪريان. شيڪسپيئر پنھنجي ناٽڪن ۾ ان سمي جي پرچلت لوڪ ڪھاڻين کي کڻي، انھن جي بنياد تي پنھنجا اعليٰ ناٽڪ رچيا، ساڳيءَ طرح شاھ صاحب بہ پنھنجي سمي جي لوڪ ڪھاڻين کي کڻي انھن کي شاعري جامو پھرايو. پر ٻنھي جي رچنائن ۾ ھڪڙو اھم فرق آھي اھو اچو تہ ڏسون.

شيڪسپيئر پرسد آھي پنھنجن دکانتن ڪارڻ: ڪنگ ليئر- ھئمليٽ - مئڪبيٿ - آٿيلو. انھن دکانتن جو سارانش ڇا آھي. مھان ھستيون، پنھنجي ئي ڪنھن ڇوٽيءَ ڪمزوريءَ ڪارڻ اسيم پيڙا سھن ٿيون. انھن دکانتن پڙھڻ يا ڏسڻ سان اسانجي من ۾ نائڪ ۽ نائڪا لاءِ دل ۾ بي حد ھمدردي پيدا ٿي ٿئي. اھا ھمدردي پيدا ٿي ٿئي انڪري جو ڪين جا پوڳنا پوڳڻي ٿي پوي سا سندن غلطيءَ يا قصور جي ڀيٽ ۾ بلڪل ڳري آھي.

فلسطين ۾ يهودين کي مشڪل ٿي پيو اٿن. تنهن هوندي به هو زنده دل، روشن دماغ آزاد خيال، محنت ڪش ۽ اوچ اخلاق ۽ عمل جا شايق هئڻ سبب آپ ستوار ۽ سهڪاري لوڪ ڪلياڻ جي ڪارڻ ۾ ڪشلتا سان ڀاڱ موڪي رهيا آهن.

تازو مون امريڪن لئبرري مان "The Guggen heims the epic" آندو. مون اهو ناول پڙهي ڪونه هو. مگر epic ڪاڻ ۽ جو لفظ ڏسي هرکيس. ڪتاب هو انهايت موٽو، سو جنهن منهن ۾ مٿاڇري نظر ڪري موٽائي آيس. ان ۾ يهودين جي هڪ پهلاوي آکه جو بيان هو. مگر مون سوچيو ته هن قسم جو مضمون لکڻ لاءِ موقعو ماڻ وٺو. مان جي Jew ناهيان ته سندي ضرور آهيان ۽ سمجهان ٿو ته اسين هن وقت گهٽ نه ٿي پرائي سگهون ٿا.

Add :— 6/684 Lodhy Colony, NEW DELHI-3

پکتي، قومي سدا رو عورتن اعتبار آهه،
پڙهه پختي جنهن عمارت جي ان سا بيڪار آهه.
(بيوس)

موج ڪر سياڻا چڙهي ڏي شوق شيطاني شراب
جو ڪري ڪارو رکي اخلاق مهڙو آفتاب
(بيوس)

ڀوڳيءَ کي داد ڏيو ڏيان. آخرڪار زندگيءَ جو ذوق گهڻي قدر خوش خوراڪ ٿيڻ ۾ آهي. هڪ ڏکڻي ڏڌ ۽ شيرڪيءَ کي گوشت ڇيڙيندي اکيون پوريندي ڏسي سندس پرسنتا ٿي اک ۾ چمڪ اچي ويئي. واقعي سوادي کاڄ جي مزي سان ونامن جي ٿوڻن جي چاڻ هنئين اندر هيڪار آئيو ڇڏي. انهن کي پراڪ ودياً (Physics) ۾ اونهي ڄاڻ ۽ ڀليس بور ۽ فنانس (Finance) ۾ راڻي چانيلاڻ ساهتيه، ڪلا ۾ مائين ۽ ڪانڪا راجنيتيءَ ۾ ڊزرائيلي، ليون بلم ٽروٽسڪي وغيره مشهور معروف آهن. اهڙي ڪا ڪلا ٿي ڪانهي جنهن ۾ ڪرنيءَ جا اڌڪاري نه هجن. سڀئي نالا ڏجن ته فهرست لنبي ٿي ويندي. خود مهنجي سمرتي اهڙي سڀ ناهي جا ڪاڻ وچور سانڍي رکي. مگر هتي هر اهم ڪارڻ کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جتي ڀيا ڪيهائي يا تنگ ڪٿي پيهن ته اتي هتجا ڌنات ۽ سنستائون فراخ دل سان مدد ڪري ڪارڻ کي ڪامياب بڻائن. اندرا راسرچ فائونڊيشن ۽ وگياني پرلوگ شالائون اٿن جو چندن لي ايالو موڪلڻ کان ونڌي رت ۾ بنڪيرا بلڪ پاڇين ميون ۾ ڪيڙن ٿائين تجربا ڪرڻ ۾ واهر ڪئي اٿن.

هر گيان وگيان، ڪلا ڪشلتا، علم عقل جا ڪوڏيا آهن ۽ بنا جات پات لياقت ۽ قابليت جي قدر شناسي ڪندڙ. هر لوڪشاهيءَ جي انيڪ اوتائن سان واقف آهن ۽ پرچار وسيلي لوڪن کي پاڳل بڻائي ڪاور ڪرائڻ جي ماجرا جا ستايل. انڪري ته پتائي ليڊرن ۽ سوارٿي ڀاون ڀانيڻ عيوض اهڙن ماڻهن ۽ ڪمن کي وڌسائن ٿا، جن جي چرتر ۾ انساني اوسر جون اعليٰ خصلتون موجود آهن. هو ناچو ڌاپو، آلوڙي ميان ۽ پنڊورچيءَ عيوض عطيا جو ملهه ڪٿي چاڙهن ۽ اجائي ڏيک ويک عيوض انسان ذات جي اوسر ۽ اُنتيءَ، سچيتا ۽ سنسڪرتي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي اڳرائي ڏيڻ سان پنهنجي وس ۽ وت آهر هڙان وڙان سهائتا ڪن ٿا. هتي انسان ذات جا سونهري سپنا ساڪار ڪرڻ ۾ وڏو ساٿ ڏنو آهي. بلڪ هيئنر آڪاس جي اونهي اوڙاهه ۾ جتي هوا ئي ڪانهي، اتي ڪالونيون اڏڻ جي انوکي ڪارڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن.

هن صدين جي ستايل لوڏيل، مذهبي تعصب ۽ نسلي نفرت جا ڏنيب سٺل جاليءَ وڏان اساس، گهڻوئي پرائي سکيو ن ٿا، جاڪاڻ ته لقدير اسان ستڻي هڪڙن سان ۽ صدين کان وڙل وهايا آهن، جنهن حقيقي ورتن ڪيو ته مغز چڪر کائي ويندو. ڀوڳيءَ ڏور ڏڻا آهن ۽ سرءَ جي پٽن وانگر ٽڙيل پکڙيل. ڪٿي به حڪومت يا سياسي طاقت نه اٿن.

ڪالوليون لاهڻ جون ترجمانون سوچي رهيا آهن. ويچارا رشي مني هراس ۾ ڇڙن ڪان
بچڻ لاءِ هون ڪندي ايشوري مايا ڏي ڌڪر ڪانهدي کي ويچار وانگا ڪري ويا.
مگر هاڻي سندن سپنا سايبا ٿيڻ لڳا آهن ۽ اسين ستارن جي سنسار ۾ سير ڪرڻ جهڙا
ٿيا آهيون. هاڻي جاچي ڏسبو ته انهيءَ وگيان ڪيتر جو سرمور آهي آلبرٽ آئنسٽائن. هو
مارڪس جي ديهانت کان چار سال اڳ ۱۸۷۹ ۾ ڄائو. هن جا وشو رچنا جي بابت ۾
ويچار هر سماج جي علمي ترقيءَ جو قيمتي حصو آهن. هيئنر اسڪولي ڇوڪرو به ٿو
ڄاڻي ته مادو آهي جمڻل شڪتي ۽ شڪتي آهي وڙڙل مادو. هاڻي اسين ڪاسمڪ
ڪرڻن ۽ مقناطيسي لهرن جو معائنو ڪيا ڪريون؛ ڇاڪا پاليو؟ جڙ چيتن ۽ آتم
اناتم جي درشن شاسترن ۾ ڦير گهير جي ضرورت آهي يا نه؟ سگهڻا شلوڪ
اچارڻ عيوض خود سوچيو. ليڪن علم لعنت عيوض رحمت به ٿي سگهي ٿو. علم آهي
علم. انکي ڀلائي يا برائي جي ڪم آڻڻ انسان جي وس آهي. مان اهو انڪري ٿو لکان
جو هيئنر ائٽم وسيلي سموري ترقي ساڙي ٻاري سگهون ٿا. ليڪن ائٽم وسقوت جو جنم
داتا ۾ آئنسٽائين ٿي هو؛ جو سچي دل سان سموري انسان ذات جو خير خواه هو.
منهنجي هن مهاپرش سان غيبي الفت آهي، جنهن جو ڪارڻ منهنجو سرايشت سمجهه ٿي.
ليڪن (Super Consaous) آئنسٽائين ته يهودي هو؛ جو هٽلري قهر مان جان بچائي امريڪا
۾ شرنارٿي ٿيو.

چيتنا جو ورلن ڪندي سگمنڊ فرائڊ سمجهي ٿو اچي جنهن مثل سياو جو اپياس
ڪندي چيتن اپ چيتن اچيتن جا ويچار ڦهلائڻ سان نه رڳو مانسڪ مريضن لاءِ علاج سليا
آهن پر ڪام واسنا کي ڇتي رلت ترلتا ڪرڻ سان جگت جي نر نار لاڳاپن کي نئون موڙ
ڏنو آهي. مادرن ساهتيه ٿي به هنجو گهڻو اثر پيو آهي. سگمنڊ فرائڊ پڻ يهودي هو ۽
مارڪس جي ديهانت وقت ۳۸ ورهين جي ڄمار جو هو.

اوهان مان ڪي مادرن دانش مان واقف آهن، ڇاڪي برگسان جي جيون شڪتي
(Elan Vital) ڌراه (Duration) جي ڄاڻ آهي. انهيءَ فيلسوف جو اقبال جي ذهن تي
جهرو اثر هو. هو پڻ لدوگ وگنسٽائين جيان يهودي هو. آرنولڊ اسڪولبرگ جنهن وڻان جو
اپياس ڪري، ڪجهه گراي ڪٽڪ چالور جا گڻ نروار ڪري ڪاڄ ٻئي کي وڌاڪ صحتمند
۽ سگهه ڏيندڙ سيڪاريو سو پڻ يهودي هو.

موڻ اح پڻ جوسا انب ڪاڏا آهن. اهي سوادي ته آهن ٿي پر مجهن وڻان پداوڪ
جو ويچار ڪندي اندر ۾ آنند ۽ ساهه ۾ سگهه محسوس ٿو ڪريان ۽ دل ۾ انهيءَ

هو. اِن ڏاڍن جي چنبن مان جند ڇڏائي، ڪياڙيءَ عيوض پنهنجي طرف موڙڻ نهايت اڻاڳو عمل هو.

ماڻهن جي عادتن، رسم رواج، آچار ويچار بدلڻ سان مخالفت ۽ ملامت جو امڪان هو. هو اڪيلي پٽ تي ڪرڻ ۽ ستائڻ هئا، سو وڏي ڪا مصيبت جو سٺ ساري نه سگهيا. تنهن هوندي به موٽر ماڻهن جي انبار مان ڪو ڏاڍو ڪٺو اڪيلو، جو هلي چليءَ ڪان منهن موڙي پنهنجي وهه ويو. اها شروعات اسپينوزا ۽ هائينه ڪئي. اسپينوزا نهايت روشن دماغ، صادق قلب، اعليٰ درجي جو فيلسوف ٿي گذريو آهي، جنهن اڳاڻن جي اڏجهڻ عيوض روح سوچ سوچي ويچاري پنهنجو هوش هلائڻ جي آکيا ڏني ۽ اهڙي رهت اپنائڻ جولي سروپ مهاپرش جي اوچ آستان تي پدوي پراپت ڪئي.

آخر سمي ويچارا پوڙهي پنهنجي پوڙهائپ مان منهن موڙي ويا ۽ اڳاڻن غبارن ۽ سڪٽي لباڙ عيوض علم عقل ۽ گيان وگيان تي ڀاڙڻ کي افضل انسان جي خصلت سمجهي لڳي هوا ۽ کليل آسماني فضا ۾ ساهه کڻي پاڻ کي سڌارڻ لڳا. مورڳيءَ ۾ اهڙي ڦيري اچڻ سبب هو دنيا کي به نئين دشٽيءَ سان ڏسڻ لڳا، جنهن ڪري گذريل ڏيڍ صديءَ اندر سنڌن ڦورگدان حيرت انگيز آهي.

هاڻي اکين تان ڪوپا لاهي ڇڏيءَ رهت ڏسو ته دنيا جو انڪل چاليهه سيڪڙو آدم مارڪس جي سماجڪ آرٿڪ راجنيتڪ سدانتن انوسار ورتاءُ ڪري ٿو. اڳاڻا جاگيرداري ظلم ۽ انڌ ڏنڊ به جاچيو ۽ هاڻوڪو واپر مدبل پڙهه نه فرق ڇڏو ٿي پئي سدو. ويچاري مارڪس سچي چمار اڻ هوند به ڪاٽي. ايترپڌر جو مساوات پرڻ لاءِ گهر جو فرنيچر، بت جا ڪپڙا، ٻار جو پينگهو به ٽين وال ڪرڻا پوندا هيس. مگر اڄ هو ڪروڙن ماڻهن لاءِ محمد جهڙو پيغمبر ڪري ليکيو وڃي ٿو. هتي ضروري ناهي ته مارڪس واد جي وچور ڏجي يا انجي خوبين خامين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي. باقي ايترو ته ضرور چئبي ته مارڪس موجوده زماني جي نهايت وڏي شخصيت ليکيو وڃي ٿو ۽ هو ٿيندو رهندو.

ٿورهين ڏهاڙا ته ورلمان وگيان اسانجا چرن چنڊ رها تي ڏريا آهن. اڄ رام آرسيءَ ۾ چنڊ جو عڪس ڏسي گند گد ٿيو. مگر هاڻي چنڊ جي مٽي ۽ پٿر هتي پهچي ويا آهن ۽ اسانجا بيدار مغز ماهر دور دور دنيائن تي اسپوٽنڪ موڪلي انساني جاڻ جو دائرو وسيع ڪري رهيا آهن. هينئر ته ڪي آڪاس جي اڻ هوند ۾ جتي هوا به ڪانهي اتي

❁ يهودي ❁

□ ڪيرت ٻاٻاڻي

هن ڌرتيءَ تي انساني اوسر جا اٽڪل پنج لک ورهيه لنگهيا آهن؛ ليڪن گذريل ڏيڍ ٻن صدين اندر جا اُنتي ٿي آهي، سا واقعي اَچرج ڀري آهي. مگر انهن ۾ وڌ عجب خيز آهي حيرت انگيز ترقي يهودين جي. هو دنيا اندر اٽي ۾ لوڻ سمان آهن. ڪل چار سؤ ڪروڙ آدم ۾ ڏيڍ ڪروڙ مشڪل ٿيندا. انهن کي ڪين پنهنجو وطن ڪونه هو ۽ نسلي تفريق خواه مذهبي تعصب جو شڪار ٿيندا رهيا. گذريل مهاڀاري لڙائيءَ سمي هٽلر سندن ست لک ماڻهو جيئري گئس چيمبرس ۾ ماري ڇڏيا. ٻيا ٻار، زالون مرد سڀ اگنيءَ جو آهار ٿي ويا. لاتعداد ڌڪا، هرجا واهون ۽ وجهه بعد، دم گهٽيل در بدر هٿن سبب ڪٿي به ڪر کڻي نه سگهيا. صدين جي صدمن مڃهاڻن مردانگيءَ جو ساهس ۽ آزاديءَ جو احساس لوڙي ڇڏيو. آخر يورپ ۾ فرانسيسي انقلاب ۽ نيپولين جي جنگين سبب جاڳرتيءَ جي لهر اجاگر ٿي ۽ جنهن هن مظلوم قوم جي سياسي ڪانئيل ڦڦڙن ۾ ساهه ڦوڪيو. چوطرف ماحول ۾ اٿل پٿل سندن مفلس ۽ مريض لوڪ ڪيهين (Ghettors) جي غليظ ماحول ۾ پڻ روشنيءَ جو ترورو آندو ۽ هو سوچڻ لڳا ته ڪهڙي خطا ڪئي اٿن، جو سندن اهڙي ٻري گت ٿي آهي. ڪين صدين جي الهامڪ انبياءَ جي ڪافي جاءِ هئي ته ڪيئن اهڙي حالتن ڪن لڏن ٻراڏين لاڏار بڻيل هو. ليڪن انهيءَ پنڌ مان ڪي ورلي سرخرو ڪين هو. هنن جتيءَ واسطي محسوس ڪيو ته جيسين سندن دل ۽ دماغ تي مٿل ماضيءَ جي ماليخوليا ۽ مذهب خارج پرمپرا ۽ بت پوڄا ۽ انڌ شردا ۽ پراڻي هلي چلي ۽ ويچار وهنوار جو غلبو آهي، تيسين حقيقي ڏرڪتي ۽ ذهني ذلت قلبي ترس ۽ ان همه خسيس پٽي مان پاڻ آجا ڪري ڪين سگهندا. ليڪن اهڙو ويچار جو نڙيءَ مان جهلي لرالو ڪري سو انهن ڏهڪائيندڙ

ساهت جي خاص وصف آهي انڀوتي ۽ ان جو ڪلاتمڪ اظهار ليکڪ کي اهو ٿي
ماڻهن ۾ اپڻائپ گهرجي، جيڪو هنجي انڀوتيءَ جي اظهار ۾ پورڻ سمرٿ هجي. ساهت
جا سڌانت سدا جڙ ۽ استر ناهن؟ آهي هميشه اظهار جي ضرورت انوسار بدلبا رهن ٿا.
ماڻهو مڃان ٿو ته انسان هڪ سماجڪ پراڻي آهي ۽ ڪلا هڪ سماجڪ ڪريا. انڪري
ليکڪ کي هميشه اهڙو ماڻهن ۾ ڳولهڻ گهرجي، جيڪو پاٺڪن کي وڌ ۾ وڌ متاثر ڪري
سگهي. ائين نه، جنهن کي هو پاڻ لکي ۽ پاڻ سمجهي يا پاڻ به نه سمجهي سگهي.

Add :— Jai Apartment, Flat No. 8, Ist Floor. ULHASNAGAR–3 (Thana)

جڏهين درد ۾ دانهن ڪا دل ڏسين ٿو
هلاڪيءَ ۾ هاڃي هچل دل ڏسين ٿو
ڪا اوريءَ ۾ جهوري لڳل دل ڏسين ٿو
نه ڏاڍي سگهين جي مدد مال، زر ٿو
چئين من دلاسي جا ٻه ٽي اکر.
(بيوس)

ذات ورن رنگ روپ جو سائينءَ ومت نا ڦير ٿو
هو سڀ هر ڪنهن سان رکي، رکي نه ڪنهن سان وير.
(بيوس)

روپ نه مالڪ ٿو ڏسي - ڏسي دل جا طاق
اندر اُجالو تو ڪري نه "بيوس" رنگ پوشاڪ

ھوندو آھي. پر جيئن پرڪريائون صرف رچنا جون وياکيائون آھن. ھڪ صرف پنھنجي لاءِ وياکيا ليندي آھي، ان ڪري ان ۾ اندروني ساڌن (ڪلپنا، وچار) ڪم ايندا آھن ۽ ٻي ٻين لاءِ. تنھن ڪري ان جا ساڌن ۽ ٻاھريان (لفظ، ٻولي) ھوندا آھن.

رچنا شخصي انڀوتين کي انساني انڀوتين تائين پھچائڻ جو ھڪ سلسلو آھي ۽ اھڙي انڀوتي جتان الجي شروعات ٿئي ٿي - پڇاڙي ۾ گھڻو ڪري اُتي اچي ٿئي ٿي جتي رچناڪار جي شخصي انڀوتي رچنا جي روپ ۾ عوام جي انڀوتي بڻجي سامھون اچي ٿي. ڪلا جو واسطو گھڻو ڪري انڀوتي - پڪش سان آھي، انھن ڪري ھڪ ڪلاڪار جو سنگھرش، پنھنجي انڀوتيءَ کي انھيءَ روپ ۾ پيش ڪرڻ جو سنگھرش آھي، جنھن روپ ۾ انکي انڀوتيءَ جو احساس ٿي چڪو ھوندو آھي ۽ انهي ئي شاستر ۾ ساڌارڻيڪرڻ جي سڌانت جي سارٿڪتا ثابت ٿئي ٿي.

رچنا کي جيون جي لفظي پرچائين ڪوٺيو ويو آھي. ماڻھو جيون کي يٿارٿ روپ ۾ نه پسي. انکي پرچائين جي روپ ۾ ئي ڏسڻ پسند ڪندو آھي جتي حقيقت بدران الجي مثالي روپ ۾ ئي وڌيڪ چاھ رکندو آھي.

وستي ۾ ڀيک پنندڙ فقير کي ڏسي، ان کان اسان کي نفرت ٿي سگھي ٿي؛ ليڪن اھڙي ئي فقير جي زندگيءَ بابت، ڪنھن ساھت - روپ ۾ پڙھي اسان جي من ۾ ان لاءِ سھانڀوتي پيدا ٿيندي ۽ ان مان اسان کي 'رس' ملندو.

پر رچنا صرف جيون جي پرچائين ڪانھي. ماڻھوءَ جي پرچائينءَ جو سڀ کان سٺو نقل فوٽوگرافيءَ ذريعي ئي ممڪن آھي؛ ليڪن اسان ڪنھن به اڻ - واقف جو فوٽو ڏسي ان ۾ دلچسپي ڪانه وٺون. ان مان صاف ظاھر آھي ته جيون جي پرچائينءَ سان گڏوگڏ ڪو ٻيو عنصر به آھي جيڪو رچنا جو نرماڻ ڪري ٿو. رچنا جو اھو ٻيو اھم عنصر آھي انساني سھردتا. سھردتا جو اھو روپ الڳ - الڳ ساھت ودوان ۾ جدار مطابق دلچسپ رھي ٿو.

رچنا، رچناڪار جو ھڪ اھڙو وچڙندڙ (Anaegtic) نظريو آھي، جنھن کي ھو پنھنجي ۽ سماجي ملھن جي سنگھرش مان حاصل ڪندو آھي. ان بعد ھو انکي (نظريي) جنھن ساھت - روپ جي قابل سمجھندو آھي يا جنھن ساھتڪ صنف ۾ الجو سٺو نرواھ ممڪن ھوندو آھي - پيش ڪندو آھي.

کي ٻاهرين ڪائنات کان سواءِ گهرائيءَ سان سوچڻ لاءِ آماده ڪري ۽ انهيءَ طور 'احساسات' جهڙين جي شروعات ٿي ۽ انهن انساني ماڻهن کي، جيڪو ترقي يافته زمانن جي آثار ۾ ٿيل هو، لکي هڪ وڏا آثار ملن. شخص کي لکڻ نه اچي اندر آهي سڀ انساني شڪلون موجود آهن، جن جي تلاش هن ٻاهر کان ٻاهر ٿي ڪئي. انهيءَ طرح شخص هڪ 'ٻاهر' ٻاهرين ۽ ان ڏانهن ٿي هو ۽ جمالياتي عنصرن جي کوج ڪرڻ لڳو. هو هڪ رچناڪار رچنا ڏانهن ٿي ٻاهر کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ڪلپنا، جمالياتي ۽ انهيءَ ڪلاسيڪل نقطي نظر هڪ ٻيو مٿو - ٻڌو آهي. ڪلپنا جي ٿيڻ سان اندروني رچنا پرڪرتي جو ٻاهريون اثر ڪم شروع ٿيندو آهي. ڪلپنا جو مکيه ڪم آهي جمالياتي جي حل لاءِ نا معلوم اسباب ڳولهڻ. انهيءَ اصولي جمالياتي ذريعي شڪل اموجود استقلالي (انسان جي اندر جهان) هڪ مڪمل رچنا جي تخليق ٿي سگهي هوندي آهي. اها پرڪرتي انتري نه هجڻ ۽ اموجود هوندي آهي جو جمالياتي ڪري هڪ مڪمل تخليق جو ڪارڻ بڻجي ٿي، جن کي اظهار ۾ آڻي سگهي ٿو. ڪلپنا جو ڪم، جمالياتي ڏانهن پيدا ٿيل ان اموجود (Abstract) رچنا جي وضاحت ڪرڻ آهي. ڪلپنا ٻاهر کي سمجهڻ جي اولي آهي. انهيءَ ڪري ڪلپنا کي اندروني رچنا - پرڪرتي جو ٻاهريون ڏيکاءُ ۽ ڪولي سگهجي ٿو. اها پرڪرتي ۽ ويچار پيدا ٿيڻ لاءِ هلندي آهي. ويچار، ڪلپنا ذريعي انهن جمالياتي جو مطلق روپ جهڙو رچناڪار جي ٻاهرين اندروني سارڪشنا لاءِ آهي. ويچار ۽ جمالياتي اندروني پرڪرتي جو هڪ عنصر آهي، جنهن ڪري اها تخليق جو مڪمل روپ سامهون اچي ٿو. حساسيت ۾ اچي ٿي رچناڪار کي رچنا لاءِ ڪجهه انهن ماڌمن (Mediums) جي تلاش ڪرڻي پوي ٿي، جيڪي ٻاهر سان واسطو رکن ٿا. اهي ماڌم جا ذريعا آهن لفظ، رنگ، آواز، ليڪ ۽ پٿر. ۽ انهيءَ ۾ رچنا جا جدا جدا روپ سامهون اچن ٿا - سنگيت، چترڪلا، ناٽڪ ۽ ساهت. رچناڪار پنهنجي جمالياتي اصولي ۽ ٻولي جي اظهار لاءِ انهن ڪلا-روپن جي سرشٽي ڪري ٿو. ساهت ۾ انهن ڪلا-روپن مان هڪ آهي.

ڪلپنا جو سڌو لاڳاپو حساسيت (Sensibility) ۽ ٻولي سان آهي، جهڙي اصولي انسان جي ڪنهن به عضوي ۾ رد-عمل ٿئي ٿو نه اهي جاڳڻ لاءِ انسان کي پنهنجي وهي ٿي جهڙي اصولي جمالياتي انهن لفظ بعد هر هڪ حساس شخص اندر جي سارڪشنا لاءِ اسباب ڳولهڻ لڳي ٿو. ڪلپنا جو سڌو لاڳاپو نا معلوم اسباب - وڌان (Imagery) سان ٿي آهي.

انهيءَ طرح رچنا جو ترقي تمام اموجود سطح تي جمالياتي جي پيدا ٿيڻ سان ٿي جڪڙ

ٿو. اندروني اسيمتا يا وشالتا جو مطلب اُن حالت سان آهي، جڏهن هڪ شخص کي اهو محسوس ٿو ٿئي ته اُهڙن (سنساري) حالتن جيان اهڙي قسم جي اورس سوالن سان ڀريل هڪ وسيع دنيا اندر به موجود آهي جنهن ۾ هو پاڻ کي ڳولهڻ چاهي ٿو. رچناڪار جي اها پرکرڻا هڪ روائتي انسان جي پرکرڻا کان ابتڙ ٿئي ٿي. هڪ روائتي انسان اِن شخص جي آزمودن جي نتيجن مان پنهنجي سوالن جا جواب پائي خوش ٿئي ٿو پر هڪ رچناڪار اُنهن سوالن جا جواب پنهنجي انڀوتيءَ جي جوهر مان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

انڀوتي اهڙي لوڙني جڳياسا بيان ڪندڙ ليکڪ ڀيرو ن لڪائيندي مون پاڻ تي جڏو آهي. جڳياسا ۽ انڀوتيءَ جو جنم گهڻو ڪري گڏو گڏ ٿيندو آهي. جڳياسا کان اڳ انڀوتيءَ جو يا انڀوتيءَ کان اڳ جڳياسا جو ڪرڻي جو روپ نظر نٿو اچي ڇو ته اهي ٻئي بلڪل اورس ۽ اندروني عنصر آهن.

جڳياسا ۽ ڪتوهل ۾ تفاوت آهي. جڳياسا جي مول ۾ ڪتوهل جو ڀاءُ رهي سگهي ٿو ۽ رهندو به آهي پر ڪتوهل جڳياسا ڪانهي. قديم زماني ۾ جڳياسو اُن شخص کي سڏيو ويندو هو، جيڪو ايشور ۽ برهمانڊ سان واسطو رکندڙ اُن پالڪ سوالن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي اڀلاکا رکندو هو. هونءَ به جڳياسا جي لفظي معنيٰ ڄاڻڻ جي اڇا آهي. جديد وقت ۾ اڄ جي شخص جي شخصيت لئي ڪافي وسيع رهيو آهي. وچاروان شخص اهو محسوس ڪيو آهي ته سموري برهمانڊ جي رچنا ۾ ۽ انسان جي رچنا ۾ ڪو خاص وڏو فرق ڪونهي. جيڪو برهمانڊ ۾ ٿئي ٿو، سو انسان جي من اندر به ٿئي ٿو. انڪري اڄ جي انسان کي اهو وڏو وڏو پورڻ لڳو ته سوالن جا جواب هن برهمانڊ جي رچنا ان خيالي شڪتي ايشور ۾ ڳولهڻ بدران پنهنجي اندران سنسار ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ اهڙي لوڙني هڪ نئين ۽ الڳ قسم جي چيڙي لوڙني (Form of Analysis) جنم ورتو، جنهن ۾ انسان اهو محسوس ڪيو ته هن انڀوتين ۽ جڳياسائن مان هو گڏو گڏ تر اهڙي ئي لوڙني جا سوال اُن سان به جڙيل آهن، جنهن جي معنيٰ اِها آهي ته مادي ڏانهن ئي هر هڪ انسان ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ اُهيءَ هڪجهڙائيءَ کي انسان ۾ مليل وچترتائن ۽ الڳتائن ذريعي ئي ڳولهڻو آهي. پاڻ ذريعي 'انسان' کي سمجهڻ جي اِها پرکرڻا به ڪا نئين ڪانهي پر هن پرکرڻا جو صحيح ۽ صاف روپ انسان کي جديد زمان ۾ ئي مليو آهي.

18 صديءَ جي انيڪ تبديلين بعد ڪي اهڙيون حالتون اچي ويون، جن انسان

ساهت - رچنا

□ پروفيسر جڳديش لڇاڻي

جيون هڪ ڪهاڻي آهي. انسان ۾ جڏهن سمجهه آئي هوندي تہ هن سوچڻ شروع ڪيو هوندو تہ 'مان ڪير آهيان؟ ڪٿان ۽ ڇو آيو آهيان؟ هيءَ منهنجي چوڌاري ڦهليل آهي؟' ۽ پوءِ انهن سوالن جا جواب ڳولهيندي ڳولهيندي تہ هن جواب بہ پاڻ ئي ڏيڻ شروع ڪيا هوندا. اهو سلسلو اڃا هلي رهيو آهي. نہ سوال ئي ختم ٿا ٿين ۽ نہ سندن جواب ئي. هر هڪ جواب مان هڪ نئون سوال پيدا ٿئي ٿو ۽ انهن سوالن جوابن جي سلسلي مان لڳي ٿو تہ هڪ ورات جيون چوطرف ڦهليل آهي. ان ۾ ڄاڻڻ جي جگياسا بہ آهي تہ پنهنجي ڳالهہ چوڻ جي تہ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي ڀاونا بہ. انهيءَ چوڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڀاونا ئي ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو. انسان کي مجبور بڻائڻ واري انهيءَ اظهار پڇيان ان کي اسهيہ ۽ اسمرٿ بڻائڻ وارو ڀاءُ يا جذبو ئي آهي (Element of Emotion) اها اسمرٿتا جڏهن حساس انهوليءَ جو روپ ڌارڻ ڪندي آهي تہ جگياسا جنم وٺي ٿي ۽ اها جگياسائي پنهنجي چنتن - شيل پرڪريا (Thinking Process) ۾ هڪ تخليقي يا رچنا (Creation) يا ڪلا - روپ ڌارڻ ڪندي آهي.

رچنا - پرڪريا جي انهيءَ روپ کي وچارن جي ڪسوٽيءَ تي سمجهڻ ڏايو ڏکيو آهي ڇو تہ جگياسا (Curiosity) کان وٺي ڪلا - روپ تائين انساني انهوليءَ جي اها يالرا تمام جٽل ۽ امورت آهي. ڪن ودوانن جو اهو رايو معلوم رکي ٿو تہ رچنا پرڪريا جي شروعات بہ انهيءَ اسهہ ۽ لاچار بڻائڻ واري انهيءَ ڀاءُ يا جذبي مان ٿئي ٿي.

(Poetry is the spontaneccous over flow of Power ful Feeliugs Words Worth)

پر انهيءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ پڙهندڙ کي اسمرٿتا جو بوڌ ٿيو هجي ۽ نہ صرف احساس. جيتوڻيڪ بوڌ جو جنم بہ احساس مان ئي ٿيندو آهي پر احساس سڀني کي ٿيندو آهي ۽ نہ بوڌ. اعليٰ رچنا جو جنم بوڌ جي اسٿتيءَ مان ئي ٿئي ٿو.

انساني اظهار جي مول ۾ جگياسا ڀاءُ ئي رهي ٿو. جگياسا ڀاءُ، جيڪو انسان جي اندر ۾ پاهرين وشالتا جي تضاد ۾ پنهنجي سارٿڪتا ثابت ڪرڻ جي ايڇا مان پيدا ٿئي

۾ هڪ مخزن شروع ڪئي. سنڌيءَ ۾ محمد صاحب واسطو رکندڙ اهو پهريون رسالو آهي. ساڳئي سال ڪراچيءَ مان سرڪار طرفان "رسالہ زراعت" شروع ڪيو ويو، جنهن جو مقصد ڪمتي بارين ۽ باغات جي فن بابت ڄاڻ ڏيڻ هو.

(10) سنڌ ۾ گذريل صديءَ جي آخر ۾ هڪ ادبي مخزن "سوکڙي" به شروع ٿي جيڪا اٽڪل پنج سال باقاعدي نڪرندي رهي. اهو مخزن هندو ـ سنڌي (هندوائڻ) اکرن ۾ لکي ڇپبي هئي.

اهڙيءَ ريت اخبار نويسيءَ جي ڪيتر ۾ سنڌيءَ کي اول سن 1858ع ۾ جاءِ ملي. گذريل صديءَ جي آخر تائين يعني پنجاهن سالن جي عرصي ۾ سنڌي اخبار نويسيءَ چڱي ترقي ڪئي. اهڙيءَ هڪ طرف سنڌي ادب کي اوج ڏني ته ٻئي طرف عوام جي آواز جو زوردار واهڻ بڻجي، ساڳئي کي زندگيءَ جي اٽڪل ونجهه آڻي ڇڏيو.

Add :- D-127, Vivek Vihar DELHI-110032

جنهن هند مان آهه ٻار جو ٻيڪور لڏي رهيو،
اوڪيءَ مان جنهن جي ترب کان ڪومل ڪلي رهيو،
جنهن مان جهاز ڌرم ٻري ٻسا ٻڏي رهيو،
اقبال يا زوال ڏي پيو سن اڏي رهيو،
لوليءَ جي لاش لاش ۾ تالو ٿڌو رهي،
مالا جي ساس ساس ۾ تالو ٿڌو رهي.
(بيوس)

'جوت' ۾ ڇاهي ڪجهه ڪالم ڪرستان مذهب جي پرچار جا هوندا هئا، پر ادبي لحاظ کان هن رسالي جو معيار تمام اوچو هو. پرمانند انهيءَ رسالي ذريعي سنڌي ادب خاص ڪري سنڌي نثر کي جيڪا اوچ ڏياري سا هميشه سونهري اکرن ۾ لکيو ويندي. انهيءَ مخزن ۾ شايع ٿيل لطيفا ۽ ٻارهون آکاڻيون پوءِ پرمانند 'دل بهار' نالي سان ڪتابي روپ ۾ ڇپائي ظاهر ڪيون. ساڳيءَ ريت 'جوت' جا چونڊ مضمون 'گل ڦل' نالي سان ڄڻ ڀاڱن ۾ سنگره ڪري ڇپايا ويا.

(7) سنه 1897ع ۾ ٽي نيون هفتيوار سنڌي اخبارون شروع ٿيون، جيڪي آهن :-

(الف) "الهلال" لاڙڪاڻي مان (ب) "خير خواهه" لاڙڪاڻي مان ۽

(پ) "مسافر" حيدرآباد مان.

(8) الحق :- سنه 1899ع ۾ شيخ عبدالعزيز محمد سليمان، سکر مان 'الحق' نالي هڪ هفتيوار سنڌي اخبار شروع ڪئي. سنه 1901ع کان وٺي اها اخبار حيدرآباد مان نڪرڻ لڳي. اُن دور ۾ محمد هاشم "مخلص" ۽ پوءِ شمس الدين "بلبل" ۽ پيا انهيءَ جا ايڊيٽر ٿي رهيا.

'الحق' اخبار جي نيتي سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ۽ سماجڪ حالت سڌارڻ هئي، انهيءَ ڪانسواءِ مسلمان عوام جي ڏکن ۽ اهنجن کي سرڪار تائين پهچائڻ جو به هڪ مکيه واهڻ هئي. 'معاون الاسلام' وانگر هن اخبار ٿي به عليڳڙهه تحريڪ جو گهڻو اثر هو، جنهن جو مول متو هو ته انڊين نيشنل ڪانگريس سان شامل نه ٿجي ۽ انگريز سرڪار سان ساٿ ڏئي مسلمانن جي ترقيءَ جي راهه آسان بڻائجي. سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ جيڪي سياسي اختلاف پيدا ٿيا، اُنهن جي ڪري هيءَ اخبار به ٽي ڀيرا بند ٿي ۽ وري جاري ٿي. انهيءَ هوندي به هيءَ اخبار اٽڪل چوٿائي سال کن سنڌ ۾ مسلمانن جي حقن لاءِ لڙندي رهي.

(9) سنه 1899ع ۽ 1900ع ۾ به ٽي ماهوار رسالا به نڪتا، جن کي ادب جي خيال کان گهڻي اهميت نه آهي. مثال طور، لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ٿاهيم مان 'الاخوان المسلمين' نالي رسالو اسلام جي اصولن جي پرچار لاءِ سنه 1899ع ۾ نڪرڻ شروع ٿيو.

ساڳيءَ طرح سنه 1900ع ۾ هدايت الاخوان نالي ماهوار مذهبي رسالو امروٽ مان جاري ٿيو. حيدرآباد مان ڊاڪٽر بولچند پرسرام ڀمواڻيءَ "ڏند رستي" نالي سان سنه 1900ع

لالچند امرڏنو مل جڳتياڻيءَ انهيءَ اخبار جي باري ۾ لکيو آهي "انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ بابو ٻيهرچيءَ جي ادارت هيٺ 'پرڀات' نالي هفتيوار اخبار نڪتي. انهيءَ جو مهتمم سرڪاري لنبڪراج للوچند هيو. هن صاحب جي پي ۽ ٻالپڻ ۽ صاف گوئيءَ جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ ٺڪڙ جي وانگي. هو صاحب ڪنهن جي ٻه ٽڪ رکائي ڪالم ڪندو هو. ڪاٺي ڪي ڪارو ڪوليندي ڪيس ڪهڪ ليندي ڪي ڪالم هئي. پرڀات جي عبارت جو ڍنگ به انهيءَ سوءِ جي حالتن ڪري نرالو هو. سرڪار نامدار سان ڪوڙسڱنائي انهيءَ اخبار جا ڪالم ڪئي ۽ ڀر عملدارن جو انهن مان ور انهيءَ اخبار چڪو لائو. عملدار، گرواچا ڪارا هن اخبار کان ڪن هٿندا هئا." (1)

(4) ديش سڌار :- هيءَ اخبار سنه 1894ع ۾ ڪراچيءَ مان نڪرڻ شروع ٿي ۽ سنڌ ايڊيٽر هو مهاشه ڏيئومل ڪاڪمل آرا. هن رسالي جو مکيه مقصد هو سنڌ ۾ آريه سماج جي مت جو پرچار ڪرڻ.

(5) آفتاب-سنڌ :- هيءَ هفتيوار سنڌي اخبار سنه 1895ع ۾ سکر مان سيٺ حاجي احمد ميمڻ شروع ڪئي. انهيءَ اخبار جو پهريون ايڊيٽر شمس الدين 'بلبل' هو. اخبار جو مکيه مقصد مسلم عوام جو آواز پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي حقن لاءِ لڙڻ هو.

(6) جوت :- هن اخبار جي شروعات 1 آڪٽوبر 1896ع تي ٿي ۽ مهيني ۾ ٻه دفعا شايع ٿيندي هئي. سنه 1891ع ۾ سادو هيرانند جي ارپا ڪيل نوين اڪيڊميءَ جو ماستر پراڻي چرچ ڳيرچي وجي ڪرستان ٿيو. سنڌ آر هيٺ ان نين ماسترن پرمانند ميوارام ۽ کيمچند آڏواڻي به هندو ڌرم ڇڏي عيسائي مذهب اختيار ڪيو. انهيءَ تان سادو هيرانند کي لعام گهڻو ڏک ٿيو. پوءِ انهي نيٺي هتا هيرانند جي چوڻ تي اڪيڊميءَ مان استعفا ڏئي ويا. سنڌ ۾ ڪرستان ڌرم جي پرچار لاءِ بابو ٻيهرچيءَ جي ادارت هيٺ سنه 1896ع ۾ 'جوت' مخزن شايع ٿيڻ لڳي. شروع ۾ ٻيهرچي ۽ کيمچند انهيءَ اخبار جا ايڊيٽر هئا. ٻن ٽن سالن بعد اها ذميداري پرمانند ميوارام کنئي ۽ پنهنجي وفات تائين يعني سنه [illegible]ع تائين انهيءَ جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪندو رهيو. سندس گذاري وڃڻ بعد الفريڊ جيرامداس 'جوت' جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ساڳين اصولن تي انهيءَ کي هلائيندو رهيو. سنه [illegible]ع ۾ هيءُ رسالو بند ٿي ويو.

1- جڳتياڻي لالچند امرڏنومل، سنڌي اخبار نويسيءَ جي ابتدا، سنڌو مخزن، آگسٽ [illegible]ع، ص. 23.

1888 جو هڪ پرچو لائبريريءَ ۾ محفوظ آهي ۽ اها اخبار روزاني هئي. (1)
انهيءَ مان ظاهر آهي ته هيءَ اخبار 1885 کان پوءِ به شايع ٿيندي رهي.

(2) **معاون الاسلام**:- 16 مارچ 1884ع تي حسن علي آفنديءَ (1830–1895)
ڪراچيءَ ۾ 'انجمن الاسلام' نالي هڪ سنستا برپا ڪئي. انهيءَ پاران سال 1885ع ۾
ڪراچيءَ ۾ بولٽن مارڪيٽ وٽ 'سنڌ مدرسة الاسلام' نالي هڪ اسڪول کوليو ويو.
سنڌ ۾ مسلمانن کي انگريزي تعليم ڏيارڻ ۽ مذهبي لحاظ زماني جي سڌارڪي پيدا ڪرڻ،
انهيءَ اسڪول جو مکيه مقصد هو. انهيءَ ۾ عربي، فارسي ٻولين ۽ مذهبي تعليم سان
گڏ انگريزي ۽ ٻيا وشيه به پڙهيا ويندا هئا. حسن عليءَ مدرسي ۾ هڪ سنڌي ڇاپخانو
به شروع ڪيو. جتان 'معاون الاسلام' نالي هڪ هفتيوار سنڌي اخبار سال 1885 کان
وٺي شروع ڪئي وئي. مرزا قليچ بيگ جي لفظن ۾ "مولوي الله بخش، جو هاڻوڪي ڪراچي
جي هاءِ اسڪول ۾ پرشين ٽيچر هو ۽ پوءِ سنڌ مدرسي ۾ معلم ٿيو ۽ سيد شريف شاهه سان
گڏ مدرسي جي اخبار 'معاون اسلام' جو مهتمم به ٿي ڪم ڪندو هو. (2)
مولوي الله بخش ابوجهو سنه 1901ع ۾ وفات ڪري ويو. اُن بعد شمس الدين بلبل
(1857–1919) به ڪجهه عرصو انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

(3) **پرڀات**:- سنه 1891ع ۾ حيدرآباد مان 'پرڀات' نالي هڪ هفتيوار اخبار شروع
ٿي، جنهن جو ايڊيٽر ليکراج ٽلوڪچند هو. اها اخبار مکيه طرح سان هڪ سياسي اخبار
هئي، جيتوڻيڪ منجهس سهڻا ادبي مضمون پڻ شايع ٿيندا هئا. پروفيسر منگهارام
ملڪاڻيءَ هن کي روزاني سنڌي اخبار سڏيو آهي. هو لکي ٿو "اُنهيءَ زماني ۾ جهولي
۾ جهولي روزاني سنڌي اخبار 'پرڀات' هوندي هئي، جا 1891 ۾ ليکراج ٽلوڪچند چالو
ڪئي هئي ۽ ماڻهو ڏاڍي چاهه مان اُن جو اُتم شرط پڙهندا هئا. ليکراج صاحب هڪ
بي ڊپو ۽ قابل مهتمم هوندو هو ۽ پبلڪ، سرڪاري ۽ ميونسپل آفيسرن جي ڪڙي
ٽيڪاٽپڻي ڪندو هو. (3)

1– گل شير الوچ، 'سنڌي ادب' ٽه ماهي مخزن، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
سنڌ يونيورسٽي، 1982، جلد 6، نمبر 1–2، ص. 40.

2– مرزا قليچ بيگ، 'خان بهادر حسن علي آفندي مرحوم'، مهراڻ 1958ع (3–4)
ص 170.

3– ملڪاڻي، منگهارام اڌارام، سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي 1968، ص. 236.

لپيءَ ۾ خاص انهن سنڌي زالن لاءِ شروع ڪيا ويا، جيڪي عربي - سنڌي اکر نه ڄاڻنديون هيون. هيرانند جو وڏو ڀاءُ ساڌو نولراءِ انهيءَ جو ايڊيٽر هو. انهيءَ اخبار ۾ ڌرمي ڪتابن، ڀڄن وغيره کان سواءِ ٻارن جي نپاج، صحت، صفائيءَ ۽ سماجي برائين کي دور ڪرڻ لاءِ به دلچسپ مضمون ۽ ڪهاڻيون وغيره ڏنيون وينديون هيون. سنڌي گرمکي لپيءَ ۾ اهو پهريون رسالو آهي. اِن ڪري چئجي ته خاص زالن لاءِ به سنڌيءَ ۾ اهو پهريون مخزن آهي.

گذريل صديءَ جون ٻيون سنڌي اخبارون

سنه 1890ع ۾ سرسوتي ۽ سڌار پترڪا شايع ٿيڻ کان سواءِ سنه 1900ع تائين جيڪي ٻيون اخبارون شايع ٿيون، انهن جي وچور هيٺينءَ ريت آهي:—

(۱) معين الاسلام:— مرزا مخلص عليءَ جي ٽئين نمبر پٽ مرزا محمد صادق (وفات 1901ع) ڪراچيءَ مان سنه 1880ع ۾ 'معين الاسلام' نالي سان هڪ سنڌي هفتيوار اخبار جاري ڪئي. اها هر هفتي جمعي ڏينهن نڪرندي هئي. منجهس شعر - شاعريءَ کان سواءِ تعليمي ۽ ادبي مضمون به ڇپبا هئا. مرزا محمد صادق جي فارسي هفتيوار اخبار 'اڪليل' سان گڏ، اها اخبار به سنڌي اسڪولن لاءِ منظور ڪئي وئي هئي. انهن ٻنهي اخبارن بابت مرتضائي ٺٽويءَ جي سنڌي ڪتاب "يوسف زليخا" ۾ هڪ مخمس ڏنل آهي:—

ڪئي اڪليل جا اخبار عمدي،
منجهاران فارسيءَ بسيار عمدي؛
معين آهي سنڌس سنڌيءَ جا اخبار،
برابر آهي نسا جنهن گوهر بار.

غلام محمد گراميءَ پنهنجي تحقيقي مضمون 'سنڌي ليٿوگراف' ۾ "معين الاسلام" جي جاري رهڻ جو عرصو فقط پنج سال (1880 کان 1885 تائين) ڄاڻايو آهي.(۱) پر گل شير بلوچ تازو پنهنجي مضمون 'اسٽيٽمينٽ آف سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبريريءَ ۾ موجود سنڌي اخبارن جو تفصيل" ۾ ڄاڻايو آهي ته 'معين الاسلام' اخبار جو سال

۱- گرامي غلام محمد، سنڌي ليٿو مقالو، مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، سال 1964، پرچو پهريون ص. 174.

گهر ۾ سرسوتي شوق سان پڙهجي آهي. گوشتخوريءَ کان پاڻ کي ڇوڙي آڻڻ ڏاڍي واري
سمجهاڻ آهي ۽ دل آلو ڪا، اوهين به هوند ان باري ۾ جو ساهت ولايت مان اکري ڪري،
سو نظر مان ڪڍو ۽ پنهنجي اخبار ۾ ان مضمون تي ليک شايع ڪريو." هيرانند کي اها
صلاح گهڻي پسند آئي. هن پوءِ انهيءَ وشيہ تي به گهڻا ليک سرسوتيءَ ۾ ڇپيا.

هيرانند سرسوتيءَ ۾ پڙهندڙن جا خط ۽ رايا به ڇپيندو هو، انهيءَ ڪري مخزن
پڙهندڙن ۾ وڌيڪ دلچسپ ثابت ٿي. افسوس جو اٽڪل ٽن سالن بعد هيرانند جو
اوچتو دهانت ٿيو، سندس وڏو ڀاءُ نولراءِ به ساڳئي سال 1893ع ۾ اُن کان اڳ ڪالرا
ڪري گذاري ويو. اُنهن کانپوءِ سندن ساٿي پرڀداس شيوڪرام آڏواڻي (1866-1939)
سرسوتي اخبار جو ڪجهه ٿي عرصو ايڊيٽر رهيو. هن به انهيءَ رسالي جي ساک ايتي قائم
رکي. هر پرچي جي سرورق تي رسالي جي نيتي جا الفاظ هوندا هئا "هن ۾ چڱيون
نصيحتون، سٺيون آکاڻيون، ڌرم ۽ نيتيءَ ۽ سکيا جون سهڻيون ڳالهيون لکبيون." انهيءَ
کان پوءِ شاه لطيف جو هيٺيون بيت ڏنل هوندو هو ـــ

"پر ڳهران پاسو ڪري پنهنجو پران ڪر پاڻ،
سو ٿان لهڻ سانا جنهن لاءِ جتاوون ڪريان."

سرسوتي رسالي جي اها نيتي آخر تائين قائم رهي. گذريل صديءَ ۾ اهو رسالو
لٿو ۾ ڇپبو هو، پر پوءِ وهين صديءَ جي شروعات ڌاري ٽائيپ ۾ شايع ٿيڻ لڳو.
سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان ڇپجندڙ **اخبار تعليم** جي جون 1905ع واري پرچي
۾ هيءَ خبر ڇاپيل آهي :ـــ

"'سرسوتي' ۽ 'سنڌار پتريڪا' ٻه ماهوار حيدرآباد جون اخبارون آهن، ٻئي ان عراضي
سنڌيءَ ۾ ۽ ٻي گرمکيءَ ۾. انهن ۾ هن سال کان وٺي تصويرون پڻ اچيون آهن. انهي
اخبارون خاص ڪري زالن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي فائدي لاءِ جاري ڪيون ويون آهن.
سنڌ ۾ اهي پهريون اخبارون آهن جن ۾ تصويرون ڏنيون ويون. انهن جو پهريون پرچو ۽
ڇپائي وغيره جو ڊول هاڻي گهڻو سڌريو آهي ۽ منجهن ڪيترائي عمدا ان اخبارن درج
ٿين ٿيون. گذريل مهيني جون ڪاپيون جي اسان ڏٺيون نموني طور موڪليون ويون آهن
انهن ۾ مهاراڻي اليگزينڊرا جو چٽو بيان ڏنل آهي ۽ آنرل ديوان ڏيارام گدومل جي
جيون چرتر وڻندڙ ٻوليءَ ۾ لکيل آهي."

هندو پنڪتي سنڌار سڀا 'سرسوتي' رسالي سان گڏ ساڳئي سال ۾ ٻي هڪ ماهوار
مخزن شروع ڪئي هئي. انهيءَ جو نالو هو **سنڌار پتريڪا**. اها سنڌي پتريڪا گرمکي

ساڌو هيرانند سنه 1884ع کان وٺي نومبر 1887ع تائين 'سنڌ سڌار' اخبار جو سمپادڪ ٿي رهيو. انهيءَ زماني ۾ هن عوام جي اهنجن دور ڪرڻ ۽ کين سندن حق وٺي ڏيڻ لاءِ انهي سنڌي اخبار ذريعي گهڻوئي لکيو. 5 نومبر 1887ع ۾ ساڌو هيرانند ڪراچي ڇڏي حيدرآباد کي پنهنجو ڪرم-کيتر بڻايو ۽ اُتي جي تعليمي ترقي ۽ سماجي سڌار ۾ پنهنجي جيوت ارپڻ ڪيائين. (1)

پهريون سنڌي ماهوار رسالو

سنڌيءَ ۾ پهريون ماهوار ادبي رسالو 'سرسوتي' آهي جيڪو نومبر 1890ع ۾ حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو. انهيءَ جو مهتمم ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي (جنم 23 مارچ 1863ع - مرتيو 14 جولاءِ 1893) هو. هيرانند جڏهن ڪراچي ڇڏي حيدرآباد ۾ اچي رهيو، تڏهن اُتي پنهنجي، وڏي ڀاءُ نولراءِ ۽ ٻين ساٿين جي مدد سان 28 آڪٽوبر 1888ع تي 'نولراءِ اڪيڊمي' نالي هڪ اسڪول کوليائين. هن سماجڪ ۽ تعليمي سڌارا آڻڻ لاءِ حيدرآباد ۾ "هندو سماجڪ سڌار سڀا" (Hindu Social Reform Association) ٺاهي، جنهن طرفان "سرسوتي" مخزن شايع ٿيڻ لڳي. انهيءَ جي ڇپائيءَ لاءِ هيرانند پنهنجي اسڪول ۾ سرسوتي سنڌي ڇاپخانو به شروع ڪيو.

سرسوتي مخزن ۾ سماجي ۽ ڌرمي مضمونن سان گڏ شعر، ڪهاڻيون ۽ لطيفا به ڇپبا هئا. هيرانند جون لکيل ڪهاڻيون سرسوتيءَ جي جدا جدا پرچن ۾ جيڪي تعداد ۾ شايع ٿيون هيون، جيڪي پوءِ پرومل مهرچند آڏواڻيءَ (1876 - 1950) گڏ ڪري هيري جون ڪڻيون نالي سان ڪتابي روپ ۾ سنه 1926ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيون. تلڇند ڪوڏومل جون به ڪيتريون ئي رچنائون سرسوتيءَ ۾ ڇپيون هيون. هن سرسوتي مخزن ۾ دلسوز خط وڌا، جيڪي جڻ ته ڪنهن دکي پرڻيل ڇوڪريءَ پنهنجيءَ ماءُ کي لکيا هئا. انهن خطن ۾ عورت ذات جي دردناڪ حالت چٽيل ڏيکاري هئي، جن جي پڙهڻ سان زالن لاءِ مردن جو من پرچي پيندو هو.

سرسوتي مخزن نه فقط هندو پر ڪيترا مسلمان به گهڻي چاهه سان پڙهندا هئا. هڪ پرچي ۾ مسٽر محمد هاشم ابجاڻيءَ جو لکيل خط ڇپيو هو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو، "اسانجي

1- شهاڻي، ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند (سنڌي ترجمو) بمبئي 1961.
ص. 61 ۽ 93.

سنڌي اَدب جي تاريخ جلد ٻئين ۾ هن صاف لفظن ۾ لکيو آهي؛ ”سنه 1866ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي طرفان ’سنڌ سڌار‘ نالي هڪڙي هفتيوار اخبار جاري ٿي هئي؛ انهيءَ هر هڪ پرچي ۾ سنڌ جي شاعرن جا سنڌي شعر درج ٿيندا هئا.“ (1)

محمد صديق ميمڻ کي ’سنڌ سڌار‘ اخبار جا ڪجهه جهونا پرچا به هٿ آيا آهن، جن مان هن چوند سنڌي شعر مثالن طور پيش ڪيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ٿيندڙ ’مهراڻ‘ ٽماهي رسالي جي سال 1975ع نمبر 4 پرچي ۾ ’سنڌ سڌار‘ اخبار جي ٽائيٽل واري صفحي جو عڪس ڏنو ويو آهي. اُنهيءَ تي لکيل آهي ”نمبر 9 ڪراچي جمعه تاريخ 27 مهينو سپٽمبر سنه 1878ع جلد 13.“ اِنهيءَ بيان مان پڪيءَ ريت ثابت ٿئي ٿو ته هيءَ اخبار سال 1866ع ۾ شروع ٿي هئي.

ڪريم بخش خالد ’سنڌي صحافت‘ ۾ اِنهيءَ اخبار جي شروع ٿيڻ بابت هڪ اهميت وارو حوالو ڏنو آهي ”ڪشف الاخبار (بمبئي) جي 10 آگسٽ 1866ع واري پرچي ۾ لکيل آهي ته سنڌ مان سنڌي زبان ۾ ’سنڌ سڌار‘ نالي هڪ اخبار 1 آگسٽ 1866ع کان 1 ۽ 15 تاريخ تي شايع ٿيڻ شروع ٿي آهي.“ (2)

اِنهيءَ حوالي مان اِهو به معلوم ٿئي ٿو ته شروع ۾ سنڌ سڌار پندرهين - پندرهين ڏينهن شايع ٿيندي هئي. ممڪن آهي ته ڪجهه سالن بعد اِنهيءَ کي هفتيوار اخبار بڻايو ويو هجي. سال 1878ع ڌاري اِها اخبار هر هفتي جمعي ڏينهن شايع ٿيندي هئي.

’سنڌ سڌار‘ اخبار سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان جاري ڪئي ويئي هئي ۽ سرڪاري ليٿو ڇاپخاني ۾ ڪراچيءَ ۾ ڇپبي هئي. هيءَ اخبار پنهنجي دور ۾ مشهور تعليمي ۽ اَدبي سنڌي اخبار هئي. مختلف مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر وغيره شايع ٿيندا هئا. شعر - شاعريءَ تي تنقيد ۽ علمي بحث کي به اخبار ۾ جوڳي جڳهه ڏني ويندي هئي.

سال 1884ع ۾ جڏهن ’سنڌ سڀا‘ ڪراچيءَ وارن ’سنڌ ٽائيمس‘ نالي انگريزي اخبار جو ايڊيٽر ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻيءَ کي مقرر ڪيو ته هن سرڪار ’سنڌ سڌار‘ اخبار به سنڌ سڀا وارن کي هلائڻ لاءِ سونپي ڏني.

1- ميمڻ، محمد صديق : تاريخ سنڌي اَدب، جلد 2، حيدرآباد سنڌ، ڊسمبر 1960. ص. 223.

2- خالد، ڪريم بخش، سنڌي صحافت، سکر سنڌ، سنه 1955. ص 117.

۽ بگاڙي فارسي آميزش واري ڪري ڇڏيندو هو. آخري قسم جي سنڌي ڪيترن هندن تي سمجهه کان ٻاهر هوندي هئي.

انهيءَ زماني گذريل صديءَ ۾ سنڌ مان ٻه فارسي هفتيوار اخبارون نڪتيون — مفرح القلوب ۽ ڪامل ۽ ٻه فارسي - سنڌي هفتيوار اخبارون شايع ٿيون — فوائد الاخبار ۽ مطلع خورشيد. مفرح القلوب سنه 1855ع ۾ شروع ٿي ۽ سنه 1906ع تائين هلي ۽ ٻئي طرف مطلع خورشيد 1860ع ۾ جاري ٿي ۽ 1910ع تائين باقاعدي شايع ٿيندي رهي. ان لحاظ کان چئبو ته سنڌ ۾ فارسي اخبارنويسيءَ جو دور اٽڪل 55 سال آهي. ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ کي اخبارن ۾ جڳهه سنه 1858ع ۾ فوائد الاخبار جي شايع ٿيڻ سان ملڻ شروع ٿي.

سنڌ سڌار، پهرين سنڌي اخبار (شروعات 1866)

سنڌ سڌار پهرين سنڌي اخبار آهي جيڪا سموري سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندي هئي. هن اخبار جي شروع ٿيڻ جي سال بابت ڪيترن محققن ۾ اختلاف آهن. لالچند امرڏنومل جڳتياڻي پنهنجي مضمون 'سنڌي اخبار نويسيءَ جي تواريخ' ۾ لکي ٿو "اسي ايامي ڌاري وري تعليم کاتي جي پاران 'سنڌ سڌار' نالي هڪ هفتيوار اخبار جاري ٿي جنهن ۾ تعليم کاتي جي خبر چار ۽ سرڪاري سند سماءُ ڏيڻ سوا ڪو اهڙو مضمون پڌرو ٿي ڪونه ٿي، جو عام جنتا جي دلين کي ڇهي." (1)

ڪريم بخش خالد ۽ لالچند جڳتياڻيءَ جي راءِ کي وڌ ڏيندي لکيو آهي، "پر باقاعدي ۽ سچي معنيٰ ۾ سنڌي اخبار سال 1882ع ۾ سنڌ سرڪار جي تعليمي کاتي طرفان 'سنڌ سڌار' نالي شروع ڪئي وئي، جنهن جو ايڊيٽر سنڌ سرڪار جو 'سنڌي مترجم' (آفيسر) هوندو هو. مرزا صادق علي بيگ، ساڌو هيرانند ۽ ايسا آنجا ناليرا ان جا ايڊيٽر ٿي گذريا آهن. ڪجهه عرصي کان پوءِ 1884ع ۾ اهو رسالو 'سنڌ سڀا' نالي هڪ جماعت جي حوالي ڪيو ويو." (2)

هن اخبار جي شروع ٿيڻ جو صحيح سال محمد صديق ميمڻ ڄاڻايو آهي، پر انهيءَ طرف ڪيترن ليکڪن جو ڌيان نه آهي ته هو ڄاڻان ڇا ويو آهي!

1- جڳتياڻي، لالچند امرڏنومل، سنڌي اخبار نويسيءَ جي تواريخ، سنڌو رسالو آگسٽ 1946ع، ص 21.

2- خالد، ڪريم بخش، سنڌي صحافت، سکر سنڌ، 1955ع، ص 115.

۾ به ڇپرون ڏنل هونديون هيون. انهيءَ بابت الهرکيو ٻٽ لکي ٿو ”سال 1858ع ۾ سنڌي صحافت جو بنياد پڻ رکيو ويو. اُن سال سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان پهرين اخبار ڪراچيءَ مان جاري ٿي. اها هفتيوار اخبار فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪڍي ويئي. ان اخبار جو نالو ’فوائد الاخبار‘ هو ۽ 25 مئي 1858ع کان نڪتي هئي. ان اخبار ۾ زراعت سائنس، تاريخ ۽ تعليم لئي مواد ڇاپيو ويندو هو ۽ گورنمينٽ پريس ۾ ڇپجندي هئي.“(1)

ادبي معيار جي لحاظ کان ڏسجي ته فارسي - سنڌي اخبارن ۾ ’مطلع خورشيد‘ وڏي اوچي معيار جي اخبار هئي. اها ’مفرح القلوب‘ جي مالڪ مرزا مخلص عليءَ سنه 1860ع ۾ سکر ۾ جدا ليٿو پريس برپا ڪري شايع ڪرڻ شروع ڪئي. خوشقسمتيءَ سان ڪيس پريس لاءِ گهربل پٿر به سکر ۾ ئي ملي ويا، جيڪو ولايتي پٿر کان به وڌيڪ مضبوط ۽ ڪارگر هو. انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر مرزا مخلص عليءَ جو پٽ مرزا محمد شفيع ’مشتري‘ هو. اخبار ۾ ٻه ڪالم هوندا هئا. هڪ ڪالم ۾ فارسيءَ ۾ مواد ڏنل هوندو هو ۽ انهيءَ جي سامهون ٻئي ڪالم ۾ اُن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو هوندو هو. مفرح القلوب وانگر هيءَ اخبار به سنڌ کان هندستان جي جدا جدا پرڳڻن ۾ ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ به ويندي هئي. انهيءَ وقت جا مشهور شاعر پنهنجا شعر هن اخبار ۾ شايع ڪرائيندا هئا. ’مطلع خورشيد‘ 1910ع تائين باقاعدي نڪرندي رهي.

جيئن ته ’مطلع خورشيد‘ پنهنجي دور جي هڪ مشهور اخبار هئي، انهيءَ ڪري منجهس ڏنل سنڌي ترجمي جي عبارت ۽ صورتخطيءَ ڏانهن هتي اشارو ڪرڻ ضروري آهي. چاهي سنه 1853ع ۾ تعليم کاتي عربي-فارسي اکرن ۾ سنڌي ٻولي لکڻ جو هڪ سرشتو مقرر ڪيو، انهيءَ هوندي به هن اخبار ۾ سنڌي صورتخطيءَ لاءِ انهن کي استعمال نه ڪيو ويو. حقيقت ۾ گذريل صديءَ جي آخر تائين جدا جدا ڪاتب پنهنجي پنهنجي نموني سنڌي لکندا رهيا. ’مطلع خورشيد‘ جو ڪاتب فيض محمد ٽالپي هو. هو انهيءَ کان اڳ خيرپور رياست جي مير علي مراد خان ٽالپر وٽ منشيءَ ۽ ڪاتب طور ڪم ڪري چڪو هو. ڪيس هر هڪ صفحي لئي ’مطلع خورشيد‘ ۾ فارسي ۽ سنڌي ڪالم لکڻا پوندا هئا. انهيءَ ڪري هن سنڌي لکڻ لاءِ به فارسيءَ جي ٻٽهن اکرن کان ڪم ورتو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترا سنڌي اچار جيڪي فارسيءَ ۾ نه آهن، سي صحيح درست نه لکندو هو. پر نه فارسيءَ مان ترجمو هئڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي عبارت

1- الهرکيو ٻٽ، سنڌي رسالن جي تاريخ، حيدرآباد- 1981، ص 7

هي پراڻي هٿين پر ساهتيه جي گهڻو پڻ فارسيءَ جو اثر پالا هو. فارسيدان سرڪاري ڪالن ۾ وڏن عهدن تي مقرر ڪيا ويندا هئا. انهيءَ تي چوڻي مشهور ٿي ته "فارسي، گهوڙي، چاڙهسي" جيڪڏهن ڪو فارسي عالم سرڪار ۾ مان مرتبو ماڻڻ ۽ درجو نه پائي سگهندو هو ۽ رواجي وڻج - واپار ڏانهن همت پاليندو هو ته ماڻهو اڪثر ڏاڍن آڳرائون ڏيئي چوندا هئا "پڙهي فارسي، وڪڻي ڪڻ ۽ تيل، ڏسو هيءَ قسمت جو کيل." انگريزي حڪومت شروع ٿيڻ بعد به ڪجهرائي سال سنڌ ۾ فارسيءَ جو زور قائم رهيو انهيءَ ڪري فارسيءَ ۾ اخبار شايع ٿيڻ بلڪل سڀاويڪ هو.

سنڌ جي ڪلهوڙن ۽ ٽالپر درٻار جي حڪم کي مان ڏيئي، انهيءَ وقت جي هڪ مشهور عالم مرزا مخلص عليءَ (وفات سنه 1877ع شڪارپور) ڪراچيءَ ۾ ڇاپو پريس شروع ڪئي. انهن سنه 1855ع ۾ "مفرح القلوب" نالي هڪ فارسي هفتيوار اخبار جاري ڪئي. اها اخبار باقاعدي 1906ع تائين شايع ٿيندي رهي ۽ آخري سالن ۾ سکر مان نڪرندي هئي. مرزا مخلص عليءَ جي وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ مرزا محمد شفيع اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. سنه 1883ع ۾ هن جي وفات کان پوءِ سندس ڀائر پروفيسر محمد جعفر (وفات 1913ع) ۽ مرزا محمد صادق (وفات 1901ع) اخبار جا ايڊيٽر ٿيا. پروفيسر محمد جعفر سنه 1887ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج کلڻ تي، انهيءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جو اعزازي پروفيسر مقرر ٿيو. هو بمبئي يونيورسٽيءَ جو فيلو به هو. مرزا محمد صادق ڪراچيءَ مان ٻه ٻيون اخبارون به شروع ڪيون هيون، جيڪي هيون "اڪليل" (1870 - 1875) فارسيءَ ۾ هفتيوار ۽ معين الاسلام (1880 - 1885) سنڌيءَ ۾ هفتيوار. اهي ٻئي اخبارون سنڌ سرڪار پاران اسڪولن لاءِ منظور ٿيل هيون. پروفيسر مرزا محمد جعفر هڪ اردو اخبار "دوربين" نالي پڻ ڪراچيءَ مان شروع ڪئي هئي.

مفرح القلوب ادبي لحاظ کان پنهنجي زماني ۾ انتهائي مشهور ۽ اوچي معيار واري اخبار هئي. منجهس خبرن کان سواءِ شعر ۽ شاعريءَ لاءِ به خاص جڳهه مقرر ٿيل هوندي هئي. سنڌ کان سواءِ پارس جي جدا جدا پرڳڻن ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ به اها اخبار پهچندي هئي. مشاعرن جو احوال به اڪثر تفصيلوار ۽ شعرن سان شايع ڪيو ويندو هو.

اوائلي فارسي - سنڌي اخبارون

مفرح القلوب جي جاري ٿيڻ کان اٽڪل ٽي سال پوءِ 1858ع ۾ "فوائد الاخبار" نالي هڪ هفتيوار اخبار ڪراچيءَ مان شروع ڪئي وئي. منجهس فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ

ڪئي، جيڪا لٽو ٽي هفتي ۾ ٻه دفعا ڇپبي هئي. انهيءَ جو نالو هو ”ڪراچي ائڊورٽائيزر“ (Kurrachee Advertiser) (1) ڪرم بخش خالد پنهنجي ڪتاب ’سنڌي صحافت‘ ۾ انهيءَ جو نالو ’سنڌ ائڊورٽائيز‘ ڄاڻايو آهي، جيڪو درست نه آهي. (2) انهيءَ اخبار ۾ سرڪاري خبرون شايع ٿينديون هيون. انهن سالن سر چارلس نيپئر جيڪو دغابازيءَ ۾ ڀلو وهدوار ڪيو هو، تنهن سندس ساٿيءَ ميجر آئوٽرام کي گهڻو رنجايو هو. انهيءَ ڪري انهن جي وچ ۾ گهڻا اختلاف پيدا ٿي پيا هئا. ڪراچي ائڊورٽائيز ذريعي سر چارلس نيپئر جي طرفدارن سندس وڪالت شروع ڪئي. حيدرآباد جي ڪليڪٽر راٿبورن اوميگا (Omega) نالي سان نيپئر جي بچاءُ ۾ ڪجهه ليک انهيءَ اخبار ۾ شايع ڪيا هئا. انهيءَ لحاظ کان ’ڪراچي ائڊورٽائيز‘ جا انهيءَ دور جا پرچا هڪ تاريخي اهميت وٺن ٿا.

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته ’ڪراچي ائڊورٽائيز‘ مڪمل طرح هڪ سرڪاري بليٽن هئي، جنهن ۾ گهڻو ڪري سرڪاري نوٽيس ۽ ملڪي انتظام جون خبرون ڇپبيون هيون. انگل ڏهاڪو سال پوءِ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي ايماڪاريءَ ۾ ڪراچيءَ جي هڪ مشهور پارسي سيٺين پوچاجي ۽ دورابجيءَ ڪراچيءَ ۾ خانگي ليٿو پريس ٻرپا ڪئي، جتان سال ١٨٥۴ع ۾ هنن سنڌين (Sindian) نالي سان هڪ انگريزي اخبار جاري ڪئي، جيڪا هفتي ۾ ٻه دفعا اڱارو ۽ ڇنڇر ڏينهن ظاهر ڪئي ويندي هئي. اخبار جي آخري صفحي تي فقط اشتهار ڏنا ويندا هئا. شروعاتي دور ۾ هڪ انگريز مسٽر اي.ڊبليو. اسٽرانج انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر هو. انهيءَ اخبار جي نيتي گهڻي قدر انگريز سرڪار جي تائيدي ۾ هوندي هئي. انهيءَ هوندي به عوام جي آواز ۽ ڏکن-سورن کي به اخبار ۾ جوڳي جڳهه ڏني ويندي هئي. ڪجهه عرصي بعد انهيءَ جو نالو بدلائي ’ايڪن‘ رکيو ويو ۽ انهيءَ کان پوءِ ’سنڌ ٽائيمس‘ رکيو ويو. سال 1884ع ۾ انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر ڪجهه وقت لاءِ ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي (جنم 1863 - مرڻ 1893) مقرر ڪيو ويو. انهيءَ بعد سندس بنگالي دوست نگيندرناٿ گپتا انهيءَ اخبار جون واڳون سنڀاليون.

سنڌ ۾ پهرين فارسي اخبار

سنڌ ۾ مسلمان حاڪمن جي ايماڪاريءَ ۾ فارسي نه فقط سرڪاري دربار ۾ لکڻ ۽

---

1. لئمبرڪ، ايڇ.ٽي. سر چارلس نيپئر ائنڊ سنڌ، آڪسفورڊ، 1965. ص 261.
2. خالد، ڪرم بخش، سنڌي صحافت، سکر-سنڌ، 1955. ص. 78

❁ سنڌي اخبار نويسيءَ جي شروعات ❁

□ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

سنه 1843ع ۾ سر چارلس نيپئر، ميرن کي شڪست ڏيئي سنڌ ۾ برٽش حڪومت جو پايو وڌو. انهيءَ جو اثر سنڌي ساهتيه تي به پيو. انگريزن جو راڄ سنڌ ۾ شروع ٿيڻ کان اڳ، سنڌي شعر جو چڱو ليکو وڪاس ٿي چڪو هو، پر سنڌي نثر ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب مس لکيا ويا هئا. انهيءَ چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته سنڌي نثر جو پختو بنياد تي سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ بعد پيو آهي. ڇوجو سڀيتا جي اثر هيٺ سنڌ ۾ ملڪي انتظام، تعليم ۽ سماجڪ ڪمن ۾ گهڻيئي سڌارا آندا ويا. تعليم جي کيتر ۾ مکيه سڌارو هو عربي-پارسي اکرن ۾ سنڌي لکڻ کي مقرر روپ ڏيڻ. سنه 1853ع ۾ تعليم کاتي پاران سنڌيءَ جي عربي-پارسي صورتخطيءَ کي مقرر روپ ڏنو ويو. اُن بعد، انهيءَ صورتخطيءَ ۾ گهڻيئي سنڌي ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا ويا. نه رڳو سرڪار پر خانگي پرڪاشڪن به سنڌي ادب جا گهڻا پرڪ ۾ خوب پاڻ ملهايو. انهيءَ دور ۾ ئي سنڌي اخبارن جي به شروعات ٿي.

سنڌ ۾ اخبار نويسيءَ جي ميدان ۾ اول انگريزي اخبارن قدم رکيو. اُن بعد فارسي ٻوليءَ ۾ اخبارون شايع ٿيڻ لڳيون. شروع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي فارسي اخبارن جي ڪالمن ۾ جڳهه ڏني ويئي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اٽڪل ٻارهن سال بعد ”سنڌ سڌار“ اخبار شايع ٿي، جيڪا سموري سنڌي ٻوليءَ ۾ هئي. انهيءَ ريت سنڌي اخبار-نويسيءَ جي شروعات ٿيڻ ۾ ڀلي ڪجهه سال دير پيئي، پر انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته گذريل صديءَ جي آخر تائين اها چڱي ترقي ڪري ويئي. هتي ٿوري سنڌ ۾ اوائلي اخبارن جي شايع ٿيڻ جو ذڪر ڪري، گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين سنڌي اخبار نويسيءَ جي ترقيءَ جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

سنڌ ۾ اوائلي سنڌي اخبارون

سر چارلس نيپئر سنه 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ بعد اُتي هي ملڪي انتظام ۽ ٻين ڪئي حالتن سڌارڻ طرف ڌيان ڏنو. هن سنه 1844ع ۾ هڪ انگريزي اخبار ڪراچيءَ مان جاري

شريمد ڀڳوت گيتا جي اٺين اڌياءِ ۾ ڀڳوان ڪرشن ارجن کي ٻڌائيندو تہ منهنجو ڀڳت جيڪڏهن موت سان ملڻ کان اڳ ڌيان لڳائي ٿو وڃي تہ پرلوڪ ۾ وڃڻ بعد بہ منهن جي پاس رهيس ٿي. ويدن ۾ پڻ ٻڌايل آهي تہ طالب ڌيان، ڇڏڻ بعد برهم لوڪ ۾ ويندو. اهي پهچي وري ڌيان جو اڀياس ڪري ٿو. هيءَ اڄ ٻيا ڌرشن جي لهڻ جي ٿي ڪالهي.

ڀڳوان ڪرشن اهڙي ڀڳت کي اوڳ ڀرشٽ ٿو ڪوٺي. جو اوڳ جي اوستا کان ڪري پيو، وانجهجي ويو.

سسئيءَ ۾ تہ پنهون وڃاءِ ۽ مرڻ ٿانين هن جو ميلاپ وري نہ ماڻيائين ۽ مرڻ بعد ۾ "پنهون، پنهون" ڪندي رهي.

سسئي آهي جگياسو
پنهون آهي پرماتما
ڀنڀور آهي هيءَ دنيا
ڪيچ آهي پرم ڌام، ڀڳوان جو نواس آستان.

Add :- Nagina Bag, AJMER

آنند کو اپار نہ ماتا جي گود ۾
پورن ڪبي پيار نہ ماتا جي گود ۾
لفظن جي پهچ کان ٿو رهي، پيار هي پري
زو سان نہ ڪو خريد ۽ وڪرو سگهي ڪري.

(بيوس)

پنهل کي وڃائڻ بعد سسئي ڏونگر تي ڏئي ڏاڍن کي مگر شاعر کيس ٿو ڏڍ ڏياري لهرائي.

١- سڄڻ سڃاڻي - منهن وڌي من جئن،
اوجاڳو اکين کي جاڳڻ نه ڏئي،
هتان لو پيئي - تي ڪهڙو ڪيچين ڪرين!
٢- اي ڪم ڪميڻين - جئن سمهن پير ڏکيا ڪري،
سي پنهون ڪوه پائين؟ جي سنجهي رهن سمهي:
پاڻ به پنهنجي غلطي محسوس ڪري چوڻ ٿي ته—
"پنهوزا! آئون پليس - نه ته ڪ سمهڻ ڇا لڳي؟"

طالب ۽ مطلب! اوڏانهن ڪي ٿي ته مطلب ڇا آهي؟ اصل عاشق ته سهيل ۽ جاڳيل ٿا رهن، مطلب عبادت ان جي. آري اي اروائن ڪيائين ته هوت هئڻ مان وڃايائين. شاهه صاحب اهو ٿو چوڻ چاهي ته پرينءَ جي ميلاپ بعد ان ميلاپ جو آئنده هر دم قائم رهي، ان لاءِ جاڳيا سوهه کي سجاڳ رهڻ جڳائي.

آخر وڇوڙي جي ايتري درد ڪندي سسئي مري وئي. پنهل ڪونه مليس. پاڻ ٿي چوي—

"آئون نه گڏي پرينءَ کي - متان آيو موت،
واجهائيندي وره ليا - هڏ نه گڏيا هوت،
جيڪس ليندس موت. فنا هن فراق ۾."

مرڻ بعد جڏهن سندس روح جي فرشتن سان ملاقات ٿي ٿئي ته اٿي ۽ ڪاٿين ته، پنهل لاءِ پڇي ٿي.

شاعر ٻڌائي ٿو:—

اڄ عزرائيل سڀي چانائي سسئي.
ٿي دلال ڏوڙائي ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

موت جي فرشتي سان سسئيءَ ڳالهايو آهي. ساڻس بحث ڪيو آهي. ڪانئس اهو طلب ڪئي الس پنهونءَ کي مون اڳيان حاضر ڪيو وڃي.

منڪر ۽ نڪير کي جڏهن ڏٺائين،
اڳيان اٿي ان جي پنهون پڇائين،
ادا! اٿائين ڪو وار سانڀڻ جو؟

حقيقت ۾ شاهه جو ڪلام شروع ئي هتان ٿو ٿئي. سسئيءَ جو اڳيون احوال شاهه صاحب جي شعر ۾ تمام ٿورو ٿو ملي ۽ اهو به ڪٿي ڪٿي سسئي پنهن جي مڪان تي چوي. شاهه ۾ سوز هو. انڪري هن سوز جو بيان به دل لڳائي ڪيو آهي. سمورو پاڻ جڻ ته سسئيءَ جي زبان ۾ ڪٺي پلٽيو اٿس.

پنهونءَ بنا سسئيءَ لاءِ ڀنڀور ۾ رهڻ وهه ٿي پيو. سا ڪٺن گهاري هت جنهن جو جانب جت ڪٺي ويا. شاهه جا پنج ئي سر، جن اندر سسئيءَ جي ڏکي گهاٽي ڏني اٿس، سسئيءَ جي ڏکيءَ دل جو ورنن ٿا ڪن.

طالب آهي ئي اهو جيڪو سر جو سانگو لاهي جاڻي. شاهه صاحب آگاهه ٿو ڪري ته

"سوري سڏ ڪري اصل عاشقن کي؛
سوري آهه سينگار اڳهين عاشقن جو."
"جيڪي ڏاڻون سو سر ڏاڻي سهه جندڙا!
م ڇڙ ڇناڻون - ايءُ پڻ ڳنديون سڄڻين."

پِرم جي واٽ ۾ ته پاڻ لٽائڻو پوندو آهي. هيءُ ڏاڍ جو رستو آهي. هن ۾ موت جي چاهه رکڻي ٿي ڪاڻ پوندي آهي.

سسئيءَ جا ڏير پنهونءَ کي ڀڄائي ويا اُن لاءِ جوابدار آهي سسئيءَ جي ننڊ. ننڊ جو مطلب ته طالب جي آساوڌائي، غفلت. شاهه صاحب ٻڌائيو ته ڀلي طالب کي مطلوب لي وڃي، ليڪن ان بعد به ساوڌان رهڻو آهي. مايا ۾ رهندي، مايا جو اثر ٿس نه ٿئي، ان لاءِ بي خبريءَ روپي ننڊ ڪرڻي نه اٿس. شاعر چواس ٿو ته هي سسئي،

١- "ستينءَ پير ڊگها ڪري - وڏي *ڄاڙ ڪياءِ
٢- "اهو ڪم ڪميڻين - جڻ سمهن پير ڊگها ڪري
لوچين ڇو نه - لطيف چئي هاري! لئه هوتن،
ننڊ ان نياڻين کي - اولاڻيا اچن.
سي پنهون ڪيئن پائين؟ جي سنجهي رهن سمهي."
٣- جڏهن ستيون جي - پٺرٽي پير ڊگها ڪري،
تڏهن تنين کي ساٿ ستيئي ڇڏيو.

*ڄاڙ = وسر، غفلت

پنهنجو ڪريو پنج پورم !
پنهونءَ سين پرت جو ... وهڻ وهه لپورم !
ڀيري هن پيرو ٻ ـ ڪاڪيون ! ڪير ڏاورم،
مٿيون موٽ سنڌون ـ لپو حوالي هوت جي.

سرليون ساه سڏوم ـ لپو حوالي هوت جي. مالڪيءَ
سسئيءَ پنهنجو پاڻ. ڪجهه عرصو هڪ ٻئي سان گڏ رهيا. ٻيا ڪيئن ٿا جيئن، ۽ مالڪيءَ اهو خواب
سسئيءَ پنهونءَ جي چشڪي مان ڇڪي پي پياس مٽائي. سسئيءَ کي مڪه مان ملي آئي.
ي سسئيءَ پنهونءَ جي الڪو لي وڌو. اهڙي ڳالهه خود سسئيءَ جي
له آيو ته پنهون ڪانئس همدرد وقت، همڪڙو هوندا پران ا "
"مون پالڻهار مون وقت جو ذڪر ڪندي چوڻي ـ
سرحسيني ۾ سسئي گڏ وال ۽ هاڻ وقت جو ذڪر ڪري ڏوام ڪيڙا !
"اڳي اڻين هئاس ـ جڏهن پنهونءَ ڏولم ڪيڙا
هاڻي اڻين لياس ـ جڏهن جمس له لپم پاڻ سين."
ان مان ثابت آهي ته سسئي ڪجهه سمر پنهونءَ سان رهي، ۽ انهن گڏ هي ڪيڙا
ان مان ثابت آهي ته سسئي گڏ رهيا ۽ آري جام پنهونءَ کي واپس ولي اچڻ
مٿيا. انهرو سمر ته پنهون ۽ سسئي گڏ رهيا، ڪڏهن سنڌ ٿيو، پنهونءَ
لام قاصد موڪليو. جڏهن قاصد سان پنهون وطن نه ورڻ، ڪڏهن سنڌ آيو.
جي پاڻن کي چاڙهي موڪليو ته ڪيئن انجراڻ سان ٻهڪل ڪي مون وقت ڪاڻي وقت
اڻن جي مسافري هئي. ڪيچ مڪران ڪان انهيءَ ڳالهين اڻن جي مسافري
ولندي هئي. لپو سسئيءَ پنهونءَ سان ٻرهم جو وقت گهارڻ
سسئيءَ جا ڏاڍا آيا. ڏانن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. چوڻي ـ
آيا آسر شام ـ پاڻو ڇپا پيرو م.
سي پهر پنهونءَ جي ـ لپون سين لڏ اڏام.
گوڙ ڪوڙ ۽ وساري ـ سڪن شاهون ڪون.

پنهونءَ جا پاڻ ته آيا ٿي من ۾ اندي رکي هتا نه وهه ماڻي ته پنهونءَ کي پچالي
ولي وڃن. هڪ رات سسئيءَ کي گهوري نند ۾ ڏسي، هن پنهونءَ کي زيادهه شراب
پياري، بيهوشيءَ جي حالت ۾ آندو. ٻي سرليءَ جي حالت ۾ هڪي اڻن ٿي چاڙهي
اٺي پڳا. صبوح جو سسئي جاڳي. ڏسي ته نڪو آهي پنهون نه سنڌس پاڻ. سڀ
وڃي رڙ ڪري واس "سوڻ سڌو ڪط ـ ڏلم هوس هئن سين."
ا ـ جاڳي سڃاڻي ـ مرڪي جڏهن هليا.
۲ـ پيرو آڻن پوري مون سگهه سڃاڻي ۽ ڪيو !

ڪين وهندا اس ڪنهن ۾ - نه مون پيءُ نه ماءُ،
وهاري وطن ۾ شهديءَ کي نه سگهاءُ،
منهنجو پنڌ پنهونءَ ڏي - رهجي ڪان م رهاءُ."

سسئيءَ جي دليريءَ جو بيان ڪندي، شاعر چوي ٿو -
"سسئيءَ لکيو سو - مرد جنهن ماڻس ڪيا."

جتي مرد گهري سڙي ختم ٿي ويا اتي سسئي محبت جي نشي ۾ پار لنگهي وئي. "عشق ناريءَ کي مرد ٿو بڻائي."

بر هانؤن سلطان هئي - اُهو تيري ذات." عشق نه آهي بادشاهه! شاهه بڻائي ٿو ويچاريءَ رستي ۾ ساٿي نه ڪا، پٽي. هلندي هلي.

جنهن جنهن پاتي راهه - تنهن تنهن لاٿي پنڌ ۾،
پوري اچي نه لات - جيڪا سا جنهن جي.

جڳهاسوءَ جي اهائي نه حوائي آهي. پاڪ ۽ پرينءَ کان پري ٿيڻ نه ٿو چاهي، هن لاءِ ڏکڙي ۽ ورهيه ٿيو وڃي!

جنهن جنهن ٿئي ڏينهن - تنهن تنهن لاٿي پنڌ کي
ڪو آڳاٽو نينهن - پانهنجا پاروچن سين.

طالب ڪنهن کان ڊڄي نه ٿو. هو نه سورن جي مرحبا ٿو ڪري. سورن جي گهود ۾ پاڻ هو محبوب سان ملڻ جي لائق بڻجي ٿو. سسئي ڪهڙي نه اهڙو رلا ۾ ڏهر مان ٿي چوي ته:-

١- سو سڪن ڏاڍي - ورهه وهاڻ هيڪڙو،
مون کي تنهن ليئي - پرو ڏيکاريو پرينءَ جو.
٢- سور! م منجهه ساءُ - آئون نه وڪڻي آهيان،
وڃج م وال ڪڏهين - ورهه! مون وٽاءُ،
ٿون پڻ اڏهن جاءِ جڏهن ٿيان هيڪاندي هوتسين.

سورن کي منٿون ٿي ڪري ته مون وٽ رهو. مون کي ڇڏي نه وڃجو. ڇو ته مون سان ساٿ ڏجو، جيستين پنهل سان ميلاپ ٿيان.

طالب کي هردم طلب ٿي رهي. اها طلب واري ذات هن ذات جدا نه ٿي ٿئي. ميلاپ جي لکي ڏانگهه ستائيندي ٿي رهيس.

پنڌ پنڌوارن طرف وڌي. پلاڻ سنڌس ڏار ڪمس موٽائي وٺي اچڻ لاءِ وار. ليڪن مهران صفا "نه" ڪئي. هن ڇتو ڙ ساڻ سڀ ناتا ٽوڙيا. هڪ ڀيري ان پڇيس ته تون سسئيءَ کان نه اڪيلو ڪيئن ڪڍ و ڪندين؟ تون سڄا لئي سمهڻ واري آهين! سسئي ڪهڙو نه دليريءَ جو جواب ٿي ڏئي!

١- ڇڏيون ڇپر ڪٽ - پهڻ پٿرائيون پاٺيان؛
جتي رهاڻ واڙي - مرون منهنجا مٽ؛
سيڻن جيءَ سڪ - ڏونگر ڏولي مون ٽيو.
٢- ماٺهر ڏئي مهڻا - مون کي ڪندا ڪوهه؟
جنهن ڇوريءَ ۾ ڇوهه - سا پٿرن ڏيندي پير ٿي.

شاهه صاحب پڻ سسئيءَ کي صلاح ڏئي، ارادي ۾ پختو ٿو ڪراس.

ڪرڪو واڪو وس - واهه ۾ ملڪ پنور ۾؛
چڙهي ڏاڍين ڏونگران - پير پنهونءَ جو پس؛
ڏوري منجهان ڏس - پوندءِ هوت پنهونءَ جو.

پڙهندڙ اٿين نه سمجهن ته شاهه کي به سسئي لي قياس نه ٿي آيو. ڇاڪاڻ ته شاهه ڪوڙن نه چوندڙ وجهن ۾ جواب ٿو-

"مر نه مرجاري ٿئين - جيڻ آڌو همت؛
هاري! ڪر همت - ته ڏيئي دردوس لهين."

هتي نه مري جيئڻو آهي. دنيا جا لوڪ جيئڻ جي خواهش ٿا رکن. مگر پرئو - پٽ واري پراميءَ جي نه مرڻ ساڻ مترلا آهي. ڪسر صاحب ڪيئن چيو-

"مره مرئي ڪا چاهه هئا. مرون نه هر ڪي دنار؛
سوري جن سينگار - مرڻ تن مناهدو."

موت نه عاشقن لاءِ شادي آهي. محبوب ساڻ ملاپ. سور ۽ مصيبتون ته ماڻڪ وٽان موڪليل سوغاتون آهن. سچي طالب جي اها مکيه نشاني آ، ته هو تڪليفن کان گهبرائجي نٿو. اها هن جي دليري آهي. ساهڙن کي سسئي سمجهائي ٿي؛

"مون کي ٿان جهل ۾ پاهر،
وو! جيڏيون! آئون هلندي هوت ڏي.
هيءَ جو بار پنور جو - لوڻيءَ ٿان سڀ لاهيو.
آهي عاجزن تي پس سندو سانر،

سسئيءَ (هڪ برهمڻيءَ) جي پيار خاطر پنهون پنهنجو ملڪ ڇڏي اچي ڀنڀور ۾ رهيو هو. سسئيءَ جي پيءُ وٽ ڌوٻي ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. عشق راڄائي ڇڏي ڀٽيري قبولي ٿو. سسئيءَ جا ڏير مهمان پنهنجي ڀاءُ وٽ اچي ٿا رهن. هڪ رات ڀاڄائيءَ کي گهوٽ سان ننڊ ۾ سمهيل ڏسي، پنهل کي شراب پياري ليٽي ۾ بيهوش ڪري اٺ تي چاڙهي هليا ويا پنهنجي وطن. سسئي جاڳڻ بعد پنهونءَ کي نه ڏسي ڪيس ڳولهڻ لاءِ گهران نڪري ٿي. اڪيلي ئي اڪيلي ٿر ٿي هلي. مائٽ ۽ ساهيڙيون منع ڪيون ڪيس ليڪن هوءَ سڀني کي ڇڏي هلي.

سسئي نڪتي پنهل کي ڳولهڻ، ڪيس پنهل- هوت- ڪيچي- آري- ڄام وغيره نالن سان ڪوٺيو اٿس. هوءَ جنهن ملڪ ڏانهن هلڻ لاءِ رواني ٿي ان کان بلڪل غير واقف هئي. ”واقف نه وڻڪار جي اڳ نه ڏٺم ڏونگر.“ ڀٽائي گهوٽ سسئي جي دل ۾ سڪ پيدا ڪندي ٻڌائيو ته ڪيئن نه اڻ واقف ملڪ طرف اڪيلي سر ڪاهي هلي.

وڏا وڻ وڻڪار جا - جت نانگ سڄي ننڍا
اتي عبداللطيف چئي - ڪيا هڪلين هلا
جت ڪڙي نه ڪجلا - اتي رسيو رهڻ راهه ۾.

شاعر چوي ٿو ته سسئيءَ ”سڪ لڳو سڌ رو“ سڪ ئي هن جي رهبر ٿي پر پنهل جا پير ڏيکاريس ۽ هوءَ دلبر جي ڏس ڪاهي هلي ڪانڌ ڏي. وٽس ۽ سمورا عاشقن لاءِ نه آهي. هن لاءِ آهي ”هل ئي هل!“

ويٺي ور نه ٻون - سڄي ملن لئه سهڙي
جي مٿي رلن رلن - سا ڄڻ ملي لئه ڪي.

ساهيڙيون منع ڪيون ڪيس ته اڪيلي ٻاهر نه وڃ.
ليڪن هوءَ ڪٿي ٿي مڙي؟ ”موٽڻ جي مصلحت مون کي ڏاڍي ٿي ڏئي اوهان!“
ماءُ کي ٿي چوي ”موٽي مران مرڻ ماءُ! موٽڻ کان اڳ مران.“
اڳتي لاڳن لاءِ - شال ٻولئس پير لڳي.

سسئي پنهل بنا جيئري نه موٽندي. سڏالن جي لاءِ موڪلائي ٿي وڃي. طالب دلبر کي الوداع ڪري محبوب جي واٽ ورتي. ماڳي وري ماٽي نه موٽيو اٿس. هن راهه تي ئي ورتي آهي. هن جو ارادو پنهنجي لئه ئي اٽل آهي. عاشق نه ورتو ڏيڻ جهالي، واٽ جي هن کي نه خبر به نه آهي. هر ڀيرا دائري ٿو رهي. سسئي بلڪل هٿين خالي ٻڌ ٻڌئي، ٻڌن تي صرف هڪ وڃو پنهل هوس. مهران ۽ اتين جو ڇڙو ڀو ڀٽڪاس ڪري چاڙهو. اڪيلي بنان

محبوب جي وڇوڙي ۾ واس ۽ وڻا ڪٿي ٿا وڻنس؟ ڪٿي ٿي رکي سنان ۽ صفائيءَ جا خيال!

”اوڙ ۽ لڙ لئه پائيان، نڪا سينڌ ڦڻي؛
ڪوهه پلنگ! اِن ماڙيون! ڪپڙ سي ٽيڙم ڪارا!“

سسئيءَ سڀ شرارڪ سڪ ”اوڪيا“ ڪري ڇڏيا. بدن تي ڪپڙو ڦاٽل آهي يا سڄو اٿس سا به وڇوڙي ۾ ڪارو ٿي ويو اٿس. سسئي پاڻ ٿي چوي ته جن کي دلبر جي سڪ ۽ عيش آرام جي چاهه آهي اهي مون سان ڪين هلندا اُون.

١- سک واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري؛
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏورينداءُن.“
٢- سڌائين سيڪا، پسڻ لئه پاسي ڪا؛
جنهين ليکي ذات جي جنبش ڪاڪي جا؛
مون سين هلي سا، جا جيءَ مڙ لئه ڪري.

اها آهي طالب جي للڪار، جن کي پنهنجو جيءُ امن نه آهي سيئي هلندا عشق جي واٽ ۾، سڌون نه هوڪا ڪرائي؛ پر اکين کڻڻ لاءِ ڪاهه تيار نه آهي. هن جنبش ۾ ڇوڙي اڙي جي جاءِ نه آهي.

طالب جي نظر هڪ طرفي آهي. هن کي سامهون بنا پنهنجي ڪجهه سجهندي نٿو. هن جي اندر ۾ دردنا آهي، منزل تي رسڻ جو مستحڪم ارادو آهي. سسئي ٿي چوي:-
”ڪيدا مون پنهون ۾ لوڙي لسڪ لڳين؛
آڳر آڱولي نه مڙي، ڇپون پير ڇڳن؛
ونديءَ ڏانهن ورن، جتي هاٿ نه پائيان.“

سسئيءَ جرائيءَ جي جوش ۽ سڪ جي سوز ۾ هزارين ورهيه اڳ اهو ڪري ڏيکاريو جو اڄ ڪالهه ويهين صديءَ واري پڙهيل لکيل نينگري به مشڪل ڪري سگهي. جن ڏينهن جي ڳالهه آهي انهن اجا ريل گاڏي، موٽرون ۽ اڄ ڪلهه جا مسافريءَ جا وسيلا موجود ڪونه هئا. سڀ ڪجهه سر تي سهڻو هو. وڏو جوکم هو. ڀنڀور کان ڪيچ مڪران ڪانن ڪو تورو مفاصلو ڪين هو! جاگرافيءَ جي ڄاڻن کان پڇي ڏسو ۽ پوءِ به پهاڙن جو هورس.

سسئيءَ جي پنهل سان شادي ڪيل هئي. پنهون هو نه راڄاڻي پار مڪر

واڻ جي ڇپت تي لڳي ته وات مان "الا" ئي نڪرئي؛ تون هن قربانيءَ جي وات ۾ ڪٿان وڪ وڌائي سگهندين؟

فرهاد صاحب اپسيا ڪري گهر ورائو. ان ۾ رهندي وار جهڙو ٻڌي ٻيا هئس. مائس ڪنگي ڪڍي پٽ جا وار سنوارڻ ويٺي. وارن کي سنواريندي، ڳنڍيارون لاهيندي ڪنهن وار کي ڇڪ اچي ويئي ته فرهاد ڪان ڪيڪ نڪري ويئي. مائس هڪدم ڪنگي وارن مان ڪڍي ورتي ۽ پٽ کي طعنو هڻندي چيائين "فرهاد تنهن جي اپسيا قبول نه پيئي. تون اڃا عاشق نه ٿيو آهين."

ليلائيٽو نه دنيا کي ائس. تڏهن نه ٻرانءَ جي پار ڏي قدم کڻي سگهندو. دنيا تياڳڻ معني دل دنيا ۾ نه رهي. دنيا جا شوق، نشا ڇشا هن کي نه ڏا وڻن. دنيا سندس دل مان ويئي نڪري. هن پنهنجي دل کي ٻران جي وهڻ لاءِ ٻنڪ خانو بڻايو آهي. شرابر جي سکن ۽ آرام جو تياڳ نه استول (ٻاهرانون) تياڳ آهي.

مگر اڃتي هلي طالب کي "مانپڻو" ڇڏڻو آهي. پنهنجيءَ هستيءَ تان هٿ کڻڻو آهي. پنهن جي هئڻ کي وسارڻو ٿو پوءِس. "مان" وڃي ته "هو" اچي.

"خودي ۽ خدا ڪين مائين پاڻ ۾،
ان ٽراڻن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾."

خودي وڃائي ته مطلوب جي ملاقات جي قابل ٿيڄي.

سسئي هئي ته نينگر، پر دل نه ڪا ڦڙدن واري هئس. تياڳ جي مورتي هئي. شاه صاحب هن جي سيرت ڇٽيندي تياڳ جي آدرش کي ڪماليت جي درجي تي رسايو آهي. سسئيءَ پنهور ڇڏيو.

"ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اُگهاڙو؛
پنهر! ڪهاڙو، منهن جو هن پنهور ۾؟"

هن شرابر جا سک ڇڏيا. مال متاع سڀ گهوريا اُن گهوٽ تان. سسئي سورو ڏاڃو ڇڏي اڪيلي سر، هلي پنهل کي ڳولهڻ.

شاه صاحب ٻڌائيٿو ته پنهور کي ڇڏڻ کان اڳ سسئي مائٽن وٽان مليل مال مطاع سڀ ماءُ کي موٽائي ڏئي ٿي:-

"ماءُ وهاڻو وار، ڪڻ ٻتر ٽي پانهنجي،
جيڪي ڏنءِ ڏاج ۾، سو سيڙ نـي سار؛
وڃان ٿي وڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو."

پرم جون ڪهاڻيون وڻندڙون آهن. انڪري ٻنهي جي دل ۾ سڌ مضمون کي انهن آکاڻين جي ذريعي سمجهايائين.

سسئيءَ جي ڪهاڻي شاهه صاحب هيٺين پنجن سرن ۾ ورڻن ڪئي آهي:—

(١) سر سسئي آبري
(٢) سر معذوري
(٣) سر ديسي
(٤) سر ڪوهياري
(٥) سر حسيني

هڪ هڪ سر جي اندر سسئيءَ جي دل جو بيان ڪندي شاعر جي اندر طالب جي تصوار ٿي وسي رهي هئي. شاهه عبداللطيف رزڪري ٿي ڪين هو. هن کي انهن سچوڻ سنڌس شعر سان بي انتهائي ڪرڻي لڳندي. پاڻ ٻنهي جي ڪلام جو مصنف پڄي چوائس ٿو:—

"جي لسو ٻسب پانيا سي آنتون آهن،
لبو من لالن ٻرڻان سندي پسار ڏي."

طالب اڪر انڪري ٿي طالب مان آهي. جنهن کي ڪم ۽ پاڻ جي چاهه آهي اهڙئي طالب سڌ ڪو جو انڪاري ٿي سگهي ٿو. وبدالت گراڻن ۾ طالب کي سادڪ ۽ جگيا سو جي ٿالن سان ڪوٺيو الن، جو اهو پرماتما جي طلب رکندڙ آهن.

طالب ۾ ڪهڙيون خاصيتون آهن لياڻ. ڇا جو لياڻ؟ سڀ ڪجهه ڇڏي ٿو الس. هڪ ٻراڻ کي پاڻ خاطر ٻيو مڙئي قربان ڪرڻو پوندو ٿو. هو ٻنهي جي سر ڪو ٻه آسرو لاهي هن راهه ۾ گهڙيو. "جوڳي جا لڏي يا ڏرڻ، جي شهه پرسڻ لهه جاهه."

(فريد صاحب) هيءَ ته هڪ ٿي آهي. مگر هو ته اهو ٿعارو هٺيو ته سؤ هڄڻ ته ٻه ڏيان...... "سوين ڏيندي ساڄن ملي ته ٻه سودو سستو سمجهان." طالب ڪان اها طلب ڪئي ٿي وڃي ته "مڙد ٿي ميدان ۾ ڏيو سر سبڪاري ٿار کي." هن کي مرشد مدي ۾ ٿي آگاهه ڪريو ته "سر جو سانگر جي ڪرين ته پير هن پڙ م ته پاهه." سسئي ته انڪاري جوابي "مرڻ موڻ سهن ها، ته پليءَ ٿو پند ڪريان."

شاهه صاحب طالب کي آگاهه ڪندي چوائي ٿو:—

"اڄا تو مڇيان ڪڪ ڇتي رت لڪري،
منهن ۾ معشوقن جا ڪيڻ جهليندي گهاوَ."

سسئي طالب

□ نارائڻداس ڀمڀاڻي

ساڍا چار سال ٿيا ته آل انڊيا ريڊيو وارن دهليءَ مان نينڍ موڪلي ته "سسئي" تي وياکيان ڏي. لکيائون وياکيان ١٠ منٽن لاءِ هجي. وياکيان رڪارڊ ڪرڻ جي تاريخ به مقرر ڪري موڪليائون.

مونکي به "سسئي" جي باري ۾ جيڪي خيال ايندا ويا سي ڪاغذ تي درج ڪندو ويس. ٿوري ئي وقت ۾ تقرير تيار ٿي وئي. آڪاش واڻي دهليءَ تان مقرر تاريخ تي پڌري ٿي. ڪن مترن سان گڏجي مون به، پنهنجي گهر پنهنجو رڪارڊ ڪيل وياکيان ٻڌو.

سسئيءَ وارو وياکيان ٻڌندي من ۾ وڌيڪ وچار اڀرڻ لڳا، جي پهريائين دفعي خيال جي دائري اندر آيا ئي ڪين هئا. حيرت ڪين ٿئي؟ اهوئي مان ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ سسئيءَ تي وياکيان تيار ڪيم، ۽ ڌيان سان وياکيان لکي رهيو هوس. نيٺ به ته دنيا ٻڌندي! پر تنهن هوندي به هيڏيان وچار جڻ ته من روپي ساگر ۾ ان وقت گم ٿيا پيا هوا.

سوچيم ته ١٠ منٽن جي حد مقرر ٿيل هئي، تنهن شايد ڪيترن خيالن کي دٻائي رکيو هو. ڀلا اهڙي ٿوري عرصي ۾ ڇا چئجي ڇا ڇڏجو!


شاهه عبداللطيف جو حڪايتي شعر (Narrative Poetry) رڳو حڪايتن جو مجموعو نه آهي. اهي لوڪ پرسد آکاڻيون ڪٿي، شاهه صاحب انهن دوارا ڪي اونهيون وشيه کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها وشيه آهي طالب ۽ مطلوب جو ناتو، ايڪتا ۽ ٻيائي جو سمبنڌ. اها اهڙي ته سوکيم وشيه آهي جو جيستين ڪنهن درشٽانت جو سهارو نه وٺبو، تيستين اها عام فهم نه ٿي سگهندي. اهو ته شاهه کي معلوم هو ته عام لوڪن کي



سلسلو




□□ نارائڻ داس ڀمڀاڻي / مرليڌر جيٽلي / جگديش لڳاڻي /
لبرڪ اسمت / ڀلداو گاجرا / ديپچند ڀلاڻي / ليوب سڀاڻي /
ارلسراء اڇاڻي / اشوڪ ورياڻي / وبرو اسنتاڻي / رلن /
ناڪرام ايسراڻي . □□



رمضان

مضمون





چوان ٿو ته اها وڏائي ڪهڙي، جنهن ۾ وڏ ڇڏي- سچ پڇو الن لاءِ ٻولڪي ۾
رهي محلن جا خواب لاءِ ڏسڻ گهرجن - اهڙي سڀ کان وڏ وڏائي آهي -
هاڻ هل ته هيڏي پٽ جو حال چال ڏسون- ڪيس اهي دوا ڪعدي گولي اڄ لاءِ
رالاٽي آهي.
(سدگميت)   (ختم)

Add: 7-CHA-16, Jawahar Nagar, JAIPUR-302004.

راجستان سنڌي اڪادمي

طرفان ڇپايل
انعامي ناٽڪ-

گڏا گڏيون

ليکڪ: لکمي کلاڻي
ليسه: ڏو ووليه

اڄ آيه خبرسان

Drama Section and Cover Printed by Sindhuni [illegible]
Shekha Mohalla, Diggi Bazar, AJMER-[illegible]

سور ۽ وقت پولس نه هيءَ ٽيبليٽ جيڪا ڳاڙهي رنگ جي آهي اها يڪدم
ڪيس پاڻيءَ سان ڏجوس، نه شام تائين مريض لوز ٿي پوندو. سمجهئو.

...و- جي .... سمجهيم.
...ڪٽر- ڏسجي ٿو نه هنکي انٽيسٽائينل آبسٽرڪشن (Intestinal obstruction) ٿي پيو
آهي، جو اڪثر گهڻو هيٺ ڪري ڪاٺ ڪارڻ يا الٽو سلٽو رڌل کڌو پڪو
ڪاڌو وغيره ڪاٺ ڪري ٿيندو آهي - ها. هڪ اِي دوا جا مون وقت ڪاڌک
پر آهي - اُها ٻه، توهان مان ڪير هلي، ته ڪيس ڏيان ٿو.

...وڪ- اِي دوا؟
...اڪٽر- ها - اها رات جو ڪيس سمهڻ مهل ضرور ڏجو. بس، نه پوءِ سمجهه، پيٽ جو
سور صفا لهي ويندس. ۽ صبح جو پيٽ به صاف ٿيندس. ورني نه، توهين
وقت تي اچي ويا. نه نه نه، ٿوري لاغرضائيءَ ڪري مريض سچ پچ خطري
۾ هو.

رام- (کيسي مان پئسا ڪڍڻ جو هلڪو آواز) هان ولو، ڊاڪٽر صاحب - توهان جي
ڪيتري في ٿي ۽ دوا جو بل؟

ڊاڪٽر- هان .... پائي .... في وغيره نه هاڻي ڪالهه پر ڏجو. آلي توهان جي هٿان دوا
ٻه موڪلڻي آهي.

رام- هلو، ڊاڪٽر صاحب! مان ٿو توهان سان گڏ ڪالهه پر هلان.
[ٻنهي - رام ۽ ڊاڪٽر جي وڃڻ جو آواز]

ايشو- واهگرو- لک ٿورا ٻنهجا.... ڀڳوان - شڪر آهي بابا. مون لوبهه ڪئي اهڙان
پارٽين کان. لعل اچيو بس لک ڪٽياسين.

اشوڪ- اڙي- اهي شڪرانا سدائين لاءِ ٿي مڃيون، يا بس ٿورن ڏينهن کان پوءِ
اهي ٿي لاٿون، اهي ٿي چگهه ڏسڻ ۾ ايندا. ڪتي جو پڇ ٻارهان مهينا ٽڙ ۾
وجهڻ سان وري به ٻاهر ڪڍڻ تي اهڙي جو اهڙو رهندو آهي.

ايشو- بس .... بس .... هر وڏو اٿڙو نه ٿوڪيو. چيم نه - مون لوبهه ڪري اهڙين پارٽين
کان - هيءَ نه وقت سر ڀاءُ رام اچي ويو. نه نه نه ....

اشوڪ- نه نه نه ابابا غضب ٿي وڃي ها - تون ڀيڻجي هن ڪوڙي شان ۾ رلجي
ڪارڻ، اٿي ڪنهن جي اڳيان هٿ به نه ٽنگين ها .... ٻياري ايترا مان

نيتو- (رام کي) خبر ناهي .... هتي ايتري دير ڇو لائي آهي. اوهان ئي ڪٿي ڏسين.
ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ نه ايتري ڀيڙ ڪانهي. پوءِ به خبر ناهي ....

رام- ڇو- مان ئي ٿو ڪٿي ڏسان. پر اهو ٻڌائي ويو نه ڪهڙي ڊاڪٽر وٽ آهي؟
نيتو- هوءَ موڙ تي، جتي سامهون پرڀو چوڪ آهي نه - اُتي جي ساڄي هٿ تي
ڊاڪٽر جي ٻاهران ڪلينڪ ۾ اندر سڌو گهر اٿس. ذرا جلد ڏسينس.
رام- مان ڏسان ٿو.

(ايتري ۾ اشوڪ ۽ ڊاڪٽر جي اچڻ جو آواز اندر ڪمري ۾ اچڻ جو ايندو رهيو ۽ پڻ هتيءَ جي کنگهڻ جو به آواز ٻڌڻ ۾ اچيو.)

اشوڪ- (هتيءَ جي ويجهو اچي) ڏس پٽ، ڊاڪٽر اچي ويو آهي. هاڻي بس رڳو دوا ڏيڻ جي دير اٿس.
ڊاڪٽر- (هتيءَ کي) ٿوري قميص مٿي ڪر پٽ. (ٻهڪجو ڀاڻ) مان ٿي ٿو ڪٽالس.
(قميص جي سرسراهٽ جو هلڪو آواز.) اوهو .... پيٽ ته تمام سخت آهي.
اشوڪ- جي.
ڊاڪٽر- ڏسجي ٿو ته ٻن ٽن ڏينهن کان ٻي پيٽ خراب رهيو اٿس. وقت سر جيڪڏهن ڪا گهر جي دوا ڦڪي ملي وڃيس ها ته جيڪر مرض جي هيءَ حالت نه ٿئي ها.
رام- ڊاڪٽر صاحب، هتي فرصت ڪٿي آهي ٻارن کي سنڀالڻ ۽ دوا ڏيڻ جي.
ڊاڪٽر- هان پٽ - هيءَ ذرا مڪسچر نه پيءُ - جلدي آرام اچي ويندءِ - شاباس.
هتي- (دوا پيئندي) هيءَ ته ڏاڍي ڪڙي آهي.
اشوڪ- پٽ دوا ته ٿوري ڪڙي ٿيندي آهي نه - ڀلا سول ڪيئن لهندو؟
ڊاڪٽر- پٽ ڪڙي نه پر ٿوري اُگري ضرور آهي.
اشوڪ- پيئندي ته هڪدم آرام اچي ويندءِ - ڏاڍو آهين نه .... هڪدم پي وڃ.

[هتيءَ جو دوا پيئڻ جو آواز]

ڊاڪٽر- شاباس! هاڻي اجهو ٿو سور هوا ٿي وڃي. هان (نيتوءَ کي) توهان نه گهر ۾ آهيو نه؟
نيتو- جي.... ها!
ڊاڪٽر- هڪ هي مڪسچر جو ڏوز ٻن ڪلاڪن بعد وري هڪڙي ڏجو ۽ اُن وچ ۾ هڪ ڪن ڪان پوءِ هيءَ اُچي ٽنلمبت کيس ڏجو ۽ جيڪڏهن رڌڪ پيٽ ۾

جي ايترنگ چال اُهائي هلندي ٿي اچي. ٻُڌي ٽوڪي ڪيترو نه سمجهائيندو هو. هينئر ڪيڏانهن ويا تنهنجا پارٽيءَ وارا ۽ سڀئي ساهيڙيون .... جن جي چٽي ۽ دڪان - دڪي ٿي پرمتري ٿي ولندي پارٽيون ڏيندي ۽ اجايا سجايا خرچ ڪندي. شاديءَ کانپوءِ ٻن پارن هٽڻ بعد ٻه، ڇهن سالن ۾ ٽو ۾ ڪو ڦيرو نه آيو آهي. اُهائي شيخ چليءَ واري چال ۽ عادتون. هيءَ نه خبر ناهي پرماتما ڪو هٽپيءَ جو سڌ اولايو جو مان ڪنهن ڪم سانگي هيڏانهن اچي نڪتس ۽ من ۾ آيو نه هن پاسي آءُ آهيان نه ڇو نه پيرڻ ليتوءَ وٽان به ٿيندو وڃان - سو وقت سر اچي نڪتس.

ليتو- هـا .... رام.

رام- تون نه پنهنجي ڪوڪلي شان ۽ اجائي آڏمبر جي وس ڪڏهن به ٻاڙي وارن جي اڳيان پنهنجي جان جي نڪري ڪارڻ ۾ هٿ ڪين ڦهلائين ها. اڄ ڪيڏانهن وئي تنهنجي ممتا؟ پرماتما تو جهڙي ماءُ ڪنهن ۾ پٽ کي نه ڏئي جو....

ليتو- (روئندي) رام بس .... بس. هاڻي ايڏو شرمندو نه ڪر. جو گذري ويو، سو گذري ويو. اڳتي ائين ڪڏهن نه ٿيندو.

هٽپي- ممي .... پاپا.

ليتو- جي منهنجا لعل. اچهو تنهنجو پاپا ڊاڪٽر کي وٺي آيو. اچهو تو منهن ۾ تنهنجو سوُر لهي وڃي. ڏس نه سهڻي پٽ ڪير آيو آهي. تنهنجو ماما. پٽ ڏس.

رام- (پيار سان سندس مٿي تي هٿ گهمائيندي) پٽ گهبرائين ڇو ٿو؟ ڇا پيٽ ۾ وٽ پيا پون ٿئي.

(ليتوءَ ڏانهن مخاطب ٿيندي)

رام- هيءَ سڀ تنهنجي اجائي بيوقوفيءَ جي پارٽين جو نتيجو آهي. اُلٽا سلٽا خرچ ڪري، نوڪرن ۽ راڌائن کان مٺا، چهڙا ۽ چشڪيدار ڦوڪڻا جيان، طعام تيار ڪرايو، جي پوءِ پار ۽ هيچ ڪري وڃن پيٽ ۾ ٽوسيندا. هضم ٿئي نه ٿئي، نه ۾ ڪائين - ۽ پوءِ وٽن هن طرح اوڙهيندا.

هٽپي- او .... هو. پا- پا- اچان ڪين .... آيو .... پيٽ ۾ ڏايو سول ....

ليتو- هو ڏس. تنهنجو پاپا .... ڊاڪٽر کي وٺي پيو اچي. هان ٽون هيءَ ٿورو پاڻي پيءُ ....

هٽپي- نه .... نه .... اَ .... ها .... پاڻي .... نه کپي. ڏا .... ڏا .... ڏايو سول آهي .... اَ ... ها.

لکڙ ڪري اچاڻو سڀني کي پارٽيءَ جي سڃاوت وغيره مڏاين ڪاڏي لاءِ اندواس
بر شيپ ڏيئي چڏيم ۽ جيڪو ڪي هميشه هتان ڪٽي وٺس سي ۽ خرچ ڪري آيس.

شوڪ- (ٺوڪر ليءَ مان) چڱو ڪيئه .... !

ليتو- چڱو وري ڏوڙ مان ٺيو. مون سمجهيو توهان وٽ ڪجهه پئسا پيا هوندا ۽ وري مهني جي نه پچاڙي آهي. باقي ٺي ڏينهن پيا آهن.

شوڪ- او.... هو. (هٿنيءَ جي کنجهڻ جو آواز ڪجهه بلند ٿيندو وڃي ٿو.)

ليتوُ- پگهار جي لالي کو بندوبست ڪري ڊاڪٽر کي وٺي اچو. ڏسو، ڪيئن منهنجي جگر جو ٽڪرو سور کان ڦٿڪي رهيو آهي.

شوڪ- هميشه عين وقت تي ڪٿان انتظام ڪريان؟ توکي پورو نه ڪجهه هوش حواس رهي ٿو. جڏهن نه ته ٺي پئسا هوندا ته هٿن بر خارش ٿي پوندي ۽ پوءِ اُهو خرچ پئي ڪندين. جڻ ڪو هتي ڪارون بادشاه جو خزانو ڪاهو پيو آهي.

ليتوُ- نه .... نه .... الين ..

اشوڪ- (وچهر ڪنيندي) جا مان تنهنجو دشمن آهيان جو توکي خرچ ڪرڻ کان روڪيان ٿو. هميشه ڪجهه سوچ. هٿنيءَ تي جا گذرندو هوندو. هو ننڍڙو پار جا سوچيندو. جا هن جي من بر هميشه هين پاوٺا ڪالهه. اهندي. هو آهر ٽڙندو سوچيندو هوندو ته: ”مان نه هتي سول کان ٽڙتي رهيو آهيان ۽ ممي ۽ ڊئڊيءَ کي منهنجي ذري نه پرواهه ناهي!“ واه .... !

ليتو- (روئندي) بس .... بس. جا سڀ ڪجهه توهانکي هميشه چوڻو آهي. اهو ڪجهه رهيو نه الو. (پهنجو پاڻ) هيءَ ڪهڙي مصيبت جي گهڙي آئي آهي. هي پرماتما .... تون ڪا مدد ڪر.

(اٿتري بر ليتوءَ جي پاءُ رام جو اوچتو ڪمري بر اچڻ جو آواز)

رام- پرماتما ڪهڙي مدد ڪندو. جا ڪا هتان آسمان مان ڪاين جي برسات وسائيندو.

ليتوُ- (رام کي ڏسندي) رام؟ پاءُ تون؟

رام- ها، مان. مان ٻاهر دروازي کان ٿي توهانجي ساري گفتگو ۽ واد وواد ٻڌندو پيو اچان. دادا! ٻاهر، توهان جلدي وڃي ڪنهن ڊاڪٽر کي سڏائي اچو. مان پاڻهي ٺوکيس ڦي وغيره ڏيان.

ليتوُ- پرماتما توکي وقت تي موڪليو آهي.

(اشوڪ جو لڪڙو لڪڙو ٻاهر وڃڻ جو آواز)

رام- جيتري سوڙ هجي اوترا ٺي پير ڊگها ڪرڻ گهرجن، ليتو! تنهنجي وڏماڻهپي

هلي ويو آهي. هي ڀڳوان! (ٻنهنجو پاڻ کجهه ڳولهيندي) وري گهر ۾ به قسمت
سان ڪا پيٽ سور جي گوري- اوري يا ڪا پيڻ جي پرميمنٽ وغيره به ڪانهي
جو ڪٿي ٽوڪي ڏيان. (ٽڪر ٽڪر ۾ ٻنهنجو پاڻ ڪبٽ جو ٽاڪ کوليندي-
آواز) هيڏانهن وري ڪبٽ ۾ جيڪي ڪي پئسا هئا سي به ليتو پرس ۾
کڻي ويئي آهي. ۽ .... منهنجي جيب ۾ به هيءَ ٻه رپيا ۽ کجهه پئسا پيا
آهن. هي پرماتما- ٽون.
(هئپيءَ جي ڪنجهڻ جو آواز برابر ايندو رهيو)

هئپي- آ .... آ- آ- ها ممي.
اشوڪ- پر پت ٽون گهبراءِ نه. مان- مان .... هيءَ ڏس ٽنهنجي پيٽ کي ٽورو ٽيل
سان آڻيان ٿو. پوءِ سور آهستي آهستي لهي ويندو. پت ٽوري بشرت
مٿي ڪڻ.
(اشوڪ هنجي پيٽ کي ٽورو آڻي ٿو. آڻڻ جو ٽورو آواز ۽ هئپيءَ جي ٻڻ
ڪنجهڻ جو آواز ايندو رهي ٿو.)
اشوڪ- هي ڀڳوان .... هاڻي ٽون دک دور ڪر.
(ليتري ۾ ليتوءَ جو گهر ۾ پرويش ڪرڻ جو آواز...! هئپيءَ جي ڪنجهڻ جو
آواز ٻڌ لڌي-)
ليتو- ڇا ٿيو منهنجي لاڏلي کي؟ هئپي .... هئپي!
هئپي- (ليتوءَ جو آواز سڃاڻندي) او .... هو، ممي. ٽون. اچي وئين. م .... م ....
مولکي پيٽ ۾ ڏاڍو سول آهي. او .... هو .... ڇا .... ڪيان. ا .... ا ... آ ها.
ليتو- سور؟ پيٽ ۾؟ (اشوڪ کي) ٽوهان هيئن چپ چاپ منهنجو منهن ڇا ڏسي
رهيا آهيو؟ وڃو نه ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي اچو. هئپيءَ جي حالت ٽوهان
ڏسي رهيا آهيو. ڪيئن نه معصوم سور کان ڦٿڪي رهيو آهي.
اشوڪ- ڦٿڪي رهيو آهي نه مان ڇا ڪريان؟ ڊاڪٽر ڪو مفت ۾ ايندو ڇا؟ جيڪا
به رهي- کهي ڪئش ڪبٽ ۾ پيئي هئي، سا ٽون کڻي روالي ٽي وئين.
ڪجهه سوچيئه؟
ليتو- نه .... ڇا. ٽوهان وٽ هيٺر، هن وقت، ويهه- ٻٽويهه رپيا به ڪونه آهن.
(هئپيءَ جي ڪنجهڻ جو آواز برابر ايندو رهي ٿو.)
اشوڪ- هجن ها نه هيئن ويٺو هجان ها؟
ليتو- (دک ڀري آواز ۾) منهنجي پرس ۾ به نه صرف ٻه ٽي رپيا وڃي اچيا آهن.

ها مولڪي ذرا ڪٻٽ جي چاٻي نه ڏيو.... ۽ ٻيو ٻڌو- هنئي اڃان سمهيو پيو آهي،
اٿي، ته کيس کير گرم ڪري ڏيڻ نه وسارجو.
(نيتوءَ جو چاٻيون وٺي ڪٻٽ کولڻ جو آواز)

نيتوُ- (سنيتا کي) هلون؟

سنيتا- يس- هل پائي جلد ڪر.

(ٻنهي جي ٻاهر وڃڻ جو آواز ٿوري دير اندر رهي ٿو. ۽ بعد ۾-)

اشوڪ- (پنهنجو پاڻ کي ٿڦڻ جي لهجي ۾) پارٽي .... پارٽي .... پارٽي .... هنن پارٽين ته گهر جو ڏيوالو ڪڍائي ڇڏيو آهي. چند ڪلاڪن جي گڏجاڻي ۽ هل هنگامي خواه ڪل خوشيءَ جي ماحول ۾ دل ضرور وندري ٿي. ليڪن اصل اصليت ڇا آهي؟ نيتوءَ کي ڪهڙي طرح سمجهايان. ڇهه سال شادي کي ٿي ويا آهن. اڃان پيئي شاديءَ جي سالگره ملهائجي. سڄي سال جي ٿوري گهڻي بچت کي هيءَ پارٽيون ان ٿن ڏينهن ۾ ٿي کائي ٻي ٿيون وڃن. وڏا چوندا آهن ته: ”آهو کي ڪجهه جو اڙڪيءَ وٺ ڪم اچي“- ليڪن نيتوءَ کي ڪيئن سمجهايان؟ پار ٿوري ڇت پنڌڻ سان مڙي نه ويندا. ليڪن استري ڏاڍو ڏکيو ٻاز اڄڻي آهي. پارٽين جي ڏيکاءَ ۽ وڏڻ جي پوت، هنجي دل دماغ ۾ هڪ عجيب نطور پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ڇا ڪجي؟ نيتوءَ کي ڪيئن .... ؟

(اڇتوي ۾ اندرئين ڪمري ۾ سمهيل هنئيءَ جي ڪنجهڻ جو آواز اچيٿو.)

هنئي- (پيٽ سور جي لهجي ۾) م.... م.... ممي. پا.... پاپا.... ممي. ا.... هه.... ا. مولتي پيٽ ۾ ڏا.... ڏو.... سؤل آهي، (ٿورو زور سان چلائي ٿو.) ممي.... او پاپا .... (آواز ڪنجهڻ جو اندر رهيٿو ۽ اهو ٻڌندي اشوڪ ٻئي اندرئي ڪمري ڏانهن اڪڙو لڪڙو وک، وڌائيندو وڃي ٿو. هاڻ جو آواز.)

اشوڪ- هنئي پٽ ڇا ٿيو؟ ٻڌاءِ نه سهڻ؟

هنئي- (ڪنجهندي) او ... هو.... پاپا. ممي ڪيڏانهن وئي. پيٽ ۾ ڏاڍو سول آهي.

اشوڪ- سور.

هنئي- ها .... ڏاڍو آهي. ڪلهه نه ٿورو ٿورو هو، پاپا! ان ڏينهن دليپ جي پارٽيءَ ۾ وياسين نه. ممي کي نه ڄمر ته چپاتين لهي ويندو. ۽.... هيئنر ته ڏاڍو سور آهي. ا .... ها.

اشوڪ- (گهبرائيندي) ٻه ٿوڪي هن رت اڪيلو ڪيئن ڇڏي وڃان گهر ۾ هنئي مولڪان سواءِ ٻيو ڪير نه نه ڪولهي، پٽ. ڊولي ۽ ته صبح سوير اسڪول

ئي شاندار پارٽيون اسين ڪري چڪا آهيون. هيئن هر سال اجائي ايتري ڀڳهه
نه ڪئي نه ڇا بگڙجندو؟

ليتوُ- اشوڪ ڊارلنگ! اهي وڏن جي سمجهه جون ڳالهيون آهن، نه ننڍن جي سمجهه جون - ۽ تنهن ڪانسواءِ پاڻ رهون ٿا اهڙي سرڪل ۾ ته جو جيڪڏهن
ڪا ڪمي پيشي رهجي ويئي ته اول اينڊز گيسٽ ڇا سوچيندا؟

اشوڪ- نه ڇڏيو رڳو انهن جي سوچڻ ڪري ئي وڃون اجائي خرچ ڪي وڌائيندا؟
ائين نه؟

ليتوُ- مان اهو ڪٿي ٿي چوان؟ پر ايترو نه ڪچ ڪريون جيئن ڪلهه نه ٿئي. انهيءَ ڏينهن ڪرشنا جي پٽ دليپ جو جنم ڏينهن هو. ڏٺو ڪين؟ ڪيس به نه اسان جيان ٻه پٽ آهن. ڪا ڪمي- ڪوتاهي هئي؟

اشوڪ- ڪا ڪمي ڪوتاهي نه ڪين هئي. ليڪن ليتو توکي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته دليپ هن شهر جي وڏي ۾ وڏي دوائن جي ڪارخاني جي مالڪ جي پائيوار جو پٽ آهي ۽ هڪڙي اولي جو ٻئي صرف موٽرن جي خسيس ٽائر ڪمپنيءَ جو هڪ ڀڳهاردار تالي ماتر ايجنٽ آهي.

ليتوُ- پر انهيءَ ايجنٽ-شپ جو به نه شان رکڻو آهي. ڏسندي وائسندي اسين پنهنجي عزت ۾ اضافو ڪيون يا گهٽائي؟ اڪ ڪي مٽرو توريئي لڳائڻي آهي.
(ايتري ۾ ٻاهران در جي بيل وڄڻ جو آواز ٿئي ٿو.)

ليتوُ- اوهو. شايد سنيتا نه اچي ويئي. مون ڪيس ڪالهه رات ئي بزار ۾ گڏ هلڻ لاءِ چيو هو.
(ليتوءَ جي اٿي هلڻ جو آواز. در کوليندي)

ليتوُ- هلو.... سني نه ڇڏيو پوري ٽائيم تي اچي حاضر ٿي آهين؟

سنيتا- اڙي.... ليتو. تون ڪنهن ڪم لاءِ چئين ۽ مان انڪار ڪيان. امپاسيبل.... جلدي ڪر مونکي توسان گڏ بزار مان ٿي، گهر اچي پنهنجي مسٽر لاءِ لنچ (Lunch) تيار ڪرڻي آهي.

ليتوُ- مان نه تنهنجو ئي انتظار پي ڪيو. ٻه منٽ- بس اجهو ڪبٽ مان پرس ۽ تيلهو ڪڍي ٿي اچان. تون ذرا اندر نه اچ- يا اتيئي بيٺي رهندينءَ.
(ٻنهي جي هلڻ جو آواز)

ليتوُ- (اشوڪ کي) ٻڌو تا مان نه وڃان ٿي بزار ڏانهن. سنيتا سڏڻ آئي آهي. برٿ ڊي ڪيڪ جو آرڊر ڏيڻو آهي ۽ اوليءَ جي ڊريس وغيره وٺڻي آهي....

ليتو- ها.... ها. اسانجي رٿيل پروگرام ۾ ڪاڏي ڦيٽي جو، نه چاهيندي به، پنهنجي مسٽر سان، ساڙه جون سرڪيون پي رهي هئي.

اشوڪ- (ذرا ٽوڪڙائيءَ جي لهجي ۾) ساڙه جون سرڪيون؟

ليتو- نه نه. وري ڇا؟ ڊارلنگ! ۾ هوءَ اڄڪلهه اصل منهنجي اڳيان پٺيان ڦري رهي هئي. پر مونکي به فرصت هجي نه؟ سڀني جو دل کولي جو سواگت ڪرڻو هو، سمجهيو؟

اشوڪ- سمجهيم نه ڇا- پر سڀ ڏٺم ٿي، پنهنجي پٺيءَ لٽو سان پيران ٿي هر ڪنهن مهمان کي، ٻارڪيءَ سان ٿي پرڪم نه ڪم ڪيتري پاٽيءَ ۾ آهي.

ليتو- (خوشيءَ جي موڊ يعني آواز ۾) اڄ ڏهن نه چوان ٿي، ڊارلنگ! هيئنر پنهنجي اولي (Lovely) لاڏلي جي جنم ڏينهن جي پارٽي به اهڙي رات مڃيندي ڪجي جيئن ڪاڻ ڪمي بيشي نه رهي.

اشوڪ- مان ڪڏهن ٿو چوان ته ڪا ڪمي بيشي رهي. ليڪن ليتو اسانکي هميشه پنهنجي ڪمائي يعني پگهار ۾ گهر جي بجيٽ مطابق خرچ ڪرڻ گهرجي. ڏس نه، هيئنر گذريل ان مهينن ۾، ڪيترو نه هن طرح اجايو سجايو خرچ ٿي ويو آهي. هنيءَ جي جنم ڏينهن جي پارٽي... شاديءَ جي سالگره ...

ليتو- (وچ ۾ ڪٽيندي) او.... هو.... توهين به ڪمال ٿا ڪيو. هيتري اندي خرچ جي ڳالهه لئي هيڏو وڏو ليڪچر.

اشوڪ- (ٿورو شوخ ٿيندي يعني شوخيءَ جي آواز ۾) لمو ليڪچر ڇا- تون سمجهين ٿي ته مان پ- اکيو آهيان؟ هڪ پٽ ڪي گهٽ ۾ اٿي کي وڏڪ ٿو گهران؟ هٽيي منهنجو پٽ آهي ۾ اولي نه؟ اٿي منهنجي اکين جا تارا آهن- پڏءِ!

ليتو- تڏهن نه چوان ٿي. جيڪڏهن اوليءَ جي پارٽيءَ ۾ ڪا ڪمي بيشي رهجي وڃي ته ڇا هن جي من ۾ هين ڀاونا پيدا نه ٿيندي؟ اين اسڪول ۾ پاڙي وارن دوستن کان نه ڇا، اول پنهنجي ڀاءُ سان ريس ڪانه ٿيندس؟

اشوڪ- ليتو.. توهن هن ننڍڙيءَ ڳالهه کي سمجهڻ ۾ ڪمڏي ته ڀل ڪري رهي آهين. ذرا ڪجهه شانتيءَ ۾ ويهي پنهنجي دماغ سان سوچ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر ته هن ۾ هين ڀاونا ۾ ريس هئڻ جو ڪو سبب ٿي ڪولهي.

ليتو- سو ڪيئن ڀلا؟

اشوڪ- ڇاڪاڻ ته اولي لاڏلو هٽيءَ کان ٽي سال وڏو آهي ۾ هن جي ارتڪدي جون

□ اڄايو آڌمبر □

- موهن لعل 'اداسي'

ناٽڪ جا ڪردار —

اشوڪ : هڪ انگريزي ڪمپني - ايجنٽ □□
ليتو : اشوڪ جي ڌرمپتني
سنيتا : ليتوءَ جي ساهيڙي
هيپي : اشوڪ جو پٽ
رام : ليتوءَ جو ڀاءُ
ڊاڪٽر : اشوڪ جي گهر کان ٿورو پري رهندڙ ڊاڪٽر □□

ليتوُ- اسم سڄي ساري سال ۾ صرف اهي ٻه ڏينهن ته اچن ٿا، هڪ پنهنجي شاديءَ جي سالگره جو ۽ ٻيو هيپي ۽ ٻين لوليءَ جي جنم جو ڏينهن!

اشوڪ- مطلب؟

ليتوُ- او.... هو.... ڊارلنگ! تو هين نه هرڪنهن ڳالهه جو سڀ ڪجهه سمجهندي ڪندي به ڇو مطلب پيا پڇندا آهيو. گذريل رات پنهنجي شاديءَ جي سالگره جي پارٽي ڪهڙي نه شاندار رهي؟

اشوڪ- هـون.

ليتوُ- ان وقت سڄ پڄ ڪو پتا جو چهرو ڏسڻ وٽان هو. ڪيئن نه اندر ئي اندر سڙي پچڙي ۽ پوسري رهي هئي.

اشوڪ- اڇـا؟

ليتوُ- اهيءَ رات رکي رکي، هرهڪ شيءِ ۽ سجاوت ڏانهن گهوري گهوري نهاري رهي هئي. پنهنجي پٽ ٻبيءَ جي جنم ڏينهن جي پارٽيءَ جي، اسانجي پارٽيءَ سان مشابهت ڪري رهي هئي.

اشوڪ- مشابهت يعني برابري؟

پتي- نه اڪيل نه ڪواهي.

پتني- ڇـــو ؟

پتي- اڄ ڏينهن تائين مان اهو طئه نه ڪري سگهيو آهيان ته اُن ڏينهن تو مونکي ڏهڪي ڏلي هئي يا سچ چيو هيئه.

پتني- سچ ٻڌايانو.

پتي- نه نه ڇا ڪوڙ ڳالهائيندي هئينءَ ؟

پتني- مان ۽ دارون پيئان ها. نه، بابا نه!

پتي- (ٻاڏائي غصي ۾) هون. تنهنجو مطلب ته مونکي بيوقوف بڻايو!

پتني- (شي شي ڪندي) نه بلڪل نه! اهو نه توهان ان ڏينهن ٿائين هئا. مون نه بابا توهان کي سمجهدار بڻايو!

پتي- اهه نه سهون.... تنهنجي ته خبر وٺان.

[پتي اڳيان ۽ پتني پٺيان ڊڪن ٿا!- پردو.... اونده!]

□□

Add: "Bhagwan Bhawan", A-130, Adarsh Nagar, JAIPUR-302004

پتي - (غصي مان رڙ ڪري) مان ڪنهنجي پسند - پسند جي عزت نه ڪندو آهيان تون دارون نه پيئندينءَ؟

پتني - (ياد ڏياريندي) توهان دوستن جي پسند جي عزت ڪندا آهيو. اها ڳالهه توهان پاڻ هر هر چوندا آهيو. شايد توهان کي وسري ويو.

پتي - مون کان ڪجهه نه وسريو آهي. مون کي ڪجهه ياد ڪونهي. مون کي صرف هڪ ڳالهه ياد آهي، ته تون دارون نه پيئندينءَ. نه پيئندينءَ. نه پيئندينءَ!

پتني - ۽ توهان جا دوست؟

پتي - منهنجا دوست؟ اهي به هينئر هن گهر ۾ دارون نه پيئندا!

[پتي کان ٽيلهي کسي ونگ ۾ وڃي ٿي! اولدهه! ررشني! پتي ۽ پتني صوفي تي ويٺا آهن.]

پتني - اڄ ڪالهه ڪيڏانهن گهمڻ - گهمڻ لئا وڃو؟

پتي - ڪيڏانهن وڃون؟

پتني - ڪافي ڏينهن کان دوستن سان به ڪو پروگرام نه ٺاهيو آٿو.

پتي - دل ئي نٿي ٿئي.

پتني - ڇو؟ دل ڇو نٿي ٿئي.

پتي - سچ ٻڌايانءِ؟

پتني - نه ته ڇا ڪوڙ ڳالهائيندا؟

پتي - جنهن ڏينهن تو پاڻ دارون پيئڻ واري ڳالهه ڇڏي هئي نه، ان ڏينهن کان مان ڊڄي ويو آهيان.

پتني - (ٿورو کلي) ڪهڙي ڳالهه ڊيڄاريو آهي توهان کي؟

پتي - اڄ تون شراب پيئندينءَ. سڀاڻي ان کان هڪ قدم اڳتي وڌندينءَ. پرينهن ان کان به هڪ قدم اڳتي وڌندينءَ. پوءِ شايد هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو مان توکي ڳولهڻ نڪرندس ۽ تون... تون مون کي ڳولهي به نه ملندينءَ.

پتني - ڏاڍا ڊرپوڪ آهيو توهان!

پتي - هڪ ڳالهه ٻڌائيندينءَ؟

پتني - منهنجو ڪجهه لڳيل آهي توهان کان؟

ٻتني- نه ڪجهه ڪونهي بس .... (زور ڪري ڳالهه اڌ ۾ ئي ڇڏي)

ٻتي- ها، ها، چئو. چپ ڇو ٿي وئين؟

ٻتني- مان پئي سوچيان ته توهان جي دوستن سان گڏ وهندي سٺي نه لڳنديس. سندن زالون هجن ها ته تورو ٺيڪ رهي ها.

ٻتي- (ڪجهه نه سمجهندي) مون سمجهيو ڪونه! تون ڇا ٿي چوڻ چاهين؟

ٻتني- منهنجو مطلب آهي، مان به وسڪي پيئڻ ٿي چاهيان! توهان جي دوستن جون زالون هجن ها ته شايد وڌيڪ ٺيڪ لڳي ها. خبر نه اينداسون اڄ هن به هلندو! توهان سان ئي ڪٿي وهنديس! هن ڪي گهرايو ٿي نه آئو نه ڪري ته ڇا ٿو سگهجي؟

ٻتي- (عجب ۾) تون .... تون پيئنديئن؟ تون وسڪي پيئنديئن؟

ٻتني- ڇو مان نه پي سگهنديس ڇا؟

ٻتي- اها ڳالهه تون ٿي چئين ته ....

ٻتني- (کلي) ها... اها ڳالهه مان ٿي چوان!

ٻتي- تون ....؟ (منجهي ٿو.)

ٻتني- ڇو توهان پيئڻ نه ڏيندا ڇا؟

ٻتي- وسڪي؟ ... تون....؟

ٻتني- ها، وسڪي مان!

ٻتي- (سنڀالجي) نه اهو ڪو ٿي سگهي. تون وسڪي ڪئي پي سگهين.

ٻتني- ڇو؟ ڇو ڪئي پي سگهان؟ ڏاڍي ڪوڙي لڳندي آهي ڇا؟

ٻتي- دارون سٺي شيءِ ڪونهي.

ٻتني- صرف زالن لاءِ؟

ٻتي- سڀني لاءِ.

ٻتني- تڏهن توهان ڇو ٿا پيئو؟ خراب شيءِ دارون. منهنجو ڪهڙو مطلب؟

ٻتي- منهنجو مطلب ڪيئن ڪونهي؟

ٻتني- سڀني جي پسند ـ ناپسند جي عزت ڪندو آهي. مولڪي پروسول جي پسند جي به عزت ڪندو.

کي عزت ڏيڻ لاءِ ناهيو آئو.
ناهيو آئو - يا ڇڪجي، دوستن جي پسند

پتي- باڪل ٺيڪ - پوءِ؟

پتني- جڏهن توهان پنهنجن دوستن جي پسند يا ناپسند جي عزت ڪري نا سگهو، ته ڇا مان توهان کان سکيا نٿي وٺي سگهان؟

پتي- اهوئي ته پڇاڻ ٿو ته اوچتو هيءَ ڳالهه ڪيئن آئي تنهنجي دماغ ۾؟

پتني- معمولي ڦير ڦار ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي. مان جڏهن پنهنجو رخ بدليان ٿي ته منهنجي لاءِ به ته سٺي ڳالهه آهي.

پتي- ڪيئن؟

پتني- جڏهن توهان دوستن جو هيترو ڌيان نٿا رکو، ته ڇا زالن جو ڌيان نه رکندا؟

پتي- بلڪل اهائي ڳالهه ته مان پيو چوان!

پتني- هڪ ڳالهه ٻڌايو.

پتي- پڇ.

پتني- اڄ توهان صرف دوستن کي گهرايو آهي يا سندن زالون به اينديون؟

پتي- ڇو- ڪا خاص ڳالهه آهي؟

پتني- پهرين ٻڌايو.

پتي- پيئڻ جو پروگرام آهي. زالن سان اچي ڇا ڪن ها؟

پتني- زالن سان اچن ها ته ڪهڙي خرابي هئي؟

پتي- هو پسند ڪن- الائي نه ڪن.

پتني- ها، بلڪل ٺيڪ ڳالهه آهي. سندن زالن جي پسند ناپسند جو به ته ڌيان رکڻ کپي.

پتي- اهو تون ڪيئن ٿي ڳالهائين؟

پتني- ڇو؟ ڪا غلط ڳالهه چئي ويس ڇا؟

پتي- تنهنجي چوڻ جو ڍنگ ڪجهه عجيب لڳو. ڳالهه غلط ڪانهي.

پتني- (لاپرواهيءَ سان) عجيب ٿي ويو هوندو.

پتي- تنهنجو مطلب تنهنجي دل ۾ ڪجهه آهي.

پتني- (طنز مان) توهان جي عادتن سان، توري گهڻي واقفيت ٿي رهي آهي.

[پتني اکيون وڏي ڪري ڪٽي اندر ڏسي ٿي.]

پتني- ايڏا ڪچا آندا آلو يا اوبارل؟

پتي- اهڙي قسمن جا آهن!

پتني- ڪچن بيدن جو آمليٽ ٺاهي وٺان؟

پتي- مان پاڻهي ٺاهيندس!

پتني- منهنجي هوندي توهان کي آمليٽ ٺاهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

پتي- دارون خراب شيءِ ٿيندي آهي. خراب شيءِ کي ورتائڻ پر سامهون ڏيڻ پاپ آهي.

پتني- سمجهان ٿي- توهان طنز مان ٿا ڳالهايو. پر اها ڳالهه مان نٿي چوان، توهان جي آدارتا، مهانتا ۽ فراخدلي ٿي چوائي سگهن.

پتي- اڇا- توهان تي به ڪنهن ڳالهه جو اثر ٿيندو آهي ڇا؟

پتني- ظاهر آهي ته ٿيندو آهي.

پتي- پوءِ اها ڳالهه منهنجي لاءِ سٺي خبر آهي.

پتني- اهو فيصلو توهان ڪيو.

پتي- منهنجو مطلب، تو بي ريا رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي؟

پتني- نه، اها ڳالهه توهان غلط چئي.

پتي- تون ٺيڪ ڪري چئه.

پتني- ته مون سهيوگ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

پتي- واهه واهه. واهه واهه. اها ته مزيدار ڳالهه. مان اجاهو ترڪي ٽڪو پيو سمجهان.

پتني- شڪريه.

پتي- هونءَ ڇا مان پڇي سگهان ٿو ته سائين پنهنجو ارادو ڪيئن بدليو؟

پتني- مون سوچيو ته روز جي جهيڙي- ٻاريءَ کان بهتر آهي ته مان ئي سمجهوتو ڪري وٺان.

پتي- سمجهوتي واري ڳالهه اوچتو ڪيئن سوجهي؟

پتني- مون کي لڳو ته هي سڀ توهان پنهنجي لاءِ ته ناهيو ڪيو، انهن جي پسند لاءِ

پتني- ڏسڪي مان توهان کي لٿي ڏيان. توهان مولڪي ٿا ڏيو!
[اوندهه .... روشني اچي ٿي. پتني صفائي ڪري رهي آهي! دروازي تي
کٽ کٽ جو آواز. پتني اچي دروازو کولي ٿي! پتي ٿيلهي کڻي اندر ٿو اچي.
پتني ڪالئس ٿيلهي وٺڻ ٿي چاهي. پر پتي نٿو ڏئيس. ٿيلهي سينٽر ٽيبل سان
لڳائي رکي ٿو.]

پتني- هي ڇا ڇا وٺي آيا آهيو توهان اڄ؟

پتي- ڪجهه امڪين، بيدا، وسڪي ۽ بيئر.

پتني- وسڪي ۽ بيئر ته خير ٺيڪ آهي. پر امڪين بازار مان آڻڻ جي ڪهڙي
ضرورت هئي؟

پتي- بازار مان نه ته ڪٿان آڻيان ها؟

پتني- گهر ۾ ٺاهي وٺان ها!

پتي- ڪير ٺاهي ها گهر ۾- تون؟

پتني- ها. ڇو اڄ تائين نه ٺاهيو آهي ڇا؟

پتي- اڄ تائين ۾ ۽ اڄ ۾ ڏاڍو فرق آهي.

پتني- ڪهڙو فرق آهي؟

پتي- پڇين ائين ٿي، ڄڻ توکي خبر ئي ڪانهي.

پتني- ڪالهوڪي ڇڙ- ڇوان جي ڪري ٿا چئو ڇا؟

پتي- اوچتو ياد اچي ويو، شايد!

پتني- نه اوچتو ياد نه آيو. توهان جهڙي مهاپرش کي عام ماڻهو جهڙو ورتاءُ ڪندو
ڏسي، خود به خود ياد اچي ويو.

پتي- هي مهاپرش ۽ عام ماڻهوءَ واري ڳالهه ڪٿان اچي ويئي؟

پتني- ابن جي پسند کي پنهنجي پسند کان اوچو درجو ڏيڻ وارو شخص، جيڪڏهن
پنهنجي پسند ڇڏڻ جو ضد ڪري ويهي ته منهنجي خيال ۾ اهو مهاپرش
جي عام ماڻهوءَ ۾ تبديليءَ جو اشارو آهي!

پتي- تون انکي مهاپرش جي عام ماڻهوءَ ۾ تبديلي چئه- يا ليکتا.... پر تو والگر ابن
جي پسند جي بيعزتي ڪرڻ جي مولڪي عادت ڪانهي.

پتي- واسع جو ته اسين گهر ۾ اڪيلا هوندا آهيون؟

پتني- هر وقت هرڪا ڳالهه چوڻ لائق من اسمت هجي- ضروري ڪوناهي.

پتي- ته ان ۾ منهنجي غلطي ڪٿي ٿي؟

پتني- صاف ڳوٺي، ٿي سگهيئو توهان کي ساڃ نه لڳي. پر حقيقت اها آهي ته غلطي صرف توهان جي آهي.

پتي- ته ٻڌاء ته ڪهڙي غلطي آهي؟ اهاٿي نه، ته-مان دوستي ٿو ايايان. ٻيا ٻيو ڪجهه نه؟

پتني- توهان شوق سان دوستي لڀاٺو. پر منهنجي قيمت تي نه.

پتي- منهنجي قيمت تي ڪيئن؟

پتني- زال جو به ڪجهه حق ٿيندو آهي پنهنجي پتيءَ جي وقت تي. اهو حق، توهان ايتري فراخدلي سان ٻين ۾ ڪيئن ٿا ورهائي سگهو؟

پتي- پنهنجي وقت جو استعمال جيئن مونکي ٺيڪ لڳندو، مان ڪندس.

پتني- مان هميشه ته توهان کي هٿ ٻڌي وينتي ٿي ڪريان ته مهرباني ڪري مونکي وڌيڪ سزا نه ڏيو.

پتي- نه نه؟

پتني- ته ته توهان مونکي به ڪجهه ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندا.

پتي- ڇا ٿي ڪرڻ چاهين اون؟

پتني- مان ڪجهه نٿي ڪرڻ چاهيان. جيڪو ڪرائيندي، مونکان پنهنجي مجبوري ڪرائيندي.

پتي- مجبوري ٿي سهي! پتو ته پوي ڇا ڪرائيندي مجبوري توکان؟ آپگهات؟

پتني- مان ڪائر نه آهيان جو آپگهات ڪيان.

پتي- نه؟

پتني- ڪجهه نه ڪيان. پر اڳتي مان توهان جي دوستن جو هتي اچڻ، هتي اچي دارون پيئڻ برداشت نه ڪنديس.

پتي- هي گهر تنهنجو نه منهنجو آهي. شايد توکي ياد نه رهيو آهي.

پتني- جي نه. مونکي وسريو ناهي. پر توهان کي سوچڻ کپي ته هيءَ گهر جيترو توهان جو آهي، اوترو ٿي منهنجو به آهي. ۽ هن گهر ۾ اڳتي ڪوبه ناجائز ڪم نه ٿيندو.

پتي- تون مونکي ڌمڪي ٿي ڏين؟

پتني- مان خوش ٿي ٿيس ته اڄ توهان مونکي ٻانا سان گڏ ڏٺو يي تا ولي هلوا

پتي- مون گڏ هانا کان انڪار ڪيو مانء ڇا ؟

پتني- توهان ڪڏهن ڏسندا مولسان گڏ ڏٺو؟

پتي- نه ڪڏهن سان گڏ ڏسندس ؟

پتني- توهان پنهنجن دوستن سان گڏ ڏسندا.

پتي- (غصي ۾) اڄ ڪالهه، اون ڪهڙيون احمقانه ڳالهيون ڪرڻ لڳي آهين.

پتني- سچيون ڳالهيون شايد احمق ئي چوندا آهن!

پتي- جيڪو اون چوان، سو سچ ٿيندو آهي. باقي سڀ ڪوڙ؟

پتني- مون ائين نه ڪوله چيو!

پتي- نه ڇا چيئه؟

پتني- مان توهان کسي حاصل ڪرڻ لاء سڪي رهي آهيان ۽ توهان ٻاهرڪي ورهائڻ ۾ مشغول آهيو. توهان وٽ ڇا ڪجهه پل ٻه ڪونهن، جيڪي توهان مونکي ڏئي سگهو؟ صرف مونکي! پنهنجن دوستن کان ڇڏائي، آفيس کان ڇڏائي، مشغولين کان ڇڏائي- فقط ۽ پل. آخر مون ڇا بگاڙيو آهي توهانجو؟ توهان ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏئي رهيا آهيو هن طرح؟

پتي- مان سمورو تنهنجو آهيان. منهنجو سمورو وقت تنهنجو آهي. تنهن کان پوءِ ٻه توکي مولسان شڪايت آهي!

پتني- اهوئي ته منهنجو درد آهي. منهنجا هوندي ٻه توهان منهنجا ناهيو.

پتي- ڪيئن؟

پتني- گهمڻ ته دوستن سان، ڳالهائڻ ته دوستن جي باري ۾، سڄو ڏينهن، سڄو وقت نه توهان دوستن جي ٿالي ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي لاء ڪيئن ڇڏيو ٻه اٿو؟

پتي- گهمڻ لاء ويندا آهيون ته توکي پاڻسان گڏ نه ولي ويندو آهيان؟

پتني- هيڪ ولي ويندا آهيو! پر توهان جا دوست ٻه توهان سان گڏ هوندا آهن!

پتي- انڪري توکي تڪليف ٿيندي آهي؟

پتني- ڪيترائون ڳالهيون اهڙيون ٿينديون آهن؟ جيڪي پتني صرف پنهنجي پتيء سان ڪرڻ چاهيندي آهي- اڪيلي ۾! اهڙيون ڳالهيون دل ۾ لڪائي مان گهٽجندي رهي آهيان! توهان مونکي موقعو ئي نه ڏيندا آهيو، ته مان توهانکي ڪجهه چئي يا ٻڌائي سگهان!

پتني- اسان جي گهر ۾ سهڻي ۽ سٺي سٺي موڊ کي اهڙن ننڍڙن ننڍڙن ڳالهين سان
بگاڙڻ مان ڪهڙو فائدو؟

پتي- تون جن کي ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ٿي چوين، اهي ئي مهنجي لاءِ ۽ وڏيون
وڏيون ڳالهيون آهن! خير ڇڏ. بحث ڪرڻ مان فائدو ڪهڙو؟ ساڍا ڇهه ٿيا
آهن! تون تيار آهين؟

پتني- ها، بس! وارن ۾ ڦڻي ڏيڻي وتان.

[اوچتو چانهه ڏانهن ڌيان وڃيس ٿو.]

پتني- هي ڇا؟ چانهه ته توهان پيتي ئي ڪونه.
پتي- ڪو پيتي؟
پتني- توهان پيئو.... مهنجي دل ڪونهي!
پتي- ڇو؟
پتني- ائين ئي (ڳالهه بدلي) وري دير ٿي ٿي وڃي! توهان ٻئي ولو.
پتي- چڱو.

[ڪوپ کڻي چانهه پيئڻ شروع ٿو ڪري]

پتني- اسين هيترو دير سان ٿا هلون پڪچر تي- ٽڪيٽون ملي وينديون؟
پتي- ٽڪيٽون هن ور ليون هونديون.
پتني- ڪڏهن ور ليون هونديون؟
پتي- ها- ٿي دوست ته ڳالهه سمجهه اچڻ آهن.
پتني- اڙي هن.... (چوندي چوندي ٻاڻ کي روڪي ٿي وٺي)

[چانهه جو خالي ڪوپ سينٽر ٽيبل تي رکي ٿو]

پتي- ڇو، تنهنجا هٿ ڇو ايهڙي ويا؟
پتني- ....
پتي- جواب ڇو ٿي ڏين؟
پتني- مون کي هيئر پڪچر تي ناهي هلڻو. توهان ئي اچو!
پتي- ڇو؟ اوچتو ڇا ٿي ويو؟
پتني- ڪجهه به نه!
پتي- ڪجهه به نه، ته تيار ٿيڻ کان پوءِ به هلڻ کان انڪار ڇو ٿي ڪرين!

پتني- ميرن ڪپڙن ۾ گڏجي ويو هوندو. ٻر ۾ ڏسو.

[پتي ٻئي پاسي واري ونگ ۾ وڃي هڪ ٽوال سميت موٽي ٿو.]

پتني- (زور سان) لڌو ٽوال؟

پتي- ها لڌو.

پتني- (زور سان) توهان جي استري ڪيل قميص ڪپٽ ۾ اٿو. ڪڍي وٺو.

[پتي وري ونگ ۾ وڃي قميص ڪڍي اچي ٿو. اوچتو ٽٽل بٽڻ ڏانهن ڌيان هليو ٿو وڃيس.]

پتي- (جهنجهلاهٽ) عجيب لاپرواهه زالفان آهي. (زور سان) قميص جو مٿيون بٽڻ ٽٽل آهي.

[پتني چانهه جو ڪوپ کڻي اسٽيج تي اچي ٿي.]

پتني- مون بٽڻ ڏٺا نه هئا. نظر مان نڪري ويو هوندو. توهان چانهه پيئو، ٿيستائين مان بٽڻ هڻي ٿي وٺان.

پتي- وقت پورجي آيو آهي. ۽ هاڻي هيءَ بٽڻ لڳائيندينءَ. تون اهي ڳالهيون الائي ڪڏهن سکندينءَ.

پتني- (معافي گهرڻ واري انداز ۾) ڀل ٿي وئي. بس هڪ منٽ لڳندا. ٿيستائين توهان چانهه پي وٺو.

[چانهه پتيءَ کي ڏئي ٿي. پتي ڪوپ وٺي سينٽر ٽيبل تي رکي ٿو.]

پتي- هاڻي هن کي ڇڏ. مان چانهه پاڻهي پيئندس.

پتني- ۽ قميص؟

پتي- ساڳي ٿي پائيندس.

پتني- پر....

پتي- (وچ ڪٽي) هاڻي پر - پر ڇڏ. جلدي ڪر تون هاڻ جي تياري ڪر.

پتني- (ناز سان) توهان نه ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ ٿي موڊ خراب نه ڪري ڇڏيو!

پتي- موڊ مان ٿو خراب ڪريان. تون ٿي ڪرين.

پتني- اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون نه گهرن ۾ ٿينديون ئي رهن!

پتي- گهرن ۾ نه - اسان جي گهر ۾ چئو!

جيڪو ڪرڻو هجي ڪر.

پتني- (غصي ۾) ٻين جي ناجائز پسند توهان کي اهڙي بيماري آهي، جو زال جي

صحيح ڳالهه به توهان کي خراب ٿي لڳي.

پتي- (وڏي سختيءَ سان) دوست ٻين ۾ نه، پر منهنجن ۾ شمار ٿيندا آهن.

پتني- انڪري؟

پتي- انڪري آخرين فيصلو آهي ته جيڪو ڪم منهنجن دوستن جي نظر ۾ خراب

ڪرڻو هجي، سو مان ڪندس!

[اونڌهه.... روشني اچڻي. پتني ڪرسيءَ تي ويٺي سُرنس سان سوچ

مڙهي رهي آهي. پتي گنگنائيندو اندر اچي ٿو.]

پتي- (زور سان) ٻڌين ٿي. جلدي تيار ٿي وڃ- اڄ پڪچر تي هلڻو آهي.

پتني- پڪچر تي هلڻو آهي ته آفيس مان دير ڪري ڇو آيا؟

پتي- اڄ ڪجهه ڪم وڌيڪ هو. لڪڙ لڪڙ ڪندي اها دير ٿي ويئي. هاڻي تو

جلدي تيار ٿي وڃ.

پتني- پهرين توهان چانهه ته پي وٺو.

پتي- چانهه پاڻهه هاڻي تون ڇڏ. بس تون جهٽ پٽ تيار ٿيءُ.

پتني- هاڻي ٿي تيار ٿي ٿيان- مان ته ڪا چانهه به.

پتي- چانهه جي چڪر ۾ دير نه ڪري ڇڏجانءِ.

پتني- نه دير نه ڪندس. پاڻي رکي مان تيار ٿي ٿيان. تيستائين توهان به هٿ

منهن ڌوئي ڪپڙا مٽي وٺو.

پتي- منهنجا ڪپڙا ٺيڪ آهن.

پتني- نه. توهان ته بدليو نه. ڏسو اهي ٺيڪ ٿا لڳن.

پتي- ٺيڪ آهي. تون چئين ٿي ته بدلي ٿو وٺان. هاڻي تون وقت ضايع نه ڪر.

پتني- هيتر ٿي تيار ٿي ٿيان. دير نه لڳائيندس.

[پتني ونگ ۾ وڃي ٿي. پتي اُتي هيڏانهن هوڏانهن هلي ٿو.]

... نه الائي ڪٿي رکيو اٿين. (زور سان) اڙي ٻڌين ٿي، ٽوال ڪٿي آهي؟

... ٿي زور سان) اُتي ئي انگيل هوندو.

... سان) هتي ڪونهي، لڌين ته ٻچان ٿو.

پتني- ڇڏيو.

پتي- تون منهنجي نجي معاملن ۾ ضرورت کان وڌيڪ دخل-اندازي ڪري رهي آهين.

پتني- منهنجي سڀ ڳالهه توهان کي دخل-اندازي ٿي لڳي؟

پتي- سوال سچي يا ڪوڙي ڳالهه جو ڪونهي. دخل-اندازيءَ جو آهي.

پتني- ڇا زال پنهنجي پتيءَ کي ڪجهه نٿي چئي سگهي؟

پتي- چئي سگهي ٿي. صلاح جي طرز ۾. حڪم جي نوع ۾ نه.

پتني- مون ڪهڙو حڪم ڏنو توهان کي؟

پتي- هن طرح رسڻ ۽ منهن سڄائڻ- زور زبردستي پنهنجي ڳالهه مڃائڻ ناهي ته ٻيو ڇا هي؟

پتني- ضروري ڪونهي! پر دارونءَ لئي اها ڳالهه لاڳو نٿي ٿئي.

پتي- ٿئي ٿي.

پتني- ڪيئن ٿي ٿئي؟

پتي- پهرين ڳالهه ته شراب مان پاڻ نٿو پيئان. ٻي ڳالهه، مان دوستن کي روز شراب نٿو پياريان.

پتني- منهنجو به ته ساڳيو ئي چوڻ آهي. جيڪو ڪم توهان پاڻ نٿا ڪيو، اهو ٻين کان ڇو ٿا ڪرايو؟

پتي- منهنجي پسند سڀني جي پسند هجي - ضروري ڪونهي!

پتني- جڏهن توهان ٻين جي پسند جو خيال رکو ٿا، ته ڇا منهنجي پسند جو خيال نٿا رکي سگهو؟

پتي- هميشه رکندو آهيان.

پتني- ڪٿي ٿا رکو؟

پتي- نه رکندو آهيان ته ڇا ڪندو آهيان؟

پتني- دارون پيئڻ- پيارڻ مونکي پسند ڪونهي. منهنجي اها پسند غير واجب يا غلط ته ڪونهي. پوءِ توهين ان کي منظور ڇو نٿا ڪريو؟

پتي- دوست به منهنجا ڪجهه لڳن. هڪ ڳالهه انهن جي مڃيم ته ڪهڙي خرابي ٿي پيئي.

پتني- خراب ڪم کي پناه ڏيڻ ۾ هڪ خرابي ٿيندي آهي.

پتي- (ناراض ٿي) ٺيڪ آهي. اها ڳالهه غلط سهي. پوءِ به مان ڪندس. توکي

پتني- ڏسو، مان ڪئيترا سان ڇٽي رهي آهيان. اوهان ڳالهه کي مسخري ۾ ٿا اڏايو
پتي- ڪير ڪمبخت ٿو اڏائي اوهان جي ڳالهه کي مسخري ۾؟ توبهه توبهه. اها
گستاخي ۽ مان ڪندس؟

[الله برو! روشني اچي ٿي. پتني ڪرسيءَ تي مٿهن سجائي رال وٺي آهي
پتي ڪيس هيڏانهن هوڏانهن جاچي ڏسڻ جو ناٽڪ ڪندي، سندس ڇٽني پاسي
گهمي رهيو آهي]

پتي- (پيار سان) ڇا ڳالهه آهي؟ مٿهن جو ڦلاڻي رکيو آهي سائينجن؟
پتني- ......
پتي- حضور! ناچيز کجهه پڇيو آهي؟
پتني- کجهه ڪونهي!
پتي- کجهه نه هوندو، تڏهن نه چند تي بادلن جو پاڇو آهي.
پتني- ڪا ڳالهه ڪانهي.
پتي- هاڻي پڌائي به ڇڏيو ڪٿي.
پتني- ....
پتي- هون... نه تون ائين نه پڌائيندينءَ.

[پتنيءَ کي ڪتڪتائي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو.]

پتني- (کل روڪيندي) ڇڏيو. ڇڏيو. ڏسو ڪتڪتائي نه ڪريو.
پتي- نه پڌاءِ ڇا ڳالهه آهي؟
پتني- چيم نه. کجهه ڪونهي.
پتي- ليڪ آهي نه پوءِ هيءَ.... هيءَ وٺ.
پتني- (پهرين آهستي پوءِ زور سان کلندي) ڇڏيو، ڇڏيو، پڌايان ٿي.
پتي- اها ڪيئن نه مزدالي ڳالهه.
پتني- (چپ چاپ ٿڌا ساهه ٿي کڻي)
پتي- پڌاءِ پلا.
پتني- توهان جو پنهنجن دوستن کي دارون پيئارڻ موڪلي پسند ڪونهي.
پتي- ڇو؟
پتني- ڇڏهن توهان پاڻ ٿا پيئو ته ٻين کي پيئارڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟
پتي- هڪ ڳالهه صاف ڇوان.

پتني - پڇو ائين ٿا ڄڻ توهان کي ڪجهه پتو ئي ڪونه آهي.
پتي - مونکي پتو ناهي ته زال کي ڪهڙا حق ماڻڻ يا ڏيڻ گهرجن!
پتني - شاديءَ کان پوءِ ڇوڪري ماءُ پيءُ کي ڇڏي، ساهرن ۾ ايندي آهي - ته هڪ ڀروسو سندس دل ۾ هوندو آهي.
پتي - ڪهڙو ڀروسو؟
پتني - ته هن وٽ به پنهنجو چوڻ لاءِ ڪجهه آهي.
پتي - پوءِ؟
پتني - پوءِ سڀ ڪجهه ته ڇڏيو. توهان مونکي خميس پنهنجائپ جو احساس به لمحا ڏيئي سگهو؟
پتي - مان ته توکي پنهنجو سمجهندو رهيو آهيان.
پتني - مونکي پنهنجو سمجهندا رهيا آهيو، اهو ٺيڪ آهي! پر پنهنجو پاڻ کي توهان پنهنجن دوستن جو سمجهندا رهيا آهيو.
پتي - اها ڳالهه ته ڪالهي.
پتني - اهائي ڳالهه آهي.
پتي - ڪيئن؟
پتني - ته ته توهان جو سمورو وقت فقط پنهنجن دوستن لاءِ نه هجي ها. وقت جو ڪجهه حصو توهان پنهنجيءَ زال لاءِ به رکو ها.
پتي - مان هميشه هر وقت پنهنجن دوستن سان ته نه رهندو آهيان.
پتني - پوءِ ڇا ڪندا آهيو؟ مان ترسندي رهندي آهيان - توهان سان ڪجهه دير ڳالهائڻ لاءِ ۽ توهان! گڏ گهمائڻ به وٺي ويندا ته توهان جا دوست ۽ سندن زالون ساڻ هونديون.
پتي - (ماحول کي هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ۾) اڙي! اها ڳالهه هجي ته اڳ مونکي پهرين ٻڌائين ها.
پتني - (روئڻهارڪي ٿي) هي بيگانو-پڻ هاڻي منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي.
پتي - ٻاهر آهي؟
پتني - ها - بلڪل ٻاهر آهي.
پتي - ته ٺيڪ آهي. مانڊوانس جي دربار ۾ خادم صبح شام نيم سان لڳي حاضري ڏيندو. پوءِ ته بس؟

پتي- ٻه دوست ٿيندا آهن ۽ ڇال صرف ڇال.
پتمي- ڇال ڇا دوست ٿي ٿي سگهي؟
پتي- ٿي سگهٽي.
پتمي- پوءِ توهان موڪلي پنهنجي دوستن جي فهرست ۾ ڇو ٿا رکو؟
پتي- ڇال دوست ٿي سگهي ٿي. پر ٿون صرف منهنجي ڇال آهين- منهنجي دوست نه.
پتمي- مان جيڪڏهن توهان جي ڳالهه کي صحيح وٺان - ته مان صرف توهان جي ڇال آهيان- توهان جي دوست نه، ته ٻه ڇال جي ناتي ڇا منهنجو توهان تي ڪو به حق ڪوهي؟
پتي- ڇو نه آهي؟
پتمي- شايد ڪتابن ۾ آهي- زندگيءَ ۾ نا!
پتي- وهنوار ۾ ته آهي- زندگيءَ ۾ به.
پتمي- توهان جي وهنوار مان نه اها ڳالهه نظر ٿي اچي.
پتي- ڪو مثال ڏيئي سگهندينءَ؟
پتمي- ها، ڏيئي سگهان ٿي.
پتي- ڏي.
پتمي- توهان جي هر شام توهانجن دوستن لاءِ محفوظ هوندي آهي. موڪل جو هر ڏينهن توهان پنهنجن دوستن کي نوازي ڪري ڇڏيو آهي. ڏينهن نوڪريءَ ۾ ۽ رات سمهي ڪري گذاري ڇڏيندا آهيو. روز مره جي زندگيءَ ۾ ڇال کي ڪهڙو حق ڏنو آهي توهان؟
پتي- اج هڪ ٽئين ڳالهه جو پتو پيو ته حق ۽ وقت ۾ ڪو فرق نه ٿيندو آهي.
پتمي- ٿيندو هوندو فرق. پر جنهن سلسلي ۾ مان ڳالهائي رهي آهيان، ڪو فرق ڪونهي اُهن ٻنهي ۾!
پتي- ڪيئن؟
پتمي- مالي ۽ ڪهڙي جو مطلب ڇالفاٺو حق نه ٿيندو آهي.
پتي- (ٺنگ ٿي ڪري) ڇا ٿي چاهين ٿون موڪان؟
پتمي- پنهنجو هڪ حق- يا سمجهو پنهنجا حق.
پتي- ڪهڙا حق؟
پتمي- آهي سڀ حق- جيڪي هڪ ڇال کي ملڻ گهرجن.
پتي- جيئن ته؟

□ هو موٽي آيو □

- ڀڳوان اٽلاڻي

ناٽڪ جا ڪردار-

□□ پتي - ستاويهن اٺاويهن سالن جو خوش شڪل جوان!

پتني - ٽيويهن چوويهن سالن جي خوبصورت، طنزيه زالفان!

□□

[عام گهر جو هڪ ڪمرو.... صوفا ۽ هڪ ٻه ڪرسيون رکيل. سينٽرل ٽيبل. وقت ٻپهري. اسٽيج تي روشني. ٻهراڻ صرف صوفي تي - جتي پتني ويٺي آهي. پوءِ سڄي اسٽيج تي. پتي اندر اچي ٿو.]

پتني- ويا توهانجا دوست؟

پتي- ها ويا- ڇو؟

پتني- (ٻي لاڳاپي سان) ڪجهه نه.

پتي- هڪ پاسي ٿي چوين- ڪجهه نه، ۽ ٻئي پاسي پڇين ٿي- ويا توهانجا دوست؟ .... ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

پتني- سمجهه ۾ ايندو به نه.

پتي- ڇو؟

پتني- ڇو ته دوستن لاءِ توهان پهرين تي خاص طرح جي راءِ قائم ڪري ڇڏي آهي!

پتي- ڪهڙي راءِ قائم ڪري ڇڏي آهي. ٻڌائيندينءَ!

پتني- اهائي ته دوست توهان لاءِ سڀني کان وڌيڪ قيمتي آهن- زال کان به وڌيڪ.

پتي- پر اها صرف راءِ ڪانهي- سچ آهي!

پتني- ٿي سگهيٿو سچ هجي. پر ڇا زال جي اهميت ڪجهه به نه آهي مرد لاءِ؟

پتي- ڇو نه آهي اهميت! گهڻي ٿي آهي.

پتني- پـــر

۽ اچاڻ ٻيو ڪاٿي، اُتي هيءَ سڌوري آشا، اڄ سڄيءَ ۾ ٻيئي ڳالهائي
۽ ڪامڪ سياءُ وارو ماڻهو جتي ويندو اُتان ٻهءَ ڪري ڪاٿي ايندو، ڪڏهن
۾ ٻڪ نه مڙندو!!

آشا- توهان جي گهر جو هيءُ وايو منڊل ڏسي ٿي ٿي، مونکي ٻاڻ وڌيڪ خوشي ٿي ڄاڪاڻ ته مان ٻاڻ اهين ٿي چاهيندي آهيان- نه ڪُوڙو ڏيکاءُ ڇڏي، موڪل ڏينهن گهر ۾ ئي ڪر ٿي موج مزي، جرچي گهبي ۽ لوي اڪاءُ ۾ ڏينهن گذارجي .... ٻيا ماڻهو ڇا چوندا، اها ڳالهه نه دماغ مان ٿي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي!

دولترام- (اُڇل سان) اڙي واه واه!.... واه واه!!.... واه واه!!! .. طبيعت خوش ڪري ڇڏي پٽ.... (زور سان) اڙي مدوءَ ماءُ!

مدوءَ ماءُ- (مشڪندي) مان هتئي ٿي آهيان.... ٻڌان هي ناشتو ڪاٿو نه چاهه ڪٽي اچان.

دولترام- اڙي واه واه!... هيءُ ٻڌل مانـو.... (مشڪندي) اڙي، آشا پٽ هن گهر ۾ خوشيءَ جو وايو منڊل پيدا ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ واسه ڪول نه مان پنهنجي همت سان تنهنجو منهن مٺو ڪرايان!

آشا - ها ها ٿي ٿي.... (واسه کوليندي) آ.... آ.... آ....

دولترام- اچا ۾.... اچا ۾.... اچا ۾.... (ڪارائيندي) او لائين!!!

(سڀئي جا زور زور سان ٽهڪ)

□□

Add: Kubernagar, Ahmedabad.

نوٽ:— هن ناٽڪ جي ڪردارن جا نالا فرضي آهن.
ڪنهن جو ۾ ڪنهن سان سڌو يا اڻسڌو لاڳاپو ناهي.

منوءَ ماءُ- توسان گڏجي اسانکي ڏاڍي خوشي ٿي، پٽ!

آشا- (مشڪندي) خوشي، نه مولڪي به گهڻي ٿي ممي، پر خاص ڪري ٻُڍيءَ سان گڏجي.

دولترام- (گهٻراهٽ وچان) اَئين!.... مو اسان گڏجي!.... ٿ.... ٿ.... ڇا مطلب؟

آشا- (مشڪندي) مطلب اهو ته منهنجي ٻُڍي ۽ توهان ۾ ڪو به فرق ڪونهي.

منوءَ ماءُ- (حيرت وچان) ڪو به فرق ڪونهي!؟

آشا- ها ممي، منهنجي ٻُڍيءَ جو به اهو ئي سڀاءُ آهي ته مولڪ ڏينهن ڪمائيءَ ۽ ڏلڏي ڇا سڀ چڪر وساري ڀي ڦڪر ٿي، ٻُڍيءَ وانگر گنجي ڪڇو پائي....

دولترام- (وچ ۾ ڪٽي) اَئين!... گنجي ڪڇو پائي....

آشا- (اکٽي) ها ٻُڍي، گنجي ڪڇو پائي، توهان وانگر آرام ڪرسيءَ تي ويهي پير ٽپائيءَ تي رکي مزي سان ويهي اخبارون ۽ ناول پڙهندا آهن....

دولترام- (خوش ٿيندي) واه واه!.... واه پٽ واه!!... اها ته نهايت سٺي ڳالهه ٻڌائي!

آشا- (مشڪندي) نه صرف ايترو ٻُڍي، پر هڪ دفعي ته هڪ وڏو واپاري به ٻُڍيءَ کي سيٺ ڄاڻي ۾ ڀل ڪري ويٺو.

دولترام- اهو وري ڪيئن، پٽ؟

آشا- ٻُڍيءَ جي اها عادت آهي ته مولڪ ڏينهن صبوح جو سوير اٿي گنجي ڪڇي ۾ ئي، بنگلي اڳيان باغيچي کي پاڻي ڏيندا آهن. هڪ دفعي هڪ وڏي واپاريءَ اچي ٻُڍيءَ کان پڇيو.... (آواز بدلائي) ”اڙي مالهي، سيٺ سيتلداس گهر ۾ آهي؟...“ (سڀني جا زور زور سان ٽهڪ)

دولترام- اڙي واه واه!... واه واه!!.... واه واه!!!.... واه جهڙي ڳالهه ٻڌائي.... ويهه پٽ ويهه.... (وهاريندي) منوءَ ماءُ!.... اڙي وات ڇو ڦاٽي ويو اٿئي؟.... ناشتو پاڻي ۽ چانهه اچڻ ڏي.

آشا- (مشڪندي) ٽڪڙ کهڙي آهي ٻُڍي، صرف چانهه ناشتي مان نه هلندو. مان ته توهان وٽان روٽي به کائي پوءِ ويندس!

دولترام- (خوش ٿيندي) ونڊر فل!.... ونڊر فل!!.... اڙي واه!!!.... پٽ، تنهنجو سڀاءُ ته بلڪل مون جهڙو ئي آهي.... (منوءَ کي) اڙي ڏسين وينو منوهر لعل؟

منوُ- يس ٻُڍي!

دولترام- ان کي چئبو اٿئي دل خوش حاضر جوابي!.... اڙي برخردار، جتي تون انگريزيءَ

دولترام- نه پوءِ اڄ کي به اسين موڪل جي مزي واري محفل ۾ شامل ڪري ڇڏينداسين....
(دروازي تي ٺڪ ٺڪ) وري ڪير آيو؟

مدو- (هلندي- ڀريان آواز) مان ڏسان ٿو ڏئڊي، توهين آرام سان ويٺا هجو.

دولترام- (پلنگ تي ٽنگون ڊگهيون ڪندي) مان ته آرام سان ٿي ويهندس، پاڻي ڪير ته
اچي .... مدوءَ ماءُ!!

مدوءَ ماءُ- ڇو، اجا ڇا گهرجيو؟

دولترام- ٻيو ڪجهه به نه مدوءَ ماءُ، صرف هڪ پيالي چانهه جي!

مدوءَ ماءُ- ها ها ... ملندو ٿي .... هونءَ به دروازي تي ڪو مزمان نه آهيئي، ان سان
گڏجي چانهه پيئجو.

مدو- (دروازو کوليندي- عجب وچان) اڙي، ڪير؟ .... آشا! .... تون!؟

آشا- ها مدوهر، منهنجي پهچڻ کان اڳ موهني وڃي هلي. اڪري سوچيم آئي
آهيان نه اڄ پوءِ ممي ڏئڊيءَ سان به گڏجي وڃان! .... پر تون هيئن گهرايل
ڇو بيٺو لڳين اهين!؟

مدو- (جهٽڪ سان سجاڳ ٿيندي) نه نه .... اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي، آشا!

آشا- (مشڪندي) موٽي اندر اچڻ لاءِ نه چوندين؟

مدو- (ڦڪو مشڪندي) هين هين .... آءِ ايم ساري، آشا! ... (هلندي) اچ اچ ..
اچ آشا .... اندر اچ ....

دولترام- (گهبراهٽ وچان- ڀريان ۾ آهستي) مدوءَ ماءُ، لڳي ٿو آشا اچي وئي آهي.

مدوءَ ماءُ- (آهستي) ها ها آهي نه آشا!

دولترام- (اٿندي - آهستي) نه مان جلدي سائيڊ ۾ سوٽ پائي ٿو اچان.

مدوءَ ماءُ- (پاڻهي کان جهلي وهاريندي - آهستي) ڇو ڪيڏانهن ٿا، سامهون آشا تي
ڏسي ورتو آٿوا

آشا- (ڀريان - مشڪندي) نمستي ڏئڊي، نمستي ممي!

دولترام- }
مدوءَ ماءُ- } (گڏيل- ٻڏڪيل آواز ۾) ن.... م س.... تي....!!.... نمستي.... نمستي!

مدو- ممي ڏئڊي، هيءَ آشا آهي، جنهنجي....

دولترام- }
مدوءَ ماءُ- } (اڌ ۾ ڳالهه) اسان کي خبر آهي.

آشا- (عجب مان) توهان کي خبر آهي!

دولترام- ها پٽ، اسان جو مدوهر تنهنجي ڏاڍي ساراهه ڪندو آهي.

مدوءَ ماءُ- ان ۾ ڇا ٿي پيو؟ .... هينئر ۽ ڪپڙا بدلائي آرام سان وڃي پنهنجو پلنگ وسايو.

دولترام- (اندر ٿين ڪمري طرف ويندي) هينئر مان توهان جي هڪ ٻه نه ٻڌندس....
هيءُ آرام ڪرسي ڪٽي ساڄي هتي رکو.... منهنجا سگريٽ، انش-ٽري،
اخبارون، فائيل واپس پلنگ تي رکو.... (فرنيچر ۽ سامان هيٺ مٿي ڪرڻ
جو آواز) سڀ سامان جيئن اڳ ۾ رکيل هو تيئن رکو.... (ٻريان) مان ڪپڙا
بدلائي گنجي ڪڇي سان اچ موڪل جو مزو ماڻيندس.

مدوءَ- ممي، پلنگ تان هي ليون چادرون لاهي ڇڏ... نه ته خراب ٿي وينديون.

مدوءَ ماءُ- ها ها.... هي جهوليون چادرون ۽ هتيئي وڙهي رکيون اٿم.... (بدلائيندي)
چادرون بدلايان نيستائين توُن آرام ڪرسي، ٽيبل، اخبارون ۽ گلدستا
وغيره ڪٽي ڇڏ.

مدوءَ- او.... ڪي.... ممي! .... (انش-ٽري ڪڍندي) هان ممي، هيءُ انش-ٽري ۽
سگريٽ پلنگ جي پاسي ٽپائيءَ تي رکي ڇڏ.

مدوءَ ماءُ- ها ها... موڪي ڏي.... ۽ ها.... سامهون وهاڻن تان ڇهون ۽ لاهي ڇڏ.

مدوءَ- (ٻريان) ها ها.... ممي، هيءُ ڊائننگ ٽيبل ۽ واپس پٺ سان لڳائي ته
رکان.... (آواز)

دولترام- (سامهون ايندي) ها.... هن کي چئبو آهي موڪل جو مزو!.... موڪل ڏينهن
سوٽ قميص بدران هن گنجي ڪڇي ۾ ڪيڏو نه آرام ۽ فرحت آهي!....
مهمان ۽ موڪل ڏينهن مصيبت پيدا ڪريو ڇڏين... (پلنگ تي ويهندي)
مدوءَ ماءُ، سگريٽ ۽ انش-ٽري....

مدوءَ ماءُ- (وڃي) سامهون ٽپائيءَ تي رکيا اٿو!

دولترام- نه نه.... اهي مان پاڻ سان پلنگ تي رکي آرام سان اخبار پڙهندس.

مدوءَ ماءُ- (ويندي-ٻريان) جيئن وڻو تيئن ڪريو.... مان نه ساڙهي بدلائي پنهنجو
وڃي ٿي ڪم ڪريان.... (وڃي ٿي)

دولترام- مدوءَ.... او مدوءَ!!

مدوءَ- ييس ڊئڊي.

دولترام- هينئر ڪن کولي ٻڌي ڇڏ.... آئينده ڪنهن به مهمان کي پاڻ وٽ موڪل
ڏينهن گهر ۾ نه گهرائج.

مدوءَ- پر ڊئڊي، ڪو گلي-پڙو مهمان بنا ٽيلي جي اچي اڪاءُ ڪري نه پوءِ؟

مدو- چانهن توهان کي ملندي ڍنڍي، پر آشا جي اچڻ کانپوءِ.

دولترام- (پنهنجي منهن ۾ ٿورو شوڪارو ڀري) آشا جي اچڻ کان اڳ ئي هي حال آهن، پوءِ ته خدا خير ڪري.

(اوچتو دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز)

مدو- (چرڪ ڀري - آهستي) لڳي ٿو آشا اچي وئي!.... (هلندي) ڍنڍي، مان آشا کي وٺي اندر اچان تيستائين توهان اخبار وٺي پڙهجو... ۽ ممي، تيار ٿي اچي ته ڪيس پلنگ تي ويهڻ لاءِ چئجو....

دولترام- (پنهنجي منهن - آهستي) هل پٽ پريت!.... هيئنر ئي اهي حال آهن، شاديءَ کان پوءِ ته هڪ ٽنگ تي جهمرون پائيندءِ!!

مدو- (دروازو کوليندي) اچ اچ آشا! اندر اچ.

آشا- معاف ڪجانءِ مدوهر!.... توکي فون ڪرڻ کانپوءِ منهنجي ماسات موهنيءَ جو فون آيو. کيس ضروري ڪم لاءِ سڏايو اٿس.... هيئنر موهنيءَ جي گهر وڃي رهي آهيان. هي ته مون توکي اطلاع ڏيڻ ضروري سمجهيو، انڪري آئي آهيان.

مدو- پر آشا، صرف هڪ منٽ، ممي ڍنڍيءَ سان گڏجي وڃ...

آشا- نه نه مدوهر.... وري ڪنهن دفعي.... سچو ڏيهن.... مان ممي ڍنڍيءَ سان ڳالهيون ڪندس، اهو منهنجو انجام آهي.... (ويندي - ٻاهران) چڱو.... باءِ باءِ!....

مدو- (ٻڏڪيل آواز ۾) او.... ڪي.... باءِ....!.... آشا.... باءِ باءِ....!!

دولترام- (ٻرڀان) مدوءَ ماءُ، سامهون ڏس، تنهنجي پٽ جي ڇوڪريءَ تان هوائون پئيون اڏامن!.... ويچاري جي موهل اچڻ کان اڳ ۾ هاڻي ۽ وئي ۽ رڻ ۾ رلياسين اسان سڀئي.

مدوءَ ماءُ- (وڏو آواز) ڇو پٽ، آشا ٻاهران ئي هلي وئي ڇا؟

مدو- (ٻڏڪيل آواز ۾) ها ممي،.... اسان وٽ وري ڪنهن دفعي ايندي...

مدوءَ ماءُ- ٺيڪ آهي.... (دولترام کي) وري ڪنهن دفعي ايندي، ان ۾ پٽ تي ڪاوڙ ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور پيو آهي؟

دولترام- اڙي مدوءَ ماءُ، ڪاوڙ پٽ تي نه پر پاڻ تي ڪري رهيو آهيان، جو توهان جي چوڻ تي لڳي ڳچيءَ ۾ هيءَ ٽائي ٻڌم ۽ گدي ڪڇي مٿان هيءَ گرم سوٽ ڪوٽ پاتم، گهٽ ٻوساٽ ۾ موڪل جو مزو وڃائي ڇڏيم.

مدؤ ماءُ- (ٻوڙلدي) ها ها .... ٻر ڏرن ۽ ڏرڻ جا ٻڙدا اڪدم لڳي ڇڏ .... هڪ ٻڙدو ٻهوڻ ساهوڻ واري ڏر تي هڻي ڇڏ .... (ٻوڙلدي) ٻر ٻيٺ، هي ڪٿي رکان؟

مدؤ- اوه! .... اهو الش - ٽري؟ .... الش-ٽري .... ها، ٻي الحال اهو ڪٻٽ جي هيٺان اڇلي ڇڏ.

مدؤ ماءُ- پلنگ تي چادرون ۽ ٻون وڇائي ڇڏيان ....

مدؤ- ها ممي ... (اوچتو ساهوڻ ٻيءُ تي اکيون ٻولدي) اوه .... هالو الٻس آٽ ٻؤ ٻڏي! ... ها ها ها .... !!! ايڪسيلنٽ! .... ٻل سؤٽ ۽ ٽام ٻر ۽ ٻوهان هيرو ٽا لڳو هيروا! .... (ماءُ ۽ مدوءَ جا وري ٽهڪ) ها ها ها .... !!!

دولترام- (ڪنجهندي) مرؤٽا مؤس، ماڏؤڪسان شڪار! .... ٻل سؤٽ ۽ ٽام ٻالي موڪل ڏيڻهن گرميءَ ۾ مڻهنجو ساهه ٽو منجهي ۽ ٽوهان الء ٽماشو لي آٻو آهي.

مدؤ- (آرام ڪرسيءَ تي ويهاري) ٻڏي، ٽوهان هن آرام ڪرسيءَ تي ويهي هاڻ آرام سان هيءَ اخبار پڙهو.

دولترام- (وهندي) اڙي ٻر هوءَ مڻهنجي الش-ٽري ڪٿي آهي؟

مدؤ- ڏو ڏو ٻڏي .... آٿا جي وچڙ ڪاٻوءَ سي ٽوهالڪي سگريٽ ڇڪڻ الء ملندو.

دولترام- هي وري ڪهڙو ڪرڻو آرڊر آهي؟

مدؤ- ٻيس ٻڏي .... ٽوهان ڪجهه ۽ سمجهو.

مدؤ ماءُ- ٽوهان جون اهي سڀ شيون اسان سنڀالي رکيون آهن.

مدؤ- (ساهوڻ ٽهڪي-خوشيءَ وچان) آ .... ها .... ها .... ! هيءَ سائو گهر! .... وه واه! ... ڪيئن ٽا ٻاٻيو ٻڏي؟

دولترام- (ڏڏن وچر چپ چهلي) هو ٽو ٽڏن تي ٻوڻ ٻڙڪين! .... مڻهنجي الء ٻ جيئري ٻوزخ آهي ....

مدؤ- چڱو ممي .... اون هيڏهر فرسٽ ڪلاس ٽئين سانڍي ٻالي ٽيار لي اچ.

مدؤ ماءُ- (ويندي) ها ها .... ٻالا ٻو ڪو ڪم رهجي ٻ ڪوڻ ويو؟

دولترام- هڪ ڳالهه رهجي وئي مدؤءَ ماءُ.

مدؤ ماءُ- (پريان) اها وري ڪهڙي؟

دولترام- (زور سان) ڇالهه جي ٻيالي!

مدؤ ماءُ- (پريان) دلي مٺي اها ٽوهان جي جؤتيءَ لڳي ڇاڪ!

مڌو- چڱو ممي، جلدي ڪر .... مان ته تو هان کي ولايان .... ڊئڊي، پليز هماب مي!

دولترام- اوه .... يس .... ماءِ سن!

مڌو- ڊئڊي، توهان ممي ۽ مان .... اڌ ڪلاڪ اندر گهر جو نقشو بدلي ڇڏينداسين ... ممي، .... مٿي، ڪمرو ۽ پلنگ تان سڀ سامان ڪڍندي وڃ .... (ٻئي ڄڻا سان گڏ سنگيت شروع) هي ڪنڪ ممي! ڪڍندا وڃو.

دولترام- (سهڪندي) اڙي ٻر پٽ، توسان گڏ اسان کي ته اڄ ملٽري ٽريننگ ڪرڻي پوندي ڇا؟

مڌو- يس ڊئڊي .... اهو الش- ٽري، اخبارون، ڪتاب، سڀ ڪڍو! (ٻئي اچا ٽالين چالو) وڌي گڏ، ڊئڊي! ... (اوور ٽرسي) ٻه هڪ مٽ ٽرسو، ڊئڊي!

دولترام- (پڇندي) وري ڇا ٿيو؟

مڌو- ڊئڊي، مهرباني ڪري پنهنجي مٿي ۾ توهان ٻل سڙت ۽ ٽاءِ ٻانڌي ايار لٿي، هن آرام ڪرسيءَ تي اچي ويهي رهو.

مڌوءَ ماءُ- (پٽ کي) ها ها .... (دولترام کي) اسين اڄ جيڪا سڄو گهر ٻانهوءِ ٽا سجائي ڇڏيون.

دولترام- اڙي ٻر موڪل ڏينهن ٻل سڙت!؟

مڌو- (وڃي) نو نو ڊئڊي .... نو ايڪسڪيوز پليز! .... هينئر موڪل-موڪل ختم ته نه .... پليز ڊئڊي!!

دولترام- (ٿڌو شوڪارو ڀريندي) اُف .... اوه! .... ٻر هڪ شرط تي، ته جيئن تي آشا ويندي ته اهو ٻل سڙت جو ٿاهو لاهي وري سائين گڏجي ڪچي سان مان پلنگ تي ....

مڌو- (وڃي ڪٽي) الڪريڊ ڊئڊي! ... منظور آهي! .... (ٻاهران مڌوءَ ماءُ جا ٺهڪ)

دولترام- (ويندي- پنهنجي منهن) مار ٻوس، موڪل ڏينهن ان آشا چڱو رلڻي ٻه رولو وڌو!! (ٻاهران مڌوءَ ماءُ ۽ مڌوءَ جا ٺهڪ)

مڌو- ممي، هيءَ ڊائننگ ٽيبل ولاءِ .... وچ تي ٽا رکون .... (ميز سرڪڻ جو آواز) ها ... ۽ هي سڀ اخبارون اسٽور ۾ ٽا اڇليون .... (اخبارن ۽ پڻ جا آواز)

مڌوءَ ماءُ- پٽ، هي گلدستو ونڊائي جي مٿان ڪري رک.

مڌو- (ڊوڙندي) ها ممي، .... ۽ اون ليمپشادن اها ڪمرا جي آرسي اڳهي وٽ.

مدؤ- توهين ويٺا هجو، ٻڌي! مان تو ٽيليفون اٽينڊ ڪريان.
مدؤءَ ماءُ- آر آواز ڏينهن ٽيليفون جي گهنٽيءَ کي به آرام ڪونه تو اچي.
دولترام- اڙي چو ٽي ڦٽن ٽي لوڻ اڙڪين، مدوءَ ماءُ! .... موڪل جي ڏينهن به ٽيليفون جي گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي منهنجي دماغ ۾ ته ڏاڏارڪو دوڪان کلي ويندو آهي.
مدؤ- (فون تي) هيلو! .... هيلو!! .... مدوهر اسپيڪنگ! .... جي ڪير؟.... آشا.... ها ها .... چئه آشا .... جي .... ڇا چيئه، تون هينئر ئي گهر اچي رهي آهين!! جي، ڇا چيئه؟ .... (ٽڪو کلندي) هين هين .... نه نه ... مان گهٻرائبس چو؟ پر .... پر .... منهنجو مطلب هو نه .... تو شام جو اچڻ جو انجام ڪيو هو.... پوءِ وري .... ڇا چيئه؟ .... هن پاسي اچو ته ڪم اٿيئي؟ ٺيڪ آهي .... ٺيڪ آهي .... ڀلي اچ .... ڀلي اچ .... منهنجي مميءَ ۽ ڏئڊي به توسان گڏجي خوش ٿيندا .... او، ڪجي .... ٻاءِ!! .... ٻاءِ!!! .... (پرڪيل آواز ۾) ٻا .... ءِ .... !!!
(رسيور زور سان رکندي)
مدؤءَ ماءُ- (پريشان) ڇا ٿيو پٽ؟
مدؤ- (پريان هلندي) مري ويٺاسين، ممي!
دولترام- اڙي مرن اسانجا دشمن، وقت کان اڳي چو تو سيٺي کي مارين؟
مدؤ- غضب ٿي ويو، ڏئڊي.
مدؤءَ ماءُ- آخر ٿيو ڇاهي، پٽ؟
مدؤ- (گهٻرايل آواز ۾) ممي، آشا اچي رهي آهي.
دولترام- اڙي ٻر برخوردار، آشا اچي رهي آهي، ڪو جن ڀوت نه ڪولهي جو هيئن سٽ کلي بال وارا ساڌا پيو ڪائين!
مدؤ- (ڪمري ۾ ڦيرا ڏيون پائيندي) او او ڏئڊي .... هيءَ مذاق جو وقت ڪولهي.... هڪ لڪاپتيءَ جي ڌيءَ هن بگڙيل گهر ۽ توهانکي گندي ڪپڙي ۾ ڏسي....
دولترام- (وچڙ ڪٽي) اف .... اوه! .... گندي ڪپڙو . گندي ڪپڙو.... گندي ڪپڙو!!!.... گندي ڪپڙو نه ٿيو پيرومل جي پڳ ٿي پيئي! .... جيئن ملان جي ڊوڙ مسجد تائين، تيئن توهان ٻنهي ماءُ پٽ جي ڪاوڙ گندي ڪپڙي تائين!
مدؤ- (ٻانهن کان جهلي اٿاريندي) او او .... او ڏئڊي! هينئر مان توهان جي هٿ ٻه ٻڌندس .... مهرباني ڪري پلنگ تان هيٺ لهو.
دولترام- اڙ .... ڙ .... ڙ .... پر ٻانهن کان چو تو ڇڪين .... مان پاڻيهي تو هيٺ لهان.

ء ماءُ- } (ٻئي گڏ- حيرت وچان) اَئين! اڄ نٿي اچڻي آهي!؟
لترام- }

ؤ- ها ممي! ... مون آشا کي اچڻ جي ليٽر لاءِ ڏني آهي، پر هتي اچڻ کان پوءِ پنهنجي حالت تي افسوس ٿي رهيو آهي.

ولترام- افسوس؟

وءَ ماءُ- افسوس وري ڇا جو؟

ؤ- گهر جي بگڙيل حالت تي، ممي!.... ڪلاڪيءَ جي ڌيءَ ڏسندي ته ڇا چوندي؟ ... سامهون ميز تي ٻارڙيءَ جي نوڪري رکي آهي ... ٽپائيءَ تي ونڊيل صوف ۽ ٽاريل جون ڪلون، هيڏ - بسترا پٽ تي، پلنگ تي فائيل، اخبارون ائش- ٽري، سامهون صندل تي وهاڻي بدران ٻهارڙو رکيو آهي .... ڪبٽ جي آرسيءَ تي اڌ مڻ مٽيءَ جا تهه چڙهيا پيا آهن، پردن ۽ جهمل جا پراڻا پادر الين پيا آهن، جڏهن موچيءَ اڳيان هيٺئين دوڪان کوليو آهي ...

وءَ ماءُ- (وچ ۾ ڪٽي) تون خيال نه ڪر، پٽ ... مان سڀ ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.

ؤ- پيو ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو پر سڀ کان اول ڊئڊي، توهان اهو پنهنجو گنجي ڪڇو لاهيو ....

ولترام- (ڇرڪ ڀريندي) اَئين! ... ڇا چيئه؟.... گنجي ڪڇو لاهيان!؟

(مدوءَ ماءُ جا ٽهڪ) ... (لهجو بدلي) اڙي برخوردار، ڪجهه خبر پوئي ٿي ڇا چئي رهيو آهين!؟

ؤ- (پيل محسوس ڪندي) او.... نو.... ڊئڊي، منهنجو مطلب آهي ته توهان ان گنجي ڪڇي مٿان نئون سوٽ پايو.

ولترام- اَئين! ... نئون سوٽ!! ... اڙي سوا، موڪل ڏيهن؟ خبر ٿي اٿئي ٻوڪ منهنجي گنجي ڪڇي اِن جي من ۾ مولڻهه ڇو پيدا ڪئي آهي؟

ؤ- نو نو ڊئڊي! اها ڳالهه ناهي، پر آشا اچڻي آهي .... توهان کي هن حالت ۾ ڏسي، هڪ ڪلاڪيءَ جي ڌيءَ من ۾ ڇا سوچيندي.!؟

مدوءَ ماءُ- منهنجي نه ته، سڪيلڌي پٽ جي خاطر ئي توهان کي اها ڳالهه هاڻ مڃڻي ٿي پوندي.

دولترام- اڙي پر مان ته چوان موڪل ڏيهن توهين سڀ منهنجا دشمن ڇو ٿي پيا آهيو؟.... چار گهڙيون آرام سان ..

(اوچتو ٽيليفون جي گهنٽيءَ جو آواز) ... اَئين! .. موڪل ڏيهن هي وري ڪهڙو سپاهي جو سڪ ڦٽو، جو ٽيليفون ڪرڻ ويٺو؟

مدؤ- ممي، أهاني .... لڪاپتي سيٺ سيتاداس جي سڪيلڊي ڏيءُ آشاء

دولترام- اڙي پر صاحبزادا، تنهنجو ان لڪاپتيءَ جي ڏيءُ سان ڪهڙو سڌ و سنبنڌ آهي، اهو ڪولي سمجهاءِ ته!

مدؤ- اهو ئي ته، آشا موليسان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي آهي ۽ مان روز صبوح جو ڪيس اسڪوٽر تي ولي ويندو آهيان.

دولترام- هڪ ڇوڪريءَ کي ڪاليج وٺي ويڻ ته ڪهڙو ميرمارڻ! اڙي برخردار، مان تنهنجي عمر ۾ جڏهن ڪاليج پڙهندو هوس تــه پاڙي جي سيني ڇوڪرين کي پاڻ سان گڏ ڪاليج وٺي ويندو هوس!!.... پر تون پنهنجي سنبنڌ جو ڪلي درشن ڏي ته!

مدؤ- حقيقت ۾ ڳالهه هيئن آهي .... (سڪوچ وچان هٻڪندي) ته.... ته.... ته....

دولترام- (وچ ۾ ڪٽي) اڙي گهبرائين ڇو ٿو؟.... اڳتي وڌ برخوردار!

مدؤ- ٻيس ڊئڊي .... ڳالهه هيئن آهي ته مان ۽ آشا هڪٻئي کي پسند ڪري چڪا آهيون!

دولترام- (اُڇل سان) واه واه!.... واه واه!!.... ويـل ڊن ماءِ سن!.... او ائين .... اڙي هڻجي تــه سڪسر، باقي ان ۽ وڏن ساٿوبدرن مان ڪهڙو فائدو!!.... مدوءَ ماءُ!.... اپلي مدهن مدوڪراء، تنهنجو پٽ شيمهن ڪاهي ٿو چڙهي.

مدوءَ ماءُ- توهين به ڪمال ٿا ڪريو.... شيمهن ڪاهي ڇوڪريون چڙهنديون آهن ڪين ڇوڪرا؟

دولترام- اڙي مدوءَ ماءُ، سو هزار ڇڏي ليڪن ٿي ڪاهه ڪرڻ شيمهن ڪاهي چڙهڻ کان ڇا ۾ گهٽ آهي؟.... ها ته مدؤ پٽ، ڪڏهين ٿو....

مدؤ- (وچ ۾ ڪٽي) اوه.... او.... او.... ڊئڊي، اج کان وٺي موليکي انڊي اڪــر مدوءَ ته، مدوهر سان سڏيندا ڪريو.

دولترام- ويـري گـډ، ماءِ سن!.... اج کان وٺـي مدوهر ته ڇا، مان توکي مدوهر لعل ڪري ڇوڙلدس .... آخر لڪاپتي سيٺ اڳيان پنهنجي سڪيلڊي پٽ جي شان ۾ گستاخي ڪيئن ٿي ڪري سگهجي!؟

مدوءَ ماءُ- توهين هاڻ اهي سڀ اجايون ڳالهيون ڇڏيو.... (مدوءَ کي) ها پٽ، پلا آشا کي ڪڏهن گهر وٺي اچ ته، اسين به ڪيس ڏسون!

مدؤ- ڪڏهن ڇا ممي، هوءَ ته اج ئي اسان جي گهر اچڻي آهي.

- هڪ دنعو گهر مان وڃڻ جي ڳالهه ڪئي هئي مارٽنگ.... وري ٻيو دنعو گهر ۾ اچڻ جي ڳالهه مارٽنگ!.. (آهستي) ضرور ڪا گڙٻڙ آهي!.... (زور سان) ها ها پٽ، آهي نه سڪ؟ ... اڄ نه ڏاڍو خوش پيو لڳين؟

مدؤ- يس ڊئڊي!... سڀ ڳالهه لي اهڙي آهي جو ٻڌي توهين بـ خوشيءَ ۾ اڇلون ڏيندا....

دولترام- (وچ ڪٽي - ڇڙپي واري لوع ۾ - ٻوڙو ڪندي) .... جهڙي هوا سان ڳالهه ڪرڻ ڀال!

مدؤ- ڪريڪٽ ڊئڊي!!

مدوء ماءُ- اڙي ٻر اها انگريزيءَ ۾ گٽ مٽ بند ڪري سولي سنڌيءَ ۾ سمجهاءِ نه!

مدؤ- سولي سنڌيءَ ۾ مطلب اهو نه ممي، اڄ ڪالهوءِ اسان سڀني جا پير زمين تي نه پر آسمان ۾ هوندا.

دولترام- اڙي نه ڇا پٽ، تنهنجي پليان پاڻي تي سوار امراج اڇلو آهي ڇا؟

مدؤ- اوه.... نو.... ڊئڊي!... پاڻي تي سوار امراج نه پر آشا اڇلي آهي!

مدوء ماءُ-
دولترام- } (ٻئي گڏ - حيرت وچان) آشا اڇلي آهي!؟

دولترام- (وري) آشا اڇلي آهي!... (ٻوڙو ٽرسي) اوه!.... هاڻ سمجهه ۾ آيو.... شايد امراج موڪل تي واپس هوندو، انڪري پاڻي تي سوار تي آشا اڇلي آهي.

مدؤ- اوه ... نو.... ڊئڊي .... اهو پاڻو وري توهان ڪٿان آندو؟

دولترام- اڙي پٽ، پاڻو مون نه پر تو آندو.

مدوء ماءُ- اُف .... اوه!... پاڻو!... پاڻو!!... پاڻو!!!... مان ٿـي چوان توهين وڏهو ڇا لي ٿا؟ .. اهو ڪو پاڻو آهي ڪٿي؟؟

دولترام- اها به سچي ڳالهه آهي. پاڻو آهي ڪٿي؟ (ٻوڙو ٽرسي) نه نه مدوء ماءُ.... پاڻو آهي نه برابر ڪوله، پر پاڻو اڇلو آهي.

مدؤ- اوه!.... پاڻو نه ڊئڊي، پر آشا اڇلي آهي.... ۽ اها به اڪيلي اڇلي آهي.

دولترام- اوه!... اٿين آهي.... نه جڏهن هن دنعي ويچارو پاڻو نه بيمار ٿي پيو آهي.

مدوء ماءُ- وري اهوئي پاڻو!.... مان ٿـي چوان، توهين هيڏو بس ڪري وهو، مان ٿي ڳالهايان....

دولترام- ها ها... مدوء ماءُ، مون بس ڪئي، هاڻ هن ميداني جنگ ۾ تون وارو وٺ.

مدوء ماءُ- ها پٽ، هاڻي تون مون کي سولي سنڌيءَ ۾ سمجهاءِ نه ڪهڙي آشا اڇلي آهي؟

توکان موکان ۽ سڪيلڌي پٽ مدوءَ کانسواءِ گهر ۾ ٻيو آهي ئي ڪير؟

مدوءَ ماءُ- اف.... اوهه!.... اهو ئي، توهان کي سمجهائڻو پوندو! مان ٿي چوان جوان جماڻ پٽ آهي، اڄ نه ته سڀاڻي سندس شادي ٿيندي. گهر ۾ ايندي ٻيءَ ايندي، تڏهن به توهان ائين گندي ڪڇي پاڻي وهڻ جي عادت نه ڇڏائيندا؟

دولترام- اڙي ايندي ٻيءَ کي ته پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏينداسين! پر ان کي اڃا ته ڏي، ڏاڍو ويندو.... تيسيتائين ته موڪل جا مزا ماڻڻ ڏي.... (لهجو بدلي) پر اهڙي هاڻ وڏي ٻڪ ٻڪ ڇڏ.... ٻڪوان تنهنجي مدوءَ جي ڳالهين ۾ برڪس وجهندو. ڀلا هاڻ ته چانهه ڇڪي پيار.

مدوءَ ماءُ- هاڻ اهي مسڪا هڻڻ ڇڏيو....

دولترام- اٽين!.... مسڪا!؟

مدوءَ ماءُ- ها ها.... مسڪا.... چانهه جو ڪوپ ملندو، پر هڪ شرط تي....

دولترام- اوهه!.... وري اهو ڪهڙو شرط آهي؟

مدوءَ ماءُ- اهو ئي ته، توهان پلنگ تان هيٺ لهي، اٿل ڪرسيءَ ۽ پلنگ تان پنهنجا فائيل، ڪاغذ، اخبارون هٿ بسترا ۽ ٻيو سڀ اٿل پٿل سامان ٺاهيڪو ڪري رکڻ ۾ منهنجي مدد ڪندا....

دولترام- پر اهو سڀ ڇا لاءِ؟

مدوءَ ماءُ- ان لاءِ ته جيئن موڪل ڏينهن ڪير اچي ته ائين نه سمجهي ته اسان جي گهر بدران ڪنهن ڪتن جي پالڻي ۾ گهڙيو آهي.

دولترام- (حيرت وچان) ڪتن جو پالڻو!؟

مدوءَ ماءُ- ٻيو نه ته وري ڇا؟.... موڪل ڏينهن گهر کي جانورن جو واڙو نه بڻائي ڇڏيو.

دولترام- (اوٻاسي ڏيندي) لڳي ٿو مدوءَ ماءُ.... موڪل ڏينهن مونکي چانهه ڇڪيءَ تان هٿ ڪڍڻو پوندو.

مدوءَ ماءُ- چانهه جو ڪوپ توهان کي ملي يا نه ملي، پر هينئر توهان کي پلنگ تان اٿڻو ئي پوندو.

دولترام- نه ڇڏيو ان راڄائي فرمان کي اڄ مان ڏيڻو ئي پوندو.

مدوءَ ماءُ- توهين ڪجهه نه سمجهو پر....

مدوءَ- (اوچتو ٻاهران ايندي) هيلو!.... گڊ مارننگ ڊئڊي!!

دولترام- ويري گڊ مارننگ!.... ويري گڊ مارننگ.... ماءِ سن!!... هين هين. صبوح جو

دولترام- (ننڊون سڏيون ڪندي) آ... ها.. ها.... ها.. ! مدوء ماءُ! هيٺين ننڊون ٿيڙي پاڻهون ٿيري، هڪ هٿ ۾ سگريٽ ۽ ٻئي هٿ ۾ چانهه جي ڪوپ مان چانهه جو چشڪو وٺندي، جيڪو موڪل جو مزو آرام ڏيئي اسانکي ملندو آهي نه، اهڙي ٻوڪي ڪهڙي خبر... هه. هه.... سچ ڪري پڇين، مدوء ماءُ!.... موڪل ڏينهن نه اسين ستين آسمان جو سير پيا ڪندا آهيون!

مدوء ماءُ- (ٺٺوليءَ وچان) چڱو هاڻي سوامي جي، ستين آسمان جو سير سمايت ڪري، ٻڙويءَ لي ٻير رکي ڪجهه ٻڪڙ ٻل گهر ڏانهن به نظر ڊوڙايو.

دولترام- (آلس موڙيندي) اُف... اوهه!.... تنهنجي گهر کي وري ڇا ٿيو؟

مدوء ماءُ- توهان جي موڪل ڪٿي گهر ٻاڙي نه پورو ڪري. اڪري جوان ٿي نه مهرباني ڪري استري ٿان اهو استرو نه لاهي هٿ ٿلو ڪرايو.

دولترام- (حيرت وچان) ائين! ... ڇا چيئه؟.... استرو!؟

مدوء ماءُ- ها ها.... اهوئي مٿو رلي مٿل- استرو.... جنهن ۾ ڏيئي مٺ سگريٽن جي رکـ پري چڙي اٿو!

دولترام- (زور سان ٽهڪ ڏيندي) ها.... ها.... ها....!!.... اڙي واهه ڙي واهه، مدوء ماءُ! واهه واهه!!.... استرو!!.... (وري ٽهڪ ڏيندي) ها ها ها!!!.... اڪري نـ جوان ٿو مدوء ماءُ.... هي نه ٻچوان انگريزن کي مت ڏئي جو وقت ڪان اڳي استرو گول ڪري ويا نه نه. تنهنجي واٽان انگريزي لفظ ٻڌي ويچارا جيئي چيلهه لي هٿ رکي ڪنجهندا رهن ها.

مدوء ماءُ- ٻر ان ۾ ڪاٺ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

دولترام- (کلندي) اڙي ٻچوان ٻاو ڪرائي، استرو نه ٻر ائش - ٽري چئه، ائش - ٽري!

مدوء ماءُ- توهين ڪجهه به چئو.... ٻر مطلب جي ڳالهه ڪريو نه.

دولترام- وري ڪهڙي مطلب جي ڳالهه؟

مدوء ماءُ- اهائي نه اڄ سڄو ڏينهن توهان گهر ۾ گنجي ڪڇو ٻاڻي ويٺا هوندا ڇا؟

دولترام- ڪمال آهي!... گنجي ڪڇو مون ٻاتو آهي، تڪليف توکي ٿي رهي آهي.

مدوء ماءُ- وري اهائي تڪليف!

دولترام- اڙي بابا، منهنجو مطلب آهي تـ منهنجي گنجي ڪڇي ٻائڻ سان توکي مونجهه ڇو ٿي رهي آهي؟

مدوء ماءُ- مونجهه مونکي نه ٻر ٻين کي ٿي سگهي ٿي.

دولترام- (حيرت وچان) ائين!.... ٻين کي مونجهه!.... اڙي ٻچوان ٻلو ڪرائي، هتي

آشا اڇٽي آهي

- چمن شرما

ناٽڪ جا ڪردار—

ديوان دولترام	- سرڪاري ملازم - خوشمزاج سڀاءُ	عمر ٥٢ سال
منوءَ ماءُ	- سنڌس ڌرمپتني	عمر ٤٨ سال
منوُ (منوهر)	- پٽ - ڪاليج ويندڙ - آزاد سڀاءُ	عمر ٢٥ سال
آشا	- منوءَ سان ڪاليج پڙهندڙ	عمر ٢٢ سال

(ديوان دولترام پلنگ تي ويٺي ويٺي سگريٽ ڇڪي رهيو آهي - پاسي ۾ ائش ٽري رکيل آهي - سڄي گهر ۾ سامان هيٺ مٿي ۽ ٻگڙيل حالت ۾ پيو آهي.)

دولترام- (اوٻاسي ڏيندي) اڙي ڀڳوان ڀلو ڪريئي، منوءَ ماءُ! اڙي او منوءَ ماءُ!!.... (وري اوٻاسي ڏيندي - پڙهان) اڙي ڀلي هيءَ اوٻاسين جو آزار دور ڪرڻ جو ڪو ڀاو ٻڌائي ڪر، سو نه منوءَ ماءُ، ڪٿي چانهه جي پياليءَ ڪا سواءِ ٿي آخرين اوٻاسي نه اچي وڃي.... پوءِ موٽڪي نه ڇٽجانءُ....

منوءَ ماءُ- (وڇوڙ آواز) مان ٿي چوان آخر آهي ڇا؟... صبوح جو اٿي مان آئي پلنگ تي ويٺي ويٺي چانهه سگريٽ ۽ اوٻاسيون ٿي ڏيندا رهندا يا ٻيو ڪو گهر جو ڪم به ڪندا؟

دولترام- (وري اوٻاسيءَ وچ ۾) منوءَ ماءُ!.... ڀلي اڄ موڪل جي ڏينهن نه ٻرام سان پلنگ تي ويهي اهي ٺڪريءَ جون اوٻاسيون ڏيئي، موڪل جو مزو ماڻڻ ڏي (وري اوٻاسي) اڙي باقي گهر کان آفيس ۽ آفيس کان گهر واري روزاني چڪر ۾ نه گهاڻي جي ڏهٽ والگر اڌ عمر نه اڳئي پوري ٿي وئي آهي....

منوءَ ماءُ- مان ٿي چوان آرام جي به ڪا حد ٿيندي آهي.... سڀ اڄ ڪاٻار ٽائين هند بسترا ڪٿان ڏيو. پيتو آهي ڀر ٿوهان، نه ٿا پلنگ جي ڀر چڙ ٻو نه ٿي ٿا.

ڪشور- هيءَ نه ڪا مونکي وارن ڪافي جي ڌن آهي! (ڳائي ٿو)

”ٿار مان اٺرون ڪلي ٿاڪ اهارن جو ڪيو اوـــ

هي...... هان ــــ آن ...... آن ...... آن......“

ـزـ (ناڙي وجائي، واڪي سان) بنڪرا ڪا! اٿڪل (ٻاهين ٿان ڇڏڙي) اڄ نه لوعالڪي اها ڪافي ٻڌائي لي بولدي.

اسي- (ڪاي) ٻاهين ڪسي بڙا! اها ڪافي ڳائي سيتي وجالبعدو ڪو نه ماٺهين ابجي بالڪميءَ ۾ بوهندي هئي!

ڪشور- اڇا! نه بوه هتي جو ٻاٻر (ٻنهي هٿن جون آڱرين ٿو مٽائي) لي واو الحي؟

واٺ- جا لي واو الڪل؟ سنڌيءَ ۾ ٻڌاءِ نا؟

(سڀ کلن ٿا. آشا شرمائجي لي ۽ موهن ڏانهس اهاري ٿو.)

□□

Add: 51, "Sangeeta", Behind Telephone Bhawan, Colaba, Bombay-400005.

آشا- (واڙيءَ تي) توهين هي سڀ ڪجهه ڇا چئو ٿا؟ (مڙس کي) پڙهيا لکيا ماڻهو،
ڀرايو رستا ۽ مڪان - ۽ ٻيهر رکو ٿا ٻولين جي!

موهن- ڀلائي ته ڪمال آهي نه؟ (ڪاڏي تو- آشا ڏانهن نهاري) ڪشور! توهان ساهت
جو نه ڪڏهن سرجڻ ٿيندو آهي جڏهن ٻهڪندا امنگ اُڀرن ۽ لاڏن ۾ وڌندڙن
وٽ زمين هجي. اسين جيان اهي ڪمس نه زمين مان ٿي ٺهي اڪرندا آهن.

ڪشور- زمين ته اسان کان وڃي سا وڃي! (ٿڌو ساهه کڻي تو) جن اڳوان کي هندو-
سنڌين کي زمين ڏيڻ جو اڪر رکڻا ڪهندو هو، تن رکيو اُسي ڪين! سماسي
اڳوان راڄڌاني عهدن جي ٻڌان ٻوڻ ۾ ٻورا، ٻيا اڳوان ڏاڍا ۽ مندر
ٺهرائڻ ۾ مشغول ۽ سماجڪ ڪاره ڪرڻا ڏيهون ٻرائڻ ۾ رڌل رهيا! افسوس!

هاسي- اُتي افسوس ڇا جو؟ ڏڏو ڪهڙو ڪو ٿيڻ ٻولڻو آهي ڇا؟ اوهين جوان نه هجڻ
ڪرمن تي همٿ هٽي وهندا ته ڪم ڪجهه ٿيندو؟ ڪو نه ڪو اُپاءُ ڳولهيو نه؟
ٻين جيان اوهين جوان افسوس ڪجهه وڃي ڪندا؟

ڪشور- اَمي! اسانجو مسئلو ڏکيو آهي ته انجو حل نه سهنجو ڪو اهي.

آشا- اَمي سچ ٿي چوي. ٻهودي ڏکين اڳڃي اڪتا ته پهنجين جمر ڀوميءَ جي
ياد قائم رکيائون. فلسطينين جو اهڙو حال ٿيو ته اهي هٿيار کڻي لڙي رهيا
آهن. صرف پارسي ٿي آهن جن وطن تان همٿ کڻي ڇڏيو آهي. اسانجي حالت
انهن ٻنهي قومن کان نرالي آهي. مان سمجهان ٿي ته جمهوريتن دانشمند ۽
مفڪر ڪو حل ڳوليهي ڪين تمسڪتن اسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي يعني
ٻولي ۽ ساهت - سو قائم رکڻ جي ازحد ڪوشش ڪرڻ گهرجي.
(اُنجو تاڙيون ٿي وڄائي. موهن ڏاڍي پيار مان آشا ڏانهن تو نهاري. هاسي
آشا جي پٺي تي ٿڦڙي.)

ڄوُ- ڀلي! توهين چوندا آهيو ته هر مشڪل جو حل آهي ۽ هر مرض جو علاج.
جڏهن اوهين ڪجهه ڪري نه سگهيا ته اسين ڪجهه ڪنداسين. (تاڙي
وڄائي) نه نه سوالُ ويٺو آهي. (سوالُءَ جي پٺيءَ تي ڌڪ هڻي) ڪجهن
سنڌي ڇا! سنڌيءَ کي وڃائيندين نه؟

اُوُ- (ڄاليءَ تي ڌڪ هڻي) ها.... مان نه سچو پچو سنڌي آهيان نه! دس سنڌي
ڪالهايان (ڳالهايان) ٿو، سنڌي لِکس جان (جوان) نو ۽ سنڌي ٻاجهڙ کايان
(کاوان) ٿو....

(سڀ کلن ٿا - موهن خوشيءَ وچان سڀني ۾ ڪا ڏن ڳالهي او)

آشا- ڇو؟ ڪڇي ٻولي جو آهي؟

ڪشور- ها- اها جو هيترا سال جيئري رهي آهي؟

موهن- اها سنڌ جي ڪري تي زنده رهي هئي، ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ جو ڏٺو يا اُپڀاشا تي پئي رهندي آئي. پر ڪشور! ڪڏهن سوچيو اٿئي ته ڪڇين کي اساڄي ملڪ جي آهر ڳالهين ۾ ڪهڙي تي اهميت ملي؟ آزاديءَ کانپوءِ هماچل پرديش ٿيو، آنڌرا پرديش ٿيو، پر ڪڇ راڄ، يعني State ٿي سگهيو؟

(آشا ۽ ڪشور ٻئي ڪجهه وقت جواب ڏيئي نه سگهن)

آشا- اها ڳالهه مون ڪين سمجهي. (ليزاريءَ سان) تون سمجهاءِ نه؟

موهن- (هاڻي آشا ڏانهن نهاري ٿو) ڏس! جيڪا ٻولي صرف گهر ۾ ڳالهائبي اها وڃندي سسندي يعني لٺ وڃندا گهٽجا! الڪري اها ٻولي اهميت وڃائي ڇڏيندي. سياسي لحاظ نگاهه کان اهڙي سنڌ ٻولي ڳالهائيندڙن جي اِسا اهميت نه رهندي آهي. ڪڇين کي نه ڪڇ پرانت نه مليو آهي، پر سنڌ پلٽي پيل ضلع جي ترقي ڪرڻ ۾ به سستي ۽ ٻيا لاڀي ڪئي پيئي وڃندي آهي!

آشا- تنهنجو مطلب ته ڪڇ جي پلٽي پيل هئڻ جو سبب اهڙي آهي ته اُهي پنهنجي ٻولي صرف ڳالهائڻ تائين نه محدود رکن؟

موهن- اڌهن وري ڇا؟ جنڪي پنهنجي ٻولي ته لکڻ پڙهڻ لئي اچي سي ڪاروباري ڪيئن لبندا؟ ڪهڙي قسم جو ڪاروبار هلائيندا آهي؟

اُڄو- ڏاڍي! موڪلي ته سمجهاءِ نه؟

ڪشور- پلا اج موڪل ولڻ جو خيال اٿئي؟ تون ته آهين آفيسر، پر اساڄي مٿان جيڪو آفيسر آهي سو ته ڳالهه ڏيندو!

موهن- تون ڪري ڪٿي اڌ ڏينهن جي موڪل گهر - يا ڪو بهانو ڏيئي ڪلاڪ ڏيڍ ڏيڍ سان اچڻ لاءِ چئو....

ڪشور- (ڪشور اُٿي تون تو گهمائي) هلو ...

موهن- ها پٽ، پڌ! جڏهن ٻوليءَ ۾ ساهت يعني Literature پيدا ڪجي تڏهن کي تسي ڀاشا يعني Language چئجي ٿو. جيڪا ٻولي صرف ڳالهائجي تي اُن کي اُپڀاشا يا ٻوليءَ جو ڏٺو يا dilect سڏجي ٿو.

ڪشور- (تون تسي ڳالهائي واپس اچي ويٺو آهي) پر ان اُپڀاشا ۾ لوڪ ساهت يعني Folk Literature ته پيدا لبندو آهي؟ ڪڇيءَ ۾، ڪريءَ ۾، لاڙيءَ ۾ جهجهو تي Folk Literature آهي!

هندوستاني هندو آهن جي هندوستان کان ٻاهر سالن جا سال رهيا آهن پر وه به اُهي هندو آهن! ليکن....

موهن- جيڪڏهن Hinduism جي فلاسافي، مثالاجي وغيره بابت اُهي نه ڄاڻندا هوندا ته انهن جا صرف نالا هندو هوندا باقي ٻيو ڪجهه ڪين!

ڪشور- جتي پاڪيٽس يا ڪالونيون آهن جيئن ڪلڪتي جون پسگردايون يا احمدآباد جو ڪنبيرو، اتي نه سنڌ پٽو ٻڌي سگهي ٿو. جڏهن يورپ جي جدا جدا ملڪن مان ڪي ٽوليون امريڪا ويون هيون تڏهن اڍ مٿي صديءَ تائين هر هڪ ملڪ جا اُتي ”پاڪيٽس“ هوندا هئا جتي انهن جي فرينچ ٻولي يا اٽالين ٻولي ۽ رواج قائم رهيا هئا.

موهن- پر پوءِ اُهي سڀ ٻوليون گم ٿي ويون ۽ رواج به عدم موجود ٿي ويا! ڪشور يار! اسانکي اها ڳالهه ڇٽيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته ڳالهائڻ واري ٻولي ٻچي پر ”دهلي نه اڃا دُور هي اُست نه!“

ڪشور- يعني؟

آشا- (روسامي مان) منهنجو وس پڄي ته ٻارن کي جيڪر سنڌي اسڪول ۾ موڪلاي!

ڪشور- سنڌي اسڪول؟ بمبئيءَ ۾ سنڌي اسڪول آهن؟ ڪٿي ڪئمپ پاسيرو هوندو ۽ نه اُتي ڪهڙا ٻار پڙهندا هوندا؟

موهن- (ڪشور کي) تنهنجو پيءُ ڏاڏو سنڌي اسڪول ۾ نه پڙهيو هو؟ ۽ ڇا سنڌي اسڪول ۾ پڙهي منهنجو يا تنهنجو پيءُ پڻيوالو ٿيو هو- جو اُدن خنده زني ٿو ڪرين؟

(آشا ۽ ڪشور هڪ ٻئي ڏانهن ٿا نهارين)

ڪشور- خنده زني ڪٿو ڪريان، حقيقت ٿو بيان ڪريان!

موهن- (وچارا ڏيئي) حقيقت ٿو بيان ڪرين! سنڌي اسڪول جو مٿول ٿا اُڏايو ٿوهين! سنڌي اسڪول ڇٽي جنڻ ڪنهن نفرت جوڳي آستان جو نالو ٿا وٺو؟

ڪشور- نه موهن، ائين ناهي. مان به نه سنڌي اسڪول ۾ ڪي پڙهيو آهيان. اجمير ۾ نه اسانجو ڏاڏو سنڌو اسڪول هو، پر مان اڄ جي ڳالهه ٿو ڪريان. يعني اسانجن ٻارن جي! اُهي انگريزيءَ ۾ نه پڙهندا ته اَلو ٿي پوندا!

موهن- خير.... اَلو جو پيءُ ٿي سهي! پر اِها ڳالهه سمجهه ته ڳالهائڻ واري ٻولي گهٽو وقت جئاءَ نه ڪندي آهي!

اِها اولي سگهي ٿو.

ڪشور- (زور ڏيئي) Correct! ٻوليءَ کي ”ماحول“ گهرجي آهي.

انجو- ماحول؟ آهو وري ڇا آهي؟

ڪشور- (ڪمن جي ٻارڙن لاءِ اٿي هٿ رکي) ماحول معنيٰ atmosphere ... ۽ atmosphere معنيٰ واتاورڻ (موهن کي) ڏس موهن! انگريز هتي هئا ته هر ڳچڙ لاءِ ٻه ٻه ٻارنهي ڪندا هئا ۽ انهن ٻارنهن لاءِ انگريز- ٻٽي جو ماحول پيدا ڪندا هئا....

موهن- پر ماحول پيدا ڪندڙن پر به هڪ قسم جو Sens of belonging هجي نه؟ انگريز پنهنجو انگريز ٻٽي وارو ماحول ان ڪري پيدا ڪندا هئا ڇاڪاڻ ته انهن کي معلوم هو ته اسانکي ”پنهنجو انگلنڊ“ آهي ۽ ”انگلنڊ اسانجو پنهنجو آهي.“

(آئي آشا به اندران هلي آئي آهي. هوءَ چپ چاپ اچي انجوءَ سان وڃي آهي.)

انجو- منهنجي هڪ يهودڻ Classmate آهي. اها به چوندي آهي ته ننڍي هوندي کان ولس اسانکي ٻڌائيندا هئا ته - ”اسين جيروسلم جا آهيون ۽ جيروسلم اسانجو آهي.“

ڪشور- ڀلا پارسين کي ڪهڙي قسم جي belonging آهي؟ آهي ڪهڙي ديش ڏانهن لا لهار ٻن؟

موهن- پارسين وٽ پنهنجو هڪ خاص ڌرم آهي. منهنجي خيال ۾، هڪ تمام وڏو Powerful force آهي.

ڪشور- پر موهن! اسانجا سنڌ ورثي پاڻ آهن جي صدين کان سنڌ کان ته ڇا پر هندوستان کان به ٻاهر رهندا آيا آهن. ورهاڱي کان اڳ ڪٿي سنڌ ڏانهن belorging هوندن پر هاڻي به آئي پنهنجو سنڌيٽو قائم رکي ويٺا آهن! جمڪاهن وچ... انڊونيشيا وچ يا منيلا وچ.... اسين وچ يا سنگاپور وچ آهي پنهنجو ”سنڌي ماحول“ قائم رکن ٿا. ڇلي ڪن، ڪهڙي ڪن، آئي ستيہ نارائڻ جي ڪٿا لئي ۽ سب ڳار ڳالهه ٽنل سنڌي به ڳالهائين!

هاسي- ٻاهر لگي به نه بمبئيءَ کي! مٺا اسانکي ته جيئڻ لاءِ لنا ڏين!

موهن- امي! اهي مٺا اسين لاءِ آهيون! پنهنجي پيرن ۾ ڀاڻ ويٺا ڪهاڙو هڻون!

(آشا منهن ٻئي پاسي ڪري)

ڪشور- سچ ٿو چوين! ٻالڪي ڀوائڻ جا ختم ڪرڻ اسانجي هٿ ۾ آهي. پر اسين نه رڳو پنهنجي ٻوليءَ کي بلڪ پنهنجي سنڌيٽي کي ٻيار لنا ڪراون.

آشا- (همت ڪري) ۽ سنڌيٽي جو مدار صرف ٻوليءَ تي آهي ڇا؟ گهٽائي

آشا- مون ڪجھه چيو ڇا؟ چوي ٿي ته توهانجو پٽ ٿو نه؟

موهن- (اچا ٻه وڌيڪ ڪاوڙ مان) ڳالهه کي ٽاريو وڃڻ سان ڏي! (تيز آواز ۾) مان پڇان ٿو ته "ڪم لٿي اچي" جو سبب ڏيئي يا "وهنواري ڳالهه" جو بهانو بڻائي تون منهنجن ٻارن کي ڪرستان يا ٻئي جا ٻار بڻائيندينءَ ڇا؟

آشا- (ڪن ۾ آڱريون وجهي.... روئڻهارڪي ٿي) مون بس ڪئي! منهنجي ٻاپي ٻه بس ڪئي! هاڻي چپ ٻه ڪريو نه؟ (اندر هلي ٿي وڃي)

(اُن وقت در تي گهنٽي وڄي ٿي. ٿوري وقت بعد نوڪر اچي ٿو دروازو کولي.)

ڪشور- (اندر اچي) ڇو؟ اڄو پٽ! اڄ تو منهنجي در کولڻ واري ڊيوٽي ٿي پوري نه ڪئي؟ (سيٽي ڏانهن نهاري) اڄ سڀ ماٺ ۾ آهيو؟ منهنجو اچڻ نه وڻيو اٿو ڇا؟ مان ته ٻائي فقط ڪار (Car) جي لالچ ڪري ايندو آهيان....

هاسي- تون ڇو ٿو دل ۾ ڪرين؟ ٿيو ته ڪنهن کي ڪجهه نه کولهي. انهن ٿي سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهه تان جوءِ مڙس وڙهي پيا آهن!

ڪشور- (ٽهڪ ڏيئي) شڪر الله اڪبر جو! اسانجي سنڌي اچا اهڙي ته اهميت رکي ٿي نه، جو هنجو ٽالو وٺي جوءِ مڙس ٻه وڙهي سگهن ٿا! ٻائي- مون ته سمجهيو ته سرڳواس ڪري ويئي آهي ۽ توهين ٻه سندس "مارڪو" ملهائيندي ماٺ ٿي ويا آهيو!

موهن- ڇرٻو ٿيو آهين ڪيئن؟ ڪون جيئرو ويٺو آهين ته تنهنجو واٽ ڪيئن مرندو؟ ۽ مان ٻه پوريءَ طرح زنده آهيان. مجال آهي ڪنهنجي جو منهنجي واٽ واري زبان منهنجي مک مان ڪڍي اُنکي ماري سگهي؟

ڪشور- موهن يار! جذبات کي ڇڏ، حالتن کي ڏس. تنهنجو منهنجو واٽ ته جيئرو آهي، پر ان واٽ واري زبان ٿورو اڳتي هلي اسانکي اولاد ٽائين رسڻ وارو مفاصلو نه طئه ڪري سگهي! ايتري ٿوري پنڌ ٽائين ته هوءَ هلي نٿي سگهي ته پوءِ اُنکي خطرو نه ٿيو؟

موهن- اهائي ڳالهه ته آشا کي سمجهائڻ پيو ته ٻارن ٽائين اسانجو ورثو پهچاءِ. ٽالون ٿي نه سمجهنديون ته پوءِ ڳالهه ڪيئن ٿيندي؟

انجو- (هٿ مٿي کڻي) ڊئڊي! مان ڪجهه چوان؟

موهن- چئو پٽ! هن ڳالهه جو واسطو توهان ٻارن سان ئي ته آهي!

انجو- ٻيو ٻوليءَ جو واسطو جيترو ڳالهائڻ سان آهي اوترو پڙهڻ سان به آهي. الٽا پڙهڻ سان گهڻو ڪجهه سکندا آهن. ٻار ته جمڻ شرط ماءُ جي ٻولي ٻڌندي ٿو ۽

موھن- آڇوُ! اڄ کان مان ھڪ پڻ ٿو ڪريان. نہ ھر روز توکي سنڌ، سنڌ ۾ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت ڪجھ نہ ڪجھ ٻڌائيندس. اوھ ڪي؟

سوانَ- ڏاڏي! اڄ تسي ٻڌايو نہ؟ .... اصل ھيٺئر ٿي.... مونکي او ھڪ ٻوتر (Poem) ۽ ٻاٻو وٺندو آھي (سر سان) "چڙي چوڪري چم جي.... ڳائي جھڏا ٻير...." اسانجي مميءَ جي مميءَ جو گھر آھي نہ؟ اُتي ھوءَ اُيتا آھي نہ؟ ھوءَ مونکي چئندي (چوندي) آھي "چوڪرو چريو.... واٽي گھڙيو...." نہ مان ٻہ کيس 'چم جي چوڪري' چئندس (تاڙي وڄائي) ٻوھ نہ ٻاٻو مچو (مزو) ٿيندو.... ھا.... ھا...

(اُشا آلا وار ٽوال سان سڪائيندي اچي ٿي)

اُشا- ھتي اُبوڻ ٻيٺي ٿري! ھتي توھين ڇا وٺا ڪريو؟ آفيس ۾ وڃڻ ڪين الو ڇا؟

سوانَ- ٻيا اسانکي سنڌي ٿو سيکاري.... (ڦيري ٻالي تاڙيون وڄائي) اُب ڦري چڊي (چڊب) ڦري.... دادي مان! دس!

اُشا- ھي اڄاڻون ڳالھيون وري ڪٿان آيون آھن؟

موھن- سنڌي سکڻ اڄاڻي ڳالھہ آھي؟

